ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 07 جولاءِ 2026ع 21 محرم الحرام 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 رپيا شمارو(321)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

مودي ٻڌي وٺ ته اسان سنڌو درياهه جو دفاع ڪنداسين، جنگ ۾ وڙهڻي پئي ته ان لاءِ به تيار آهيون: بلاول ڀٽو

اسان چاهيون ٿا ته نريندر مودي تنهنجي سازش ڇا آهي، تون افغانستان جي ذريعي ڇا ڪرڻ چاهين ٿو، ڀارت کي جنگ جي ميدان تي مليل شڪست هضم نه پئي ٿئي

اسان سنڌو طاس معاهدي تي ڪو به سمجھوتو نه ڪنداسين، هاڻي هو ايران وانگر هتي به ماڻهن کي ورڪائي رهيا آهن، ايراني شهرين اسرائيلي سازش کي ناڪام بڻائي ڇڏيو

مخالفن جي هر سازش ناڪام ٿيندي ۽ اهي ڪامياب نه ٿيندا، وزيراعظم شهباز شريف جو ٿورائتو آهي جنهن اسان جو مينڊيٽ تسليم ڪيو ۽ مسلم ليگ (ن) اسان جي حمايت ڪئي

گلگت بلتستان جي مسلم ليگ جي نمائندن اسان جي حمايت ڪئي، اسان گڏجي هن خطي جي ترقي لاءِ ڪم ڪنداسين، گلگت بلتستان جو عوام اڄ به ذوالفقار علي ڀٽو کي ياد ڪري ٿو

گلگت بلتستان جي عوام ڊوگرا راڄ کان آزادي حاصل ڪئي، پيپلز پارٽي ملڪيت جي حق جو جيڪو واعدو ڪيو آهي، ان تي عمل ڪيو ويندو، توهان کي ڪو فرق محسوس ٿيڻ نه ڏبو

رڳو اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي، هي توهان جي پنهنجي زمين آهي، توهان کي فيصلو ڪرڻو آهي ته هن زمين جو ڇا ڪرڻو آهي، سياري کان اڳ گلگت بلتستان ۾ مڪاني چونڊون ڪرائينداسين: پ پ چيئرمين جو جلسي کي خطاب

گلگت (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته سنڌو درياءَ جو دفاع ڪنداسين ۽ جيڪڏهن جنگ وڙهڻي پئي ته ان لاءِ به تيار آهيون پارٽي حڪومت کي واضح پيغام ڏيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته نريندر مودي ٻڌي وٺ، اسان سنڌو طاس معاهدي تي ڪو به سمجھوتو نه ڪنداسين. هن پارٽي وزيراعظم کي مخاطب ڪندي چيو ته اسان چاهيون ٿا ته نريندر مودي تنهنجي سازش ڇا آهي، تون افغانستان جي ذريعي ڇا ڪرڻ چاهين ٿو هن چيو ته ڀارت کي جنگ جي ميدان تي مليل شڪست هضم نه پئي ٿئي ۽ هاڻي هو ايران وانگر هتي به ماڻهن کي ورڪائي رهيا آهن بلاول ڀٽو زرداري ايراني شهرين

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو2

گلگت: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري گلگت بلتستان ۾ جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

صدر پاران گروپ ڪيپٽن عاصم طارق جي شهادت تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري گروپ ڪيپٽن عاصم طارق جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو2

وزيراعظم پاران گروپ ڪيپٽن عاصم طارق جي شهادت تي ڏک جو اظهار

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف گروپ ڪيپٽن عاصم طارق جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو2

پاڪستان جي جائز حصي جي پاڻي جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ لاءِ سڀئي ضروري قدم کڻنداسين: پاڪ فوج

ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس: ٻاهرين مدد سان انتشار پکيڙيندڙن کي سختيءَ سان چيڀاڙڻ جو فيصلو

276هين ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي صدارت هيٺ منعقد ٿي، شهيدن جي لازوال قربانين جو اعتراف

پاڪستان جي سلامتي، اتحاد ۽ استحڪام جي عزم جو اظهار، جنگ ۾ شڪست بعد ڀارت هائبرڊ جنگ ۽ غلط بياني ذريعي بدامني کي ڀڙڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي: ڪور ڪمانڊرز

ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ افغان طالبان حڪومت جي ڪنٽرول هيٺ علائقن مان پاڪستان تي حملا ڪرڻ لاءِ هندستان جي حمايت يافته دهشتگرد گروپن جي منصوبابندي تي سخت خدشن جو اظهار

اها افغان طالبان حڪومت جي قيادت جي ذميواري آهي ته اها يقيني بڻائي ته انهن جي ڪنٽرول هيٺ علائقا پاڪستان جي خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال نه ٿين، اسان کي دفاع جو پورو حق آهي

سڀني ڪمانڊرن کي ملٽي ڊومين ٽرانسفارميشن پلان تي تيزي سان عمل ڪرڻ گهرجي ۽ هر قيمت تي پاڪستان جي خودمختياري ۽ قومي مفادن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ گهرجي: فيلڊ مارشل سيد عاصم منير

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) فيلڊ مارشل جي صدارت هيٺ ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ چيو ويو آهي ته سچائي جي جنگ ۾ پنهنجي شڪست کان پوءِ ڀارت هائبرڊ جنگ ۽ غلط بياني ذريعي بدامني کي ڀڙڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ٻاهرين مدد سان انتشار پيدا ڪرڻ جي اهڙي ڪنهن به ڪوشش کي بي رحمي ۽ بنا ڪنهن هٻڪ جي چيڀاڙيو ويندو پاڪستان

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

راولپنڊي: آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

شهيد آيت الله علي خامنه اي جا قاتل انجام کان بچي نه سگهندا: ايراني آرمي چيف

ايران جي اڳوڻي سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي جي قتل ۾ ملوث ماڻهن کي بخش نه ڪيو ويندو

فوجون شهيد آيت الله سيد مجتبيٰ خامنه اي جي قيادت ۾ بنا ڪنهن هٻڪ جي پنهنجا فرض نڀائينديون رهنديون

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني آرمي چيف ميجر جنرل امير حاتمي چيو آهي ته ايران جي اڳوڻي سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي جي قتل ۾ ملوث ماڻهن کي بخش نه ڪيو ويندو ۽ اهي پنهنجي انجام

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو2

سنڌ طاس معاهدي تحت پاڪستان جا حق تاريخي ۽ قانوني آهن: طارق فضل

پاڻي اسان جي شهه رڳ آهي، هي عوام، زراعت ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل لاءِ اهم آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته سنڌ طاس معاهدي تحت

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

سريلنڪا جي جيل ۾ هنگامو 5 اهلڪار ۽ 20 قيدي مارجي ويا، 100 زخمي

صورتحال کي معمول تي آڻڻ لاءِ نيگومبو جيل جي قيدين کي ٻئي جيل منتقل ڪيو ويو

ڪولمبو (اي پي پي) سريلنڪا جي شهر نيگومبو جي جيل ۾ ٿيل پرتشدد هنگامن ۾ 25 ڄڻا مارجي ويا ۽ 100 زخمي ٿي پيا

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

حماس غزا ۾ حڪومت ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

حماس طرفان غزا ۾ قائم ايمرجنسي ڪميٽي کي ڊوڙيو ويو

اها گورننگ باڊي سول گورننس (شهري انتظام) جي مفاد ۾ تحليل ڪئي وئي

غزا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حماس غزا ۾ پنهنجي حڪومت ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي حماس طرفان غزا ۾ قائم

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

سنڌ فارمرز ايگريڪلچرل ڪليڪٽوز ايڪٽ 2026ع" جو قانوني ۽ انتظامي جائزو مڪمل

ذيلي ڪميٽي پاران ايڪٽ منظوري لاءِ اڄ سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ پيش ڪيو ويندو

مجموعي طور 50 ايڪڙ زرعي زمين رکندڙ 8 هاري گڏيل زرعي تنظيم قائم ڪري سگهندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ڪابينا جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

سنڌ طاس معاهدي تحت پاڪستان وٽ پاڻي تان هٿ نه کڻڻ وارو حق حاصل آهي: عطاءُ الله تارڙ

ڀارت پاران معاهدي کي هڪطرفي طور معطل رکڻ جي ناڪام ڪوشش جي ڪا قانوني حيثيت نه آهي

ڀارت طرفان اهو قدم گڏيل قومن جي توثيق ٿيل "ون واٽر ون ويزن" جي اصول جي واضح خلاف ورزي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته سنڌ طاس معاهدي تحت پاڪستان وٽ پاڻي تان هٿ نه کڻڻ وارو حق حاصل آهي سومر ڏينهن سماجي رابطي جي پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته پاڻي اسان جي بقاءَ آهي جنهن جو هر صورت ۾ تحفظ ڪنداسين هن چيو ته ڀارت پاران

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو2

پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني ۽ اقليتي حقن بابت سنجيده ڳالهين جي ضرورت آهي: شام سندر

پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ سنڌ حڪومت هميشه ميثاق مدينه جي بنيادي اصولن کي ترجيح ڏني آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي اقليتي معاملن بابت خاص مددگار ڊاڪٽر شام

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو2

سنڌ ۾ زرعي پيداواري صلاحيت وڌائڻ لاءِ نئين آبادگار ۽ هارين سان سهڪار ڪنداسين: مراد علي شاهه

انٽرنيشنل فنانس ڪارپوريشن جي ڊويزن ڊائريڪٽر پاڪستان مسٽر سائمن اينڊريوز وڏي وزير سان ملاقات ڪئي

ڊيجيٽل انفراسٽرڪچر، توانائي، زراعت، صحت، هيومن سميت اهم شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ جو فيصلو

آءِ ايف سي سان ڪم ڪرڻ جا منتظر آهيون جيڪي روزگار کي بهتر بڻائيندا: وڏي وزير جون ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ انٽرنيشنل فنانس ڪارپوريشن جو ڊويزن ڊائريڪٽر پاڪستان مسٽر سائمن اينڊريوز ڊيجيٽل انفراسٽرڪچر، نئين ٿيندڙ توانائي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان انٽرنيشنل فنانس ڪارپوريشن جو پاڪستان وارو ڊائريڪٽر سمن اينڊريوز ملاقات ڪري رهيو آهي

امجد حسين ايڊووڪيٽ وزيراعليٰ گلگت بلتستان طور حلف کڻي ورتو

حلف برداري تقريب ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وفاقي وزير امير مقام پڻ موجود

7 جون 2026 تي پيپلز پارٽي گلگت بلتستان جي سڀ کان وڏي سياسي پارٽي بڻجي ابري: وزيراعليٰ

اسان کي هتي دنيا لاءِ زميني ۽ هوائي سفر جون سهولتون ڏيڻيون پونديون، سڀني شعبن ۾ سڌارا آڻينداسين

گلگت (مانيٽرنگ ڊيسڪ) امجد حسين ايڊووڪيٽ گلگت بلتستان جي وڏي وزير طور عهدي جو حلف کڻي ورتو آهي گورنر گلگت بلتستان سيد مهدي شاهه امجد حسين ايڊووڪيٽ کان وڏي وزير جي عهدي جو حلف ورتو حلف برداري جي تقريب ۾ پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

گلگت: گورنر سيد مهدي حسن گلگت بلتستان جي نئين چونڊيل وزيراعليٰ امجد حسين ايڊووڪيٽ کان حلف وٺي رهيو آهي

عوامي مفادن ۾ ايراضي حاصل ڪرڻ رياست جو اختيار آهي پر حقيقي معاوضو ڏيڻ آئيني ذميواري آهي: سپريم ڪورٽ

جسٽس محمد علي مظهر پاران صوابي ۾ ڊيم ٺاهڻ واري منصوبي لاءِ حاصل ڪيل ايراضي جي معاوضي بابت ڪيس ۾ 20 صفحن تي ٻڌل لکت وارو فيصلو جاري

ايراضي جي قيمت جو تعين سرڪاري ريٽ نه پر مارڪيٽ ويليو، زمين جي ممڪن استعمال ۽ مستقبل ۾ ان جي ترقي جي امڪانن کي به نظر ۾ رکڻ ضروري، قرار

زمين جي قيمت ۾ اضافي ۽ ناٽي ولڊ جي اثرن کي به معاوضي جي تعين ۾ شامل ڪرڻ گهرجي ته جيئن متاثر شهري کي حقيقي مالي انصاف فراهم ڪري سگهجي: فيصلو

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ پنهنجي هڪ اهم فيصلي ۾ قرار ڏنو آهي ته رياست عوامي مفادن ۾ ايراضي حاصل ڪرڻ جو اختيار رکي ٿي جڏهن ته متاثر شهرين کي مڪمل منصفانو ۽ حقيقي معاوضو ڏيڻ آئين تحت رياست جي لازمي ذميواري آهي. عدالت واضح ڪيو ته ايراضي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو2

ڪراچي: ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب ۽ اسٽيٽ بئنڪ جو گورنر جميل احمد انويسٽ پاڪ ڊالي ڊجيٽل پليٽ فارم جو افتتاح ڪري رهيا آهن

سنڌ ۾ ڪڻڪ جي رڪارڊ پيداوار باوجود اٽي جو سنگين بحران، قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافو

گذريل ٽن مهينن دوران 100 ڪلو ڪڻڪ جي ٻوري جي قيمت ۾ 4 هزار رپيا اضافو رڪارڊ ڪيو ويو

ڪڻڪ اگهن ۾ واڌ سبب عام مارڪيٽ ۾ اٽو 145 رپيا في ڪلو وڪامڻ لڳو، پورهيت طبقو سخت پريشان

ڪڻڪ ۽ اٽي جي قيمتن تي ضابطو آڻي ذخيره اندوزن ۽ ناجائز منافعي خور واپارين خلاف ڪارروائي جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ هلندڙ فصل دوران ڪڻڪ جي رڪارڊ پيداوار ٿيڻ باوجود صوبي جي مختلف شهرن ۾ ڪڻڪ ۽ اٽي جي قيمتن ۾ غير معمولي واڌ ٿي وئي آهي، جنهن سبب عام ماڻهو خاص طور

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 2400 رپين جي في تولو گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 2400 رپين جي گهٽتائي سان في تولو سون 4 لک 37 هزار

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

چين پاران ايٽمي آبدوز سان اسٽريٽجڪ ميزائل جو تجربو ڪامياب

بيجنگ (اي پي پي) چين جي پيپلز لبريشن آرمي (پي ايل اي) نيوي آبدوز سان اسٽريٽجڪ ميزائل جو ڪامياب تجربو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب ايم بي جي اسڪول آف نرسنگ ۾ تقريب جي موقعي تي شيلڊ وصول ڪري رهيو آهي

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام محروم طبقن جي عورتن لاءِ معاشي آزادي جي شروعات آهي: فريال ٽالپر

پيپلز پارٽي وومين ونگ جي مرڪزي صدر اسلام آباد ۾ بي آءِ ايس پي هيڊ ڪوارٽر جو دورو ڪيو، شاندار آجيان

هي پروگرام پروگرام شهيد ذوالفقار ڀٽو جي نظريي ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي فلسفي جي عڪاسي ڪري ٿو

غربت جي خاتمي ۽ پائيدار ترقي وارن پروگرامن کي سياسي مفادن کان مٿاهون ٿي ڏسڻ جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي وومين ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر جو اسلام آباد ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام هيڊ ڪوارٽر جو دورو بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو2

پشاور: پختونخواهه جي راڄڌاني ۾ برسات بعد روڊن تي بيٺل پاڻي مان گاڏيون گذري رهيون آهن

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن سبب واڻهڙو عورت سميت 3 ڄڻا فوت

اسٽيل ٽائون ويجهو اڻڄاتل گاڏي جي ٽڪر ۾ امرين زال پهلوان خان فوت ٿي وئي

ڪورنگي لنڪ حادثي ۾ اڻڄاتل نوجوان فوت، سپر هاءِ وي ويجهو هڪ شخص جو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. اسٽيل ٽائون نصير آباد ڪٽ جي ويجهو اڻڄاتل گاڏي جي ٽڪر ۾ واڻهڙو عورت امرين زال پهلوان خان فوت ٿي وئي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ سوئمنگ پول جي صفائي دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب پيءُ ۽ پٽ فوت

قائد آباد ۾ صفائي دوران موٽر جون تارون شارٽ ٿيڻ سبب ٻنهي ڄڻن کي ڪرنٽ لڳو

ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي پيءُ پٽ جا لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيا، جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قائد آباد ۾ سوئمنگ پول جي صفائي دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب انتهائي افسوسناڪ واقعو پيش آيو جنهن ۾ پيءُ ۽ پٽ حياتي وڃائي ويٺا آهن ريسڪيو اختياريرين موجب حادثو اڄ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

ٿرپارڪر ۾ ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان تيز برسات، مارو‌ئڙن جي چهرن تي مرڪون موٽي آيون

سخت گرمي ۽ حبس ڪانئوءِ مٺي، ڏيپلو، ڪلوئي، اسلام ڪوٽ، ننگرپارڪر ۽ ٻين علائقي ۾ وسڪارو

ڪانٽيو، چيلهار، ڏانو ڌانڌل، ٿرڪول جي ڳوٺن سميت مختلف علائقن ۾ برسات ڪانئوءِ گرمي جو زور ٽٽي پيو

وسڪاري ڪانئوءِ مارو‌ئڙن جي ڪومايل چهرن تي مرڪون موٽي آيون، موسم خوشگوار ٿي وئي

مٺي (ڊ-ر) ڪالهه ضلع ٿرپارڪر ۾ سخت گرمي ۽ حبس کان پوءِ شام ڌاري تيز طوفاني هوائن کان پوءِ ڇاڇرو، ڏاهلي جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

لاڙڪاڻو: هڪ پيرسن گهوڙيو روڊ ڪناري پنهنجي ريڙهي تي بيهه وڪرو ڪندي

ڪنڊيارو ۾ ڦُر دوران فائرنگ، مزاحمت ڪندڙ نوجوان دل جو دورو پوڻ سبب فوت

دريبلو روڊ تي موٽرسائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش دوران هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني

مزاحمت ڪندڙ ممتاز سيال ڦورن جو پيڇو ڪندي دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو

ڦورو موٽرسائيڪل ڇڏي فرار، واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو دريبلو روڊ تي دريبلو شهر جو رهواسي ثناءُ الله سيال کان هٿياربندن ڦورن پاران موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته هٿياربندن مٿس فائرنگ ڪري ڏني جنهن دوران رستي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

گلگت بلتستان ۾ پيپلز پارٽي جو وڏي وزير چونڊجڻ عوام دوست سياست جو مثال آهي: شرجيل ميمڻ

وڏو وزير ايڊووڪيٽ امجد حسين علائقي ۾ ترقي، خوشحالي ۽ عوامي ڀلائي جو هڪ نئون باب شروع ڪندو

اميد آهي ته نئين صوبائي حڪومت عوام کي درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻندي

صوبي ۾ پيپلز پارٽي جي ڪاميابي مزدورن جي اڻ ٿڪ محنت ۽ عوامي اعتماد جو نتيجو آهي.

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ گلگت بلتستان جي نئين چونڊيل وڏي وزير ايڊووڪيٽ امجد حسين کي حلف کڻڻ تي مبارڪباد ڏيندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي هڪ بيان ۾ هن چيو ته ايڊووڪيٽ امجد حسين جو گلگت بلتستان

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ جهيڙي تان ڪرنڊڙ ٻارڙي جي وارثن پاران قتل ڪرڻ جا الزام

نيوڪراچي فريد ڪي جهيڙو هلائيندڙ محسن نالي شخص اڻ جا وار ڪري قتل ڪيو آهي: وارث

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو2

گلگت بلتستان ۾ پيپلز پارٽي جي ڪاميابي عوام جي اعتماد جو ثبوت آهي: مراد علي شاهه

نئين چونڊيل وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ کي حلف کڻڻ تي واڌايون پيش ڪريون ٿا

پيپلز پارٽي جي قيادت ترقي، خوشحالي ۽ عوامي ڀلائي جي نئين دور جي شروعات ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه طرفان گلگت بلتستان جي نئين چونڊيل وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ کي حلف کڻڻ تي واڌايون سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گلگت

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ پاڪستان بئنڪنگ سمٽ 2026 جو ايڊيشن اڄ کان شروع ٿيندو

پي بي اي پنهنجي سالياني فليگ شپ تقريب جو باضابطه اعلان ڪري ڇڏيو

سمٽ ۾ ملڪي معيشت، مالي نظام، زراعت سميت اهم قومي ۽ عالمي موضوعن تي سيشن ٿيندا

ڪراچي (رپورٽ: صالح بلوچ) پاڪستان بئنڪس ايسوسيئيشن (PBA)پنهنجي سالياني فليگ شپ تقريب "پاڪستان بئنڪنگ سمٽ 2026 "(PBS'26)جي ٻئي ايڊيشن جو باضابطه اعلان ڪري ڇڏيو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

ڪراچي: پاڪستان بينڪنگ سمٽ ۾ مختلف بينڪن جا سربراهه شريڪ آهن

گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ٽنڊو مير غلام حسين عالمي سطح تي پاڪستان جو نالو روشن ڪيو آهي: سردار شاهه

جيڪڏهن معاشرو، والدين، استاد گڏيل طور تي ذميواريون ادا ڪندا ته سرڪاري اسڪول پڻ عالمي معيار جي ڪاميابي حاصل ڪري سگهن ٿا

پنهنجي علائقي جي سرڪاري اسڪول جي نگراني ۽ معاونت کي معاشري جو هر فرد پنهنجو قومي فرض سمجھي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي)صوبائي وزير تعليم سيد

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

پوڙهي عورتن جي اغوا ۽ لڄالٽ ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي، ٽن جوابدارن جو ڊي اين اي ميچ

اغوا ڪندڙن جي گاڏي سان ٽڪرائجندڙ گاڏي جي مالڪ به پوليس وٽ ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو

سيشن ڪورٽ لاهور ايس ايڇ او فرياد علي کي 10 جولاءِ تائين گرفتار ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب جي راڄڌاني لاهور جي ڊفينس واري علائقي ۾ پوڙهي عورتن جي اغوا ۽ اجتماعي لڄالٽ واري ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي. هڪ پوڙهي عورت سان لڄالٽ ۾

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو2

ڳوٺن جي ترقي مضبوط، خوشحال ۽ خودمختيار پاڪستان جي بنياد آهي: وڏو وزير

هاري، مزدور ۽ ڳوٺاڻا ماڻهو معيشت ۽ خوراڪ جي تحفظ لاءِ ڪرنگهي جي هڏي آهن

ڳوٺاڻن علائقن کي وڌيڪ مضبوط ۽ بااختيار بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عالمي ڳوٺاڻن

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو2

ڪراچي جي ڪمشنر پوليو کان بچاءَ لاءِ 7 ڏينهن واري خصوصي مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي شهر ۾ پوليو کان بچاءَ

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو2

سنڌ جي 60 صنعتي يونٽن جي مزدورن جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت ۾ 7.5 سيڪڙو واڌ جي تجويز

نيم ماهر مزدور جي پگهار 44 هزار 484 رپيا، هنر مند مزدور جي 53 هزار 350 رپيا مقرر ڪئي ويندي

اعليٰ هنر مند مزدور جي گهٽ ۾ گهٽ مهيني جي اجرت 55 هزار 626 رپيا مقرر ڪرڻ جي تجويز

سنڌ منيمم ويجز بورڊ پاران مهانگائي، معاشي حالتن، پيداواري صلاحيت وڌائڻ لاءِ تجويزون جوڙيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي سنڌ منيمم ويجز بورڊ صوبي جي 60 مختلف صنعتن ۾ ڪم ڪندڙ نيم هنرمند، ماهر ۽ اعليٰ هنرمند مزدورن جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

ڪراچي: نيشنل لابنگ ڊيليگيشن فار منارٽي رائيٽس جو وفد ڊي جي نادرا سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ڪراچي کارادر جنرل اسپتال اسڪول آف نرسنگ ۾ ساليانو ريسرچ سيمينار منعقد

انسانيت جي بي لوث خدمت ئي سماجي ڀلائي ۽ دائمي سڪون جي ضمانت آهي: مرتضيٰ وهاب

اسپتال ۾ هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي تائين خدمتون انسانيت جي ڀلائي جو روشن مثال آهن: محمد بشير

ڪراچي (رپورٽ: صالح بلوچ) بي لوث جذبي سان انسانيت جي خدمت ئي سماجي ڀلائي ۽ دائمي سڪون جي ضمانت آهي جيڪي ادارا ۽ مخير شخصيتون تعليم، تربيت، تحقيق ۽ انساني خدمت لاءِ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

پ پ هميشه عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي، پارٽي پنهنجي دور ۾ تاريخي ڪم ڪيا آهن: نويد قمر

تعليمي ميدان ۾ ترقي واڌاري لاءِ ٽنڊومحمدخان ۾ هر يونين ڪائونسل اندر ماڊل اسڪول ٺاهيا پيا وڃن

ڳوٺن جي ٻارن جي تعليم لاءِ والدين جو به ساٿ گهرجي، جيئن هو پنهنجي ٻارن جي بهتر تعليم لاءِ اسڪول انتظاميا سان رابطي ۾ هجن

ڳوٺن جي ٻارن جي تعليم لاءِ والدين جو به ساٿ گهرجي، جيئن هو پنهنجي ٻارن جي بهتر تعليم لاءِ اسڪول انتظاميا سان رابطي ۾ هجن

سيد نويد قمر جو ڳوٺ قاضي احمد ٻانهڻ ۾ ڪروڙن رپين جي لاڳت سان ٺهندڙ اسڪول جي افتتاحي تقريب کي خطاب

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ قاضي احمد ٻانهڻ ۾ ڪروڙن رپين جي لاڳت سان ٺهندڙ اسڪول جي افتتاحي تقريب کي اڳوڻو وفاقي وزير ۽ پ پ ايم اين اي سيد نويد قمرالزمان شاهه خطاب

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو2

ٽنڊو محمد خان: ايم اين اي سيد نويد قمر الزمان شاهه سنڌ ارلي لرننگ انهانس مينٽ پروگرام تحت ايليمينٽري اسڪولن جو افتتاح ڪري رهيو آهي

صدر ٽرمپ جو نيٽو ملڪن جي اجلاس ۾ شرڪت جو اعلان

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو آهي ته هو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو2

ايمان مزاري ۽ بئريسٽر هادي جي سزا معطلي واري ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ پاران هاءِ ڪورٽ کي جلد فيصلو ڪرڻ جي هدايت، ٻڌڻي 21 جولاءِ تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ ايمان مزاري ۽ بئريسٽر هادي جي سزا

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو2

ڪيرو عدالت ۾ ضمانت لاءِ آيل نوجوان مبينا پوليس پاران حراسان ڪرڻ سبب فوت

عدالت جي احاطي ۾ پوليس اهلڪارن حراسان ڪرڻ سبب محمد صديق دل بيهڻ ڪري فوت ٿيو آهي: وارث

پوليس ڪنهن به قسم جو تشدد نه ڪيو، محمد صديق گرمي سبب دل جو دورو پوڻ ڪري فوت ٿيو: ڊي ايس پي

بنا ڪنهن قانوني ڪارروائي جي لاش ڳوٺ منتقل، واقعي جي خبر ٻڌڻ بعد فوتي جو پيءُ بيهوش

ڪيرواٽ (ر) ڪيرو عدالت ۾ ضمانتي طور لاءِ آيل 23 ورهين جي نوجوان ڳوٺ راڄ واسي محمد صديق مبارڪ جي راڄڙ مبينا پوليس پاران حراسان ڪرڻ دوران دل جو دورو پوڻ سبب فوت وارثن موجب، سمان برادري جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

شريمتي جميلا ...پلينٽف .بخلاف. امولڪ ولد شيوو هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ احمد خان ڪوسو ديهه 317 تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص 03073025839 ...ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ايونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف مينٽيننس پلينٽف اينڊ مائنر ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر146 سال 2026

مسمات راحيمه پنهور ...پلينٽف .بخلاف. لياقت پنهور ولد محمد بخش پنهور رهندڙ خدا جي بستي نمبر 03ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو 03199419720 ...ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ايونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ۽ ٻي درخواست زير قلم S-17-A تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر74 سال 2026

شريمتي گلابي ڌيءِ Sameeroo زال گلاب هندو بالغ ذات ڀيل رهندڙ ڀيل ڪالوني نزد چنڊ فيڪٽري ريلوي لائن ميرپورخاص ...پلينٽف .بخلاف. گلاب ولد راڻو ڀيل هندو بالغ ذات ڀيل رهندڙ ڳوٺ Karyar نزد ڏيپلو ضلعو ٿرپارڪر ...ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ميرپورخاص
(روبرو جناب عبدالقادر ڪوسو)
گارڊين سوٽ نمبر12 سال 2026

علي اصغر ولد علي مراد ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ ڪاڻ ديهه 93 ٻي او ڪاڻ تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص 03081253559 ...ايپليڪينٽ .بخلاف. (1) علي شير ولد علي مراد (2) مسمات ماروي ڌيءِ علي مراد (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...ايونٽنس (1) علي اڪبر عمر 14 سال (2) بي بي دعا عمر 11 سال... مائنر

.نالي مٿين ايونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 07 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ 1890 تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر254 سال 2026

شريمتي ميران زال هري رام باڳڙي رهندڙ ڳوٺ علي نواز شاهه ڪالوني ڪچي آبادي نوابشاهه ...پلينٽف .بخلاف. هري رام ولد هيرو باڳڙي رهندڙ ڳوٺ علي نواز شاهه ڪالوني ڪچي آبادي نوابشاهه ...ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 11-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين سوٽ نمبر89 سال 2026

راڄو ولد ماڄو هندو بالغ رهندڙ آفتاب ڪالوني قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد ...ايپليڪينٽ .بخلاف. شريمتي مايا ڌيءِ گلشير هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ علي نواز شاهه ڪالوني ڪچي آبادي نوابشاهه ...ايونٽنس

.نالي مٿين ايونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،12،15،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي بي بي نينا عمر 04 سال جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 11-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين سوٽ نمبر78 سال 2026

مسمات ناز بخت مري بيواهه نبي داد مري رهندڙ ڳوٺ نذر محمد مري ڄام صاحب تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظيرآباد ...ايپليڪينٽ .بخلاف. (1) نهال بيبي مري بيواهه نبي داد مري (2) مسمات Razda Bibi(3) مسمات هيرزادي (4) شوڪت علي (5) مبارڪ علي (6) مسمات نسيم (7) محمد خليل سيريل 2 کان 7 سڀ پٽ ڌيئرون نبي داد مري (8)جنرل پبلڪ ...ايونٽنس

.نالي مٿين ايونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ گارڊين جج ٽنڊو الهيار
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ياسمين بيواهه حيدر علي رهندڙ گهر نمبر1257 زرداري ڪالوني ٽنڊو آدم روڊ ٽنڊو الهيار ...ايپليڪينٽ .بخلاف. (1) جنرل پبلڪ ايٽ لارج (2) مدني بينش ڌيءِ حيدرعلي (مائنر) (3) حسن رضا ولد حيدر علي (4) جويريا مسڪان ڌيءِ حيدر علي (4) لياقت علي ولد حيدر علي ...ايونٽنس

.نالي مٿين ايونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي مٿين صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت سنڌن پراپرٽي پلاٽ نمبر 25/1904 سروي نمبر 229 جريان 10608 تاريخ 02-12-2022 ٽوٽل ايراضي 346 اسڪوائر فوٽ ديهه ٽنڊو الهيار ٽپو ٽنڊو الهيار تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ گارڊين جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج VI حيدرآباد
(روبرو جناب علي بخش ٽيبو)
سول سوٽ نمبر 804 سال 2026

محمد زبير خان ...پلينٽف .بخلاف. (1) ڊي سي حيدرآباد (2) سب رجسٽرار عوامي مرڪز فيسليٽيشن سينٽر حيدرآباد (3) رجسٽرار فرمز نزد پوليٽيڪنيڪل ڪاليج نزد وحدت ڪالوني حيدرآباد (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري پريپيچوئل انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج VI حيدرآباد

عام اطلاع

اطلاع ڏجي ٿو ته درخواست گذار سڪندر علي ولد محمد عباس لغاري ڪاتو بدل لاءِ درخواست ڏني آهي ته فوتي نالي محمد عباس ولد احمد خان جيڪو بتاريخ 20/07/2023تي فوت ٿي ويو اهڙو بيان بن شاهدن ڪمال خان ولد الله ڏتو ۽ محمد عثمان ولد محمد حسين ڏنو آهي فوتي جي زرعي زمين 05 ايڪڙ هڪ گهنٽو جيڪا ديه سانگرو ٽپو ڪاڪ ۾ واقعي آهي شاهدن موجب فوتي هيٺيان جائز وارث حيات ڇڏيا آهن سڪندر علي ولد محمد عباس پٽ فوتي جو، مسمات صغري بيبي زال شاهد علي ڌي فوتي جي، مسمات الهجائي زال محمد عباس بيواهه فوتي جي جيڪڏهن ڪنهن کي به ڪنهن قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي 07 ڏينهن اندر اسان جي آفيس ۾ پاڻ يا پنهنجي وڪيل معرفت ثبوتن سميت پيش ٿئي ٻي صورت ۾ هڪ طرفو فيصلو ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي حماد الله ولد محمد يونس راجپوت ويٺل ٽنڊو ڄام حيدرآباد اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي محمد يونس راجپوت ولد محمد يوسف تاريخ 16-03-2012 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه تاجپور جاگير ٽپو اي شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جن جو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) حماد الله راجپوت (پٽ) (2) ڪليم الله (پٽ) (3) وسيم يونس (پٽ) (4) مسمات سعيده بيگم (بيواهه)(5) مسمات شهناز بيگم (ڌي) (6) مسمات گلناز عاطف (ڌي) (7) مسمات مهناز (ڌي) (8) مسمات ارم بابر (ڌي) (9) مسمات حنا ناز (ڌي) (10) ندا يونس (ڌي) درخواستگذار جو وڪيل چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد/ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) عبدالقيوم ولد محمد ايوب آزاد راجپوت (2) فضل الرحمان ولد رونق علي خان جن ڳوٺ ٽنڊو ڄام ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد لطيف ولد عبدالطيف غوري ويٺل يونٽ نمبر 6 لطيف آباد حيدرآباد اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي عبدالطيف ولد محمد حيات غوري تاريخ 10-03-2024 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه ڪيٽي ٽپو اي شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جن جو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) محمد وقار لطيف غوري (پٽ) (2) محمد ڪامران (پٽ) (3) محمد عمران (پٽ) (4) محمد ذوالفقار (پٽ)(5) محمد عرفان (پٽ) (6) عظيم غفران (ڌي) (7) مسمات غفران حيات (گهرواري) درخواستگذار جو وڪيل چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد/ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) محمد سليم ولد منير احمد (2) سڪندر علي ولد محمد نواز جن ڳوٺ نصرپور ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

لاتعلقي جو اظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان سڀ پاٽر پنهنجي ڀاءُ نالي سڌير احمد ڪوسو ولد محب علي ڪوسو سان لاتعلقي جو اظهار ڪري رهيا آهيون. اگر ڪو به شخص يا ادارو سندس سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو يا ڦڏو فساد ڪندو ته ان جو ذميوار هو پاڻ هوندو ان ڪنهن به قسم جي قول فعل سان اسان جو ڪو به واسطو نه آهي نه رهندو اسان جو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

بشيراحمد ولد محب علي (2) وحيد علي محب علي رهندڙ گهر نمبر 478 ڳوٺ لالو لاشاري ڪالي موري حيدرآباد

لاتعلقي جو اظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان پنهنجي پٽ نالي جهانگير ولد جاويد حسين سان لاتعلقي جو اظهار ڪري رهيا آهيون جيڪو اسان سان بداخلاقي ڪري ٿو روز روز گهر ۾ جهيڙو وغيره ڪري ٿو جنهن سبب اسان ڪيس تنگ اچي ڪري لاتعلقي جو اظهار ڪري رهيا آهيون اگر ڪو به شخص يا ادارو سندس سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو يا ڦڏو فساد ڪندو ته ان جو ذميوار هو پاڻ هوندو اسان جو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي.

جاويد حسين ولد غلام حسين (پيءُ) ريحانه زال جاويد حسين (ماءُ) رهندڙ اولڊ جوڻي محله نزد واٽر سپلائي پنو عاقل ضلع سکر

بقايا 1 روزاني عبرت

فوج جي ميڊيا ونگ (آءِ ايس پي آر) موجب، 276 هين ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي صدارت هيٺ منعقد ٿي. ڪانفرنس ۾ شهيدن جي لازوال قربانين جو اعتراف ڪيو ويو ۽ انهن لاءِ دعا گهري وئي. فورم پاڪستان جي سلامتي، اتحاد ۽ استحڪام جو هڪ مضبوط ٿنڀ بڻجڻ جي پنهنجي عزم کي ٻيهر ورجايو. ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ افغان طالبان حڪومت جي ڪنٽرول هيٺ علائقن مان پاڪستان تي حملا ڪرڻ لاءِ هندستان جي حمايت يافته دهشتگرد گروپن جي منصوبابندي ۽ مسلسل استعمال تي سخت خدشن جو اظهار ڪيو ويو. فورم چيو ته خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام هندستاني پراڪسيز کي افغان طالبان جي ڪنٽرول واري علائقي ۾ ڪم ڪرڻ کان روڪڻ تي منحصر آهي. ڪور ڪمانڊرز زور ڏيندي چيو ته اها افغان طالبان حڪومت جي قيادت جي ذميواري آهي ته اها يقيني بڻائي ته انهن جي ڪنٽرول هيٺ علائقا پاڪستان جي خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال نه ٿين. ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس تصديق ڪئي ته پاڪستان کي دهشتگردي خلاف پنهنجي ماڻهن جي حفاظت ۽ دفاع جو پورو حق حاصل آهي. ملڪ جون هٿياربند فوجون افغان طالبان جي قبضي وارن علائقن مان پيدا ٿيندڙ دهشتگردي جي خلاف انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن جاري رکنديون. آپريشن غضب للحق جي تحت بيان موجب، شرڪت ڪندڙن دهشتگردي کان متاثر علائقن ۾ هڪ مضبوط گورننس سسٽم قائم ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو، هڪ انتظامي ڍانچو جيڪو نه رڳو عوامي خدمت ۽ ڀلائي تي ڌيان ڏئي ٿو پر دهشتگردي ۽ ڏوهن جي وچ ۾ تعلق کي به ختم ڪري ٿو جيڪو ناپاڪ سياسي سرپرستي تي ترقي ڪري ٿو. آءِ ايس پي آر جي مطابق، فورم نوٽ ڪيو ته سچائي جي جنگ ۾ پنهنجي ذلت آميز شڪست کان پوءِ، دشمن هائبرڊ جنگ ۽ غلط بياني ذريعي بدامني کي ڀڙڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس دوران علائقائي استحڪام کي هٿي ڏيڻ ۽ تڪرار کي گهٽائڻ ۾ پاڪستان جي تعميري ڪردار کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو. سنڌ طاس معاهدي بابت هندستان جي بيانن جو نوٽيس وٺندي، ڪانفرنس جي شرڪت ڪندڙن واضح ڪيو ته 24 اپريل 2025 تي قومي سلامتي ڪميٽي پاران جاري ڪيل هدايت هن معاملي تي جامع رهنمائي فراهم ڪري ٿي. بيان موجب، پاڪستان جي هٿياربند فوج حڪومتي هدايتن ۽ پاڪستاني عوام جي خواهشن جي مطابق، پاڪستان جي جائز حصي جي پاڻي جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ لاءِ سڀئي ضروري قدم کڻڻ ۾ ڪا به هٻڪ نه ڪندي. ڪور ڪمانڊرز اهو ورجايو ته ڪشمير پاڪستان جي ساهه جي رڳ آهي. شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير چيو ته سڀني ڪمانڊرن کي جنگ جي ارتقا پذير نوعيت جي مطابق ملٽي ڊومين ٽرانسفارميشن پلان تي تيزي سان عمل ڪرڻ گهرجي، ۽ هر قيمت تي پاڪستان جي خودمختياري ۽ قومي مفادن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ گهرجي.

بقايا 2 روزاني عبرت

پاڪستان جا حق تاريخي، قانوني ۽ ناقابل رد آهن. پاڻي اسان جي شهه رڳ آهي، جيڪو عوام، زراعت ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل لاءِ اٿئر آهي. سومر ڏينهن سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته ان عالمي سطح تي مڃيل معاهدي کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪا به هڪ طرفي ڪوشش ايتري آسان آهي ۽ نه ئي قبولڻ جوڳي، جيتري ڀارت سمجهي رهيو آهي. عالمي معاهدن ۽ ذميوارين کي هڪ طرفن فيصلن يا سياسي ارادن جي بنياد تي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. هن چيو ته پاڪستان پنهنجي جائز آبي حق جي تحفظ لاءِ پرعزم ۽ مڪمل صلاحيت رکي ٿو جڏهن ته انصاف، تعاون ۽ عالمي اصول ون واٽر ون ويزن جي پاسداري جاري رکندو

بقايا 3 روزاني عبرت

آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق پوليس ٻڌايو ته مارجي ويلن ۾ جيل جا 5 اهلڪار ۽ 20 قيدي شامل آهن اختيارين جو چوڻ آهي ته صورتحال کي معمول تي آڻڻ لاءِ نيگومبو جيل جي قيدين کي ٻين جيلن ۾ منتقل ڪرڻ جا قدم کنيا پيا وڃن هنگامو آچر ڏينهن ٻنپهرن جو اڪيل هڪ رڳي ان وقت شروع ٿيو جڏهن قيدين جي ٻن ڌرين وچ تڪرار ٿيو آچر جي رات دائين صورتحال تي ضابطو آندو ويو هو جڏهن ته سومر جي صبح جو هڪ ڀيرو ٻيهر تشدد جا واقعا شروع ٿيا.

بقايا 4 روزاني عبرت

ايمرجنسي ڪميٽي کي ڪوڙيو ويو آهي. جنهن سان ٻن ڏهاڪن کان غزا پٽي تي حڪومت ڪندڙ حماس جي گورننگ باڊي جو خاتمو اچي ويو آهي. حماس جو چوڻ آهي ته اها گورننگ باڊي سول گورننس (شهري انتظام) جي مفاد ۾ تحليل ڪئي وئي آهي. واضح رهي ته ان فيصلي تحت غزا پٽي جو ڪنٽرول هاڻي هڪ فلسطيني ٽيڪنوڪريٽ ڪميٽي حوالي ڪيو ويندو

بقايا 5 روزاني عبرت

ڏيلي ڪميٽي پاران "سنڌ فارمرز ايگريڪلچرل ڪليڪٽوز ايڪٽ 2026 ع" جي مسودي جو قانوني ۽ انتظامي جائزو مڪمل ڪيو ويو آهي هي مجوزه ايڪٽ سپاڻي اڱاري ڏينهن منظوري لاءِ سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ پيش ڪيو ويندو ان سلسلي ۾ صوبائي وزير زراعت سردار محمد بخش خان مهر جي صدارت هيٺ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ سنڌ ڪابينا جي ڏيلي ڪميٽي جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ صوبائي وزير آبپاشي ڄام خان شورو، وزير قانون ۽ داخلا ضياء الحسن لنجار وزيراعليٰ جي معاون خصوصي راجوير سنگهه سوڍو، سيڪريٽري زراعت محمد زمان ناريجو ايڊيشنل سيڪريٽري قانون، ڊپٽي سيڪريٽري زراعت ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين شرڪت ڪئي اجلاس کي بريفنگ ڏيندي وزير زراعت سردار محمد بخش مهر چيو ته هن قانون تحت گهٽ ۾ گهٽ 8 هاري، جن وٽ مجموعي طور تي 50 ايڪڙ زرعي زمين هوندي، اهي گڏجي "ايگريڪلچرل ڪليڪٽو" (گڏيل زرعي تنظيم) قائم ڪري سگهندا، جڏهن ته ڪاچو ۽ باراني علائقن لاءِ اها حد 70 ايڪڙ هوندي. مجوزه قانون موجب 1 کان 25 ايڪڙن تائين زمين رکندڙ آبادگارن کي "ننڍو هاري" تصور ڪيو ويندو سردار محمد بخش مهر وڌيڪ ٻڌايو ته نئين قانون تحت "سنڌ ايگريڪلچرل ڪليڪٽوز ريگيوليٽري اٿارٽي" قائم ڪئي ويندي، جيڪا انهن ڪليڪٽوز جي رجسٽريشن، نگراني ۽ ريگيوليشن جي ذميوار هوندي هر ڪليڪٽو ۾ هڪ جنرل باڊي ۽ چونڊيل مينيجمينٽ ڪميٽي هوندي، جڏهن ته سڀني ميمبرن کي ووٽ، معلومات تائين رسائي ۽ ٻيا قانوني حق حاصل هوندا هن نئين قانون جو مقصد ننڍن آبادگارن کي گڏيل وسيلا جديد زرعي سهولتون، بهتر مارڪيٽنگ ۽ سرڪاري اسڪيمن تائين رسائي فراهم ڪري زرعي شعبي کي مضبوط بڻائڻ آهي ان موقعي تي ڳالهائيندي صوبائي وزير آبپاشي ڄام خان شورو چيو ته مجوزه ايڪٽ تحت قائم ٿيندڙ ريگيوليٽري اٿارٽي ضلعي سطح تي زرعي ڪليڪٽوز جي مؤثر قيام رجسٽريشن ۽ نگراني کي يقيني بڻائيندي ته جيئن هاري منظم انداز ۾ پنهنجي زرعي سرگرمين کي هٿي ڏئي سگهن وزير قانون ضياء الحسن لنجار زراعت کاتي کي هدايت ڪئي ته نئين قانون جي حوالي سان سڄي صوبي ۾ آگاهي سيمينار منعقد ڪيا وڃن ته جيئن ڪاشتڪار ۽ آبادگار ان جي فائدن ۽ طريقيڪار کان مڪمل طور تي واقف ٿي سگهن

بقايا 6 روزاني عبرت

۽ وفاقي وزير امير مقام پڻ موجود هئا. تقريب کي خطاب ڪندي نئين چونڊيل وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ چيو ته 7 جون 2026 تي پيپلز پارٽي گلگت بلتستان جي سڀ کان وڏي سياسي پارٽي بڻجي اڀري. هن چيو ته عوام پيپلز پارٽي کي ڀرپور مينڊيٽ ڏئي وڏي ذميواري ڏني آهي هن انهن سمورن ماڻهن جو شڪريو ادا ڪيو جن پارٽي تي اعتماد ڪيو ۽ خاص طور تي مسلم ليگ (ن) جي قيادت جا ٿورا مڃيا جن پيپلز پارٽي کي حڪومت ٺاهڻ جو موقعو ڏنو وڏي وزير وڌيڪ چيو ته گلگت بلتستان وٽ قدرتي ماحول جو جيڪو تحفو آهي اهو دنيا ۾ ٻئي ڪنهن وٽ نه آهي هن چيو ته اسان کي هتي دنيا لاءِ زميني ۽ هوائي سفر جون سهولتون ڏيڻيون پونديون اسان سڀني شعبن ۾ سڌارا آڻينداسين، گلگت بلتستان کي پاڪستان جو ماڊل صوبو بڻائينداسين ۽ عوام جي اميدن تي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪنداسين

بقايا 7 روزاني عبرت

تي روزاني اجرت تي گذر ڪندڙ ۽ گهٽ آمدني وارا خاندان سخت مالي دٻاءُ جو شڪار بڻجي ويا آهن مارڪيٽ ذريعن موجب گذريل ٽن مهينن دوران 100 ڪلو ڪڻڪ جي ٻوري جي قيمت ۾ لڳ ڀڳ 4 هزار رپين جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي. مارچ ۽ اپريل مهينن ۾ 100 ڪلو ڪڻڪ جي ٻوري 7 هزار 800 رپين ۾ وڪرو ٿي رهي هئي، جيڪا هاڻي جولاءِ ۾ وڌي 11 هزار 800 رپين تائين پهچي وئي آهي. اٽو چڪي مالڪن جو چوڻ آهي ته ڪڻڪ جي اگهن ۾ واڌ سبب اٽو تيار ڪرڻ جي لاڳت به وڌي وئي آهي، جنهن ڪري چڪي جو اٽو جيڪو اڳ 135 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو هو هاڻي 145 رپيا في ڪلو ٿي ويو آهي. سنڌن چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڪڻڪ جي قيمتن ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو ته ايندڙ ڏينهن ۾ اٽي جا اگهه به وڌيڪ وڌي سگهن ٿا. ذريعن موجب ڪراچي جا شهري هن وقت سنڌ ۾ سڀ کان مهانگو اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور آهن، جڏهن ته صوبي جي ٻين ضلعن ۾ به اٽي ۽ ڪڻڪ جي قيمتن ۾ واڌ جو رجحان جاري آهي. شهرين جو چوڻ آهي ته بجلي، گيس، پيٽروليم شين ۽ ٻين روزمره جي استعمال وارين شين جي مهانگائي اڳ ئي سنڌن گهريلو بجيٽ کي سخت متاثر ڪري چڪي آهي، هاڻي اٽي جي قيمت ۾ واڌ سبب گهر هلائڻ وڌيڪ ڏکيو ٿي ويو آهي. معاشي ماهرن جو چوڻ آهي ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جي رڪارڊ پيداوار باوجود قيمتن ۾ اضافو ڪيترن ئي سوالن کي جنم ڏئي رهيو آهي. سنڌن خيال آهي ته جيڪڏهن پيداوار وافر مقدار ۾ ٿي آهي ته ان جو سڌو فائدو عام صارف تائين پهچڻ گهرجي. ماهرن موجب ذخيره اندوزي، سپلاءِ جا مسئلا، ٽرانسپورٽ خرچن ۾ اضافو ۽ مارڪيٽ تي اثرائتي نگراني نه هجڻ جهڙا عنصر به قيمتن ۾ واڌ جا اهم سبب ٿي سگهن ٿا. شهرين حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪڻڪ ۽ اٽي جي قيمتن تي ضابطو آڻڻ لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن، ذخيره اندوزن ۽ ناجائز منافعي خور واپارين خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سرڪاري اگهن تي اٽي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن عام ماڻهن کي مهانگائي جي وڌيڪ بار کان بچائي سگهجي. معاشي ماهرن خبردار ڪيو آهي ته اٽي جي قيمتن ۾ واڌ جا اثر صرف گهرن تائين محدود نه رهندا، پر هوٽلن، بيڪرين، ريسٽورنٽن ۽ خوراڪ سان لاڳاپيل صنعتن جي خرچن ۾ به اضافو ٿيندو جنهن جي نتيجي ۾ ٻين خوراڪي شين جي قيمتن ۾ به وڌيڪ واڌ جو امڪان آهي.

بقايا 8 روزاني عبرت

4 سئو 36 رپين جو ٿي ويو آهي آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب سومر ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 2 هزار 400 رپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 37 هزار 4 سئو36 رپين جو ٿي ويو آهي 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 2058 رپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 3 لک 77 هزار 088 رپين مان گهٽجي 3 لک 75 هزار 030 رپيا ٿي وئي، جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 43 هزار 790 رپين مان گهٽجي 3 لک 46 هزار 541 رپيا ٿي وئي. آل سنڌ صرافه جيولرز ايسوسيئيشن رپورٽ ڪئي ته في تولو چانديءَ جي قيمت 37 رپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 6679 رپيا ۽ 10 گرام چانديءَ جي قيمت 31 رپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 5726 رپيا ٿي وئي ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 4174 ڊالرز مان گهٽجي 4150 ڊالرز ٿي وئي

بقايا 9 روزاني عبرت

ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق پي ايل اي نيوي مطابق بحريه جي هڪ اسٽريجڪ ايٽمي آبدوز سومر ڏينهن منجهند جو مائي سمنڊ جي لاڳاپيل عالمي سامونڊي علائقي طرف فرضي وارهيڊ سان ليس اسٽريجڪ ميزائل فائر ڪيا، جيڪي ڪاميابي سان مقرر سامونڊي علائقي ۾ وڃي ڪريا.

بقايا 10 روزاني عبرت

مختلف ڳوٺاڻن علائقن ۽ ڪانٽيس چيلهان ننگرپارڪس ڊانو ڊانڊل ڦر ڪول جي ڳوٺن سميت اسلام ڪوٽ، ڏيپلو ڪلوئي ۽ مٺي ۾ وسڪاري جون هلڪي ڪڻڻ ۽ گجگوڙ سان برساتن جي وسڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي ۽ ماروئڙن جي ڪومايل چهرن تي مرڪون موٽي آيون آهن.

بقايا 11 روزاني عبرت

ڏاڻ گڏرندڙ ممتاز سيال عرف پٽو سيال پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندي ڦورن جو پيڇو ڪيو جنهن تي ڦورن ممتاز تي سڌي فائرنگ ڪئي جنهن سبب ڦورو خوفزده ٿي ويا ۽ موڙات وٽ ڦر ڪيل موٽرسائيڪل ڇڏي فرار ٿي ويا جڏهن ته مزاحمت دوران هٿيارٻندن جي فائرنگ سبب ڳوٺاڻي کي بچائيندڙ ممتاز عرف پٽو سيال دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو جنهن کي ڪنڊيارو اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي آخري اطلاعن موجب واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو

بقايا 12 روزاني عبرت

سردار علي شاهه عالمي سطح تي نمايان ڪاميابي حاصل ڪندڙ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ٽنڊو مير غلام حسين لطيف آباد حيدرآباد جو دورو ڪيو جتي هن اسڪول کي باضابطا طور تي هاءِ اسڪول جو درجو ڏيڻ ۽ اپگريڊيشن جو افتتاح ڪيو _ ان موقعي تي ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو، تعليم کاتي حيدرآباد جي عملدارن، استادن ، شاگردن والدين ۽ مقامي ڪميونٽي جا نمائندا پڻ موجود هئا_صوبائي وزير تعليم شاگردن ۽ استادن سان ملاقات ڪئي، مختلف ڪلاس رومز جو دورو ڪيو ۽ اسڪول ۾ دستياب ۽ گهربل سهولتن جو تفصيلي جائزو ورتو _هن ايجوڪيشن ورڪس جي لاڳاپيل عملدارن کي اسڪول ۾ اضافي ڪلاس رومز جي تعمير ۽ جديد ليب جي قيام لاءِ فوري طور تي قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي _ ان موقعي تي خطاب ڪندي سيد سردار علي شاهه چيو ته گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ٽنڊو مير غلام حسين عالمي سطح تي سنڌ ۽ پاڪستان جو نالو روشن ڪري سرڪاري تعليمي نظام لاءِ هڪ نئون مثال قائم ڪيو آهي _ هن چيو ته اسڪول ڪميونٽي شموليت جي ذريعي اهو ثابت ڪيو آهي ته جيڪڏهن معاشرو، والدين ، استاد ۽ مقامي برادري گڏيل طور تي ذميواريون ادا ڪندا ته سرڪاري اسڪول پڻ عالمي معيار جي ڪاميابي حاصل ڪري سگهن ٿا_هن چيو ته ڪميونٽي شموليت کان بغير اسان پنهنجن اسڪولن کي بهتر نٿا بڻائي سگهون، پنهنجي علائقي جي سرڪاري اسڪول جي نگراني ۽ معاونت کي معاشري جو هر فرد پنهنجو قومي فرض سمجهي _ وزير تعليم چيو ته سنڌ حڪومت عالمي سطح تي نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ سرڪاري اسڪول جي حوصلاافزائي کي عملي اقدام ۾ تبديل ڪندي نه فقط اسڪول کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو آهي بلڪ ان جي وڌيڪ ترقي لاءِ گهربل سهولتن جي فراهمي کي پڻ يقيني بڻائي رهي آهي _ هن چيو ته صلاحيتمند شاگردن ، محنتي استادن ۽ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ سرڪاري اسڪولن جي هرممڪن سرپرستي جاري رکي ويندي جڏهن ته اسڪول جي اپگريڊيشن سان علائقي جي شاگردن کي ثانوي تعليمي جي سهولت پنهنجن ئي علائقن ۾ ميسر ٿيندي _ اسڪول هيڊ مسٽريس وزير تعليم کي شاگردن جي قومي ۽ بين الاقوامي مقابلن ۾ نمايان ڪاميابين ، جديد تدريسي سرگرمين ۽ ڪميونٽي شراڪتداري تي مبني قدمن کان آگاهه ڪيو_ صوبائي وزير تعليم شاگردن جي صلاحيتن ، استادن جي محنت ۽ اسڪول انتظاميا جي قيادت کي ساراهيندي چيو ته مناسب موقعا ، موثر قيادت ۽ مسلسل جدوجهد سان سرڪاري اسڪول پڻ عالمي معيار حاصل ڪري سگهن ٿا _ان موقعي تي والدين ۽ مقامي ڪميونٽي جي نمائندن صوبائي وزير تعليم سان ملاقات دوران اسڪول تي خصوصي توجهه ، اپگريڊيشن ۽ ترقياتي قدمن تي پنهنجي اطمينان جو اظهار ڪيو _ واضح رهي ته گورنمينٽ گرلز لوئر سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو مير غلام حسين لطيف آباد نمبر 9 حيدرآباد ڪيٽيگري جي عالمي ٽاپ 10 فائنلسٽس ۾ جڳهه بڻائي سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ تاريخي اعزاز حاصل ڪيو آهي _ پوري دنيا کان هزارين اسڪولن مان فقط منتخب ادارا ئي عالمي ٽاپ 10 فائنلسٽس ۾ شامل ٿيا جڏهن ته پاڪستان مان رڳو ٻن اسڪولن ان باوقار اعزاز لاءِ شارٽ لسٽ ٿيا جن مان پنجاب جو نجي اسڪول ۽ سنڌ جو گورنمينٽ گرلز لوئر سيڪنڊري اسڪول ٽنڊومير غلام حسين شامل آهن _صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه ان تاريخي ڪاميابي تي اسڪول انتظاميا، هيڊ مسٽريس ، استادن، شاگردن، والدين ۽ مقامي ڪميونٽي کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته اهو اعزاز رڳو هڪ اسڪول جي ڪاميابي ناهي بلڪ سنڌ جي سرڪاري تعليمي نظام ، سرڪاري اسڪولن ۽ پوري پاڪستان لاءِ باعث فخر آهي _ هن چيو ته اسڪول جي سربراهه جي موثر قيادت، استادن جي اڻٿڪ محنت ، شاگردن جي دلچسپي ، والدين جي سهڪار ۽ ڪميونٽي جي شرڪتداري ان ڪاميابي کي ممڪن بڻايو آهي_ سنڌ حڪومت معياري تعليم، استادن جي پيشوراڻي ترقي ، تعليم ۽ ڪميونٽي شراڪتداري جي فروغ لاءِ پنهنجون ڪوششون وڌيڪ موثر بڻائيندي رهندي ته جيئن سرڪاري اسڪول عالمي سطح تي وڌيڪ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪري سگهن _ ان موقعي تي ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو چيو ته اسڪول جي ڪاميابي حيدرآباد لاءِ هڪ وڏو فخر آهي، اسڪول سان گڏ ميئر آفيس پاران هرممڪن تعاون ڪيو ويندو ته جيئن وڌ کان وڌ نياڻيون تعليم جي زيور سان آراستا ٿي سگهن

بقايا 13 روزاني عبرت

گهٽ ۾ گهٽ مهيني جي اجرت ۾ واڌ جي تجويز ڪيل شرح سرڪاري گزيٽ ذريعي جاري ڪري ڇڏيون آهن نوٽيفڪيشن موجب موجوده اجرت ۾ 7.5 سيڪڙو تائين واڌ جي تجويز ڏني وئي آهي تجويز ڪيل نئين گهٽ ۾ گهٽ مهيني جي اجرت موجب نيم ماهر مزدور جي پگهار 44 هزار 484 رپيا، هنر مند مزدور جي 53 هزار350 رپيا جڏهن ته اعليٰ هنر مند مزدور جي گهٽ ۾ گهٽ مهيني جي اجرت 55 هزار 626 رپيا مقرر ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي سنڌ منيمم ويجز بورڊ موجب اهي تجويز ڪيل شرحون مهانگائي، معاشي حالتن، پيداواري صلاحيت ۽ ٽرفريقي مشاورت کي نظر ۾ رکندي تيار ڪيون ويون آهن نوٽيفڪيشن تي عوام، صنعتڪارن، آجر تنظيمن ۽ مزدور نمائندن کان 14 ڏينهن اندر اعتراض ۽ تجويزون گهريون ويون آهن جن جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ حتمي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويندو نوٽيفڪيشن ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته اهي تجويز ڪيل گهٽ ۾ گهٽ اجرتون سنڌ صوبي جي 60 صنعتن تي لاڳو ٿينديون جڏهن ته آجر ڪنهن به ڪارڪن کي مقرر ڪيل گهٽ ۾ گهٽ اجرت کان گهٽ پگهار نه ڏئي سگهندو ۽ مرد ۽ عورت مزدورن کي هڪجهڙي نوعيت جي ڪم تي برابر گهٽ ۾ گهٽ اجرت ڏيڻ لازمي هوندو

بقايا 14 روزاني عبرت

ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار بابت داخل ڪيس ۾ محمد صديق ضمانتي طور عدالت آيو هو وارثن الزام هنيو ته عدالت جي احاطي ۾ پوليس اهلڪارن پاران حراسان ڪرڻ سبب سندس طبيعت بگڙي وئي، جنهن کان پوءِ کيس تعلقه اسپتال ڪيرو منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ٻئي طرف ڊي ايس پي غلام مجتبيٰ ڏاريجو الزام رد ڪندي چيو آهي ته پوليس طرفان ڪنهن به قسم جو تشدد نه ڪيو ويو محمد صديق سخت گرمي سبب دل جو دورو پوڻ ڪري فوت ٿيو واقعي کان پوءِ وارثن بنا ڪنهن قانوني ڪارروائي جي لاش اسپتال مان پنهنجي ڳوٺ کڻي ويا جڏهن ته واقعي جي خبر ٻڌڻ کان پوءِ فوتي جو ڀاءُ به بيهوش ٿي ويو جنهن کي پڻ علاج لاءِ تعلقه اسپتال ڪيرو منتقل ڪيو ويو

بقايا 15 روزاني عبرت

پنهنجون صلاحيتون وقف ڪن ٿيون. سي ملڪ ۽ قوم جو قيمتي اثاثو آهن اهڙن خيالن جو اظهار ڪراچي جي ميئر بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ڪارادار جنرل اسپتال جي دوري دوران ڪيو هن چيو ته ڪارادار جنرل اسپتال هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي کان اعليٰ معيار جون طبي خدمتون سرانجام ڏئي علائقي جي عوام لاءِ اميد ۽ اعتماد جو مرڪز بڻيل آهي هن وڌيڪ چيو ته نرسون ڊاڪٽر ۽ ٻيو طبي عملو انساني حياتيون بچائڻ جو مقدس فرض انتهائي ذميواري سان نڀائي رهيو آهي دوري دوران ميئر اسپتال جي مختلف شعبن جو تفصيلي معائنو ڪيو ۽ ڪارادار جنرل اسپتال اسڪول آف نرسنگ پاران منعقد ڪيل سالياني نرسنگ ريسرچ سيمينار ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي هن تحقيقي مقالا غور سان ٻڌا، نوجوان محققن جي ڪوششن کي ساراهيو ۽ شاگردن توڙي استادن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهايا. ان موقعي تي اسپتال جي صدر ۽ معروف صنعتڪار محمد بشير جان محمد خطاب ڪندي چيو ته نيڪ نيتي، بي لوث خدمت، مسلسل محنت ۽ سچي لگن سان ئي ادارا ترقي ۽ ڪاميابي جون منزلون طئي ڪندا آهن هن چيو ته ڪارادار جنرل اسپتال جي هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي جي مشتمل طبي، تعليمي ۽ تحقيقي خدمتون انسانيت جي ڀلائي جو روشن مثال آهن جيڪي انتظاميا، ڊاڪٽرن نرسن ۽ سموري عملي جي شبانه روز محنت جو ثمر آهن هن وڌيڪ چيو ته هتان تربيت حاصل ڪندڙ هزارين نرسون ۽ ڊاڪٽر اڄ پاڪستان سميت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پنهنجون پيشه ورانه خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن اسڪول آف نرسنگ جي ڊائريڪٽر طلعت پروين شاهه چيو ته پاڪستان ۾ نرسنگ جي شعبي کي وڌيڪ سرڪاري توجهه ۽ ادارياتي سهڪار جي سخت ضرورت آهي هن چيو ته نرسنگ افرادي قوت ۾ واڌ آڻڻ سان صحت جي شعبي کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي ٿو جنهن سان عوام کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ وڏي مدد ملندي آغا خان يونيورسٽي جي ريسرچ سائنسدان ڊاڪٽر ترئين سعيد علي چيو ته نرسنگ جي شعبي ۾ تحقيق جي هٿي وٺرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي جديد سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي مهارتن کي اختيار ڪري طبي شعبي کي درپيش چئلينجن جو مؤثر نموني مقابلو ڪري سگهجي ٿو انڊس يونيورسٽي اسپتال جي ريسرچ شعبي جي سربراهه ڊاڪٽر عماد فهيم چيو ته تحقيقي اصولن ۽ عالمي معيارن تي عمل ڪان سواءِ معياري تحقيق ممڪن ناهي هن زور ڀريو ته تحقيق جو بنيادي مقصد طبي پاليسين علاج جي معيار ۽ مريضن جي سهولتن ۾ بهتري آڻڻ هجڻ گهرجي هن نوجوان ريسرچرن جي علمي ڪوششن کي ساراهيندي انهن کي ملڪ جي طبي شعبي جي روشن مستقبل لاءِ نيڪ شگون قرار ڏنو ان موقعي تي اسپتال جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر خالد اقبال اسپتال جي ڪارڪردگي ۽ خدمتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني جڏهن ته پرنسيپال محمد شاهد پڻ خطاب ڪندي نرسنگ تعليم ۽ تحقيق جي اهميت تي روشني وڌي

بقايا 16 روزاني عبرت

آهي جيڪو 7 ۽ 8 جولاءِ 2026ع تي ڪراچي ۾ منعقد ٿيندو ان اعلان جو اظهار ڪراچي ۾ منعقد ٿيل پريس ڪانفرنس دوران ڪيو ويو پاڪستان بئنڪس ايسوسيئيشن جي اهتمام هيٺ ٿيندڙ هي سمٽ ملڪ جي بئنڪنگ ۽ مالي شعبي جو سڀ کان اهم قومي فورم بڻجي چڪو آهي، جنهن جو مقصد حڪومت، ريگيوليٽري ادارن، بئنڪنگ صنعت، ڪاروباري شعبي تعليمي ادارن ۽ عالمي ترقياتي ڀائيوارن وچ ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ عالمي بهترين تجربن مان فائدو حاصل ڪرڻ ۽ پاڪستان جي مالي شعبي جي ڊگهي مدي واري ترقي لاءِ مؤثر پاليسي ڊائلاگ کي فروغ ڏيڻ آهي هن سال جي سمٽ ۾ پاڪستان جي معيشت، مالي نظام زراعت، ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن (SMEs)، گهٽ لاڳت وارن رهائشي منصوبن ڊجيٽل بئنڪنگ، ادائگي نظام، اسلامي بئنڪنگ، موسمياتي ماليات، سرمائيداري مارڪيٽن ۽ مستقبل جي قيادت سميت اهم قومي ۽ عالمي موضوعن تي ٿو تفصيلي سيشن منعقد ڪيا ويندا سمٽ ۾ 1,200 کان وڌيڪ شرڪت ڪندڙن جي موجودگي متوقع آهي، جن ۾ پاليسي ساز، ريگيوليٽري ادارن جا نمائندا، بئنڪنگ شعبي جا اڳواڻ، ڪارپوريٽ ايگزيڪيوٽو تعليمي ماهر ۽ ترقياتي ادارن جا نمائندا شامل هوندا. تقريب ۾ 15 کان وڌيڪ بين الاقوامي ۽ 20 کان وڌيڪ پاڪستاني ماهر خطاب ڪندا جڏهن ته 48 کان وڌيڪ مالي ادارا پڻ پنهنجي نمائندگي ڪندا. تقريب جي اهم مقررن ۾ وفاقي وزير خزانہ ۽ محصولات سينيٽر محمد اورنگزيب، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جا گورنر جميل احمد، مملڪتي وزير خزانہ ۽ ريلويز بلال اظهر ڪياني جڏهن ته LUMS جي باني پرو چانسلر سيد بابر علي جو خصوصي وڊيو خطاب پڻ پروگرام جو حصو هوندو. پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي پاڪستان بئنڪنگ سمٽ جي اسٽيئرنگ ڪميٽي جي چيئرمين ۽ بئنڪ الفلاح جي صدر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر عاطف باجوه چيو ته پاڪستان بئنڪنگ سمٽ 2026 اهڙي وقت تي منعقد ٿي رهيو آهي، جڏهن ملڪ کي معاشي استحڪام پاليسي سڌارن ۽ گڏيل قومي حڪمت عملي جي ضرورت آهي هن چيو ته هي فورم پاليسي سازن، ريگيوليٽرن، بئنڪنگ شعبي ۽ عالمي ماهرن کي گڏ ڪري عملي ۽ قابل عمل حلن تائين پهچڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو پاڪستان بئنڪس ايسوسيئيشن جي چيئرمين ظفر مسعود چيو ته پاڪستان بئنڪنگ سمٽ حڪومت، ريگيوليٽري ادارن بئنڪنگ صنعت ۽ عالمي ڀائيوارن کي هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏ ڪري قومي اتفاقِ راءِ پيدا ڪرڻ ۽ عالمي بهترين طريقن مان فائدو وٺڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي

بقايا 17 روزاني عبرت

بلتستان جي نئين چونڊيل وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ کي عهدي جو حلف کڻڻ تي دل جي گهراين سان واڌايون ڏنيون آهن هن چيو ته گلگت بلتستان ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪاميابي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي مدبرانه قيادت ۽ عوام جي اعتماد جو چٽو ثبوت آهي وڏي وزير چيو ته امجد حسين ايڊووڪيٽ پنهنجي صلاحيت، ايمانداري ۽ عوامي خدمت جي جذبي سان گلگت بلتستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا. سيد مراد علي شاهه چيو ته گلگت بلتستان جي عوام جمهوري عمل تي اعتماد جو اظهار ڪندي پاڪستان پيپلز پارٽي کي تاريخي مينڊيٽ ڏنو آهي جيڪو عوام جي پارٽي تي ڀرپور اعتماد جو مظهر آهي هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوامي خدمت، جمهوري قدرن ۽ وفاق جي مضبوطي تي يقين رکي ٿي ۽ هاڻي گلگت بلتستان ۾ پيپلز پارٽي جي قيادت ترقي، خوشحالي ۽ عوامي ڀلائي جي نئين دور جي شروعات ڪندي وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت ۽ گلگت بلتستان حڪومت گڏيل سهڪار، قومي يڪجهتي ۽ عوامي ڀلائي وارن منصوبن کي هٿي ڏيڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪنديون هن زور ڀريو ته گلگت بلتستان جي ترقي پاڪستان جي ترقي آهي ۽ ملڪ جي سڀني وفاقي وحدتن جي خوشحالي اسان سڀني جي گڏيل قومي ذميواري آهي

بقايا 18 روزاني عبرت

وقت پيش آيو جڏهن پيءُ ۽ پٽ سوئمنگ پول جي صفائي ڪري رهيا هئا. صفائي دوران اتي لڳل برقي موٽر جون تارون شارٽ ٿي ويون، جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي کي شديد ڪرنٽ لڳو ۽ هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويا. واقعي جي اطلاع ملندي ئي ريسڪيو ٽيمون فوري طور واقعي واري هنڌ پهتيون ۽ لاشن کي ضروري ڪارروائي لاءِ ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس ۽ لاڳاپيل اختيارين واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ته جيئن حادثي جا سبب معلوم ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي

بقايا 19 روزاني عبرت

آهي. ڪورنگي نمبر اڍائي ڪوسٽ گارڊ چورنگي جي ويجهو روڊ حادثي ۾ 20 سالن جو اڻڄاتل شخص فوت ٿي ويو گڏاپ سٽي ٿاڻي جي حد سپر هاءِ وي بحريا ٽائون علي بلاڪ جي ويجهو 52 سالن جو بهادر ولد الله جوريو جو پراڻو لاش مليو

بقايا 20 روزاني عبرت

کي اسرائيلي فوج کي شڪست ڏيڻ تي سلام پيش ڪيو ۽ چيو ته ايراني شهرين اسرائيلي سازش کي ناڪام بڻائي ڇڏيو آهي هن پنهنجي خطاب ۾ عزم جو اظهار ڪيو ته مخالفن جي هر سازش ناڪام ٿيندي ۽ اهي ڪامياب نه ٿيندا. پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته هو وزيراعظم شهباز شريف جو ٿورائتو آهي جنهن اسان جو مينڊيٽ تسليم ڪيو. گلگت بلتستان ۾ وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ جي حلف برداري تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته گلگت بلتستان جي مسلم ليگ جي نمائندن اسان جي حمايت ڪئي، اسان گڏجي هن خطي جي ترقي لاءِ ڪم ڪنداسين. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته گلگت بلتستان جو عوام اڄ به ذوالفقار علي ڀٽو کي ياد ڪري ٿو گلگت بلتستان جي عوام ڊوگرا راڄ کان آزادي حاصل ڪئي، مان هن خطي جي عوام جي قربانين کي ڀيٽا پيش ڪريان ٿو هن چيو ته گلگت بلتستان جي عوام کي آئيني حق ڏيارينداسين، مان اهو ڏينهن ڏسڻ چاهيان ٿو جڏهن هتان جا نمائندا مون سان گڏ قومي اسيمبلي ۾ هوندا. پيپلز پارٽي ملڪيت جي حق جو جيڪو واعدو ڪيو آهي، ان تي عمل ڪيو ويندو توهان کي محسوس نه ٿيڻ ڏينداسين ته اسان حڪومتي ۽ توهان اپوزيشن بينچن تي آهيو پ پ چيئرمين چيو ته هتي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ذريعي فارمنگ ڪري سگهجي ٿي هن چيو ته وفاق ۾ اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي، هي توهان جي پنهنجي زمين آهي، توهان کي فيصلو ڪرڻو آهي ته هن زمين جو ڇا ڪرڻو آهي. بلاول ڀٽو چيو ته اها اسان جي ذميواري آهي ته اهڙو معاشي ماحول جوڙيون جو هتان جي ماڻهن کي روزگار ملي، سڀ کان وڌيڪ قابليت (ميريٽ) هتي گلگت بلتستان ۾ موجود آهي سندس چوڻ هو ته پاڪستان ۾ سياست جهيڙي ۽ دشمني جو نالو آهي، پر جي بي ۾ حڪومت ڪندڙ ۽ هارائيندڙ ٻنهي جي آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪنهن پارٽي کي فرق محسوس نه ٿيڻ ڏينداسين، سڀ گلگت بلتستان جا آهن سياري کان اڳ اسان گلگت بلتستان ۾ مڪاني چونڊون ڪرائينداسين

بقايا 21 روزاني عبرت

ڪندي چيو آهي ته هڪ بي گناهه عورت جي تحفظ لاءِ جان قربان ڪرڻ اعليٰ انساني قدرن ۽ قومي خدمت جو هڪ روشن مثال آهي. سومر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل بيان ۾ صدر شهيد گروپ ڪيپٽن عاصم طارق جي خاندان سان تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ صبر ۽ جميل جي دعا ڪئي صدر چيو ته اسلام آباد جي هڪ اهم شاهراهه تي اهڙي طرح جو واقعو ڳڻتي جو سبب آهي ۽ اهڙن واقعن جي مڪمل خاتمي کي يقيني بڻائڻ جي ضرورت آهي

بقايا 22 روزاني عبرت

ڪندي چيو آهي ته هن هڪ عورت جي جان ۽ عزت جي حفاظت لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري بي مثال جرئت، بهادري ۽ فرض شناسي جو مثال قائم ڪيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم چيو ته قوم اهڙن بهادر پٽن جي قربانين کي سدائين قدر ۽ احترام جي نظر سان ڏسندي آهي وزيراعظم شهيد گروپ ڪيپٽن عاصم طارق جي خاندان سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو ته سڄي قوم شهيد جي خاندان جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ شهيد جا درجا بلند فرمائي ۽ کيس جنت ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ پوئٽرن کي اهو صدمو صبر ۽ حوصلي سان برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري وزيراعظم لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته واقعي جي مڪمل ۽ شفاف جاچ ڪري ذميوار عنصرن کي قانون مُوجب سخت سزا ڏني وڃي

بقايا 23 روزاني عبرت

ڪان بچي نه سگهندا هن چيو ته شهيد سپريم ليڊر عزت، آزادي ۽ قومي وقار جو رستو مقرر ڪيو جنهن تي ايران جون هٿيارٻند فوجون پوري ثابت قدمي سان هلنديون رهنديون جنرل امير حاتمي وڌيڪ چيو ته ايران جون هٿيارٻند فوجون سپريم ليڊر آيت الله سيد مجتبيٰ خامنه اي جي قيادت ۾ بنا ڪنهن هٻڪ جي پنهنجا فرض نڀائينديون رهنديون

بقايا 24 روزاني عبرت

سنڌ طاس معاهدي کي هڪطرفي طور تي معطل رکڻ جي ناڪام ڪوشش جي ڪا قانوني حيثيت نه آهي ۽ نه ئي اخلاقي جواز آهي ان قدم سان ڀارت کي شرمندگي ڪانسواءِ ڪجهه حاصل نه ٿيو اها گڏيل قومن جي توثيق ٿيل "ون واٽر ون ويزن" جي اصول جي واضح خلاف ورزي آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

سندر آڏواڻي جسٽس انٽرنيشنل پاران ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي تعاون سان منعقد ڪيل پهرين اقليتي قانون ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ڪانفرنس جو مقصد انساني حقن، مذهبي هم آهنگي، اقليتي حقن جي تحفظ، لاڳاپيل قانون سازي ۽ اقليتي برادري کي درپيش قانوني مسئلن جي حل تي بحث ڪرڻ هو. ڪانفرنس جو موضوع ميثاق مدينه، آئين، عدالتون ۽ اقليتي معاملا هئا. ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ڪانفرنس جي منتظمين ۽ سڀني تعاون ڪندڙ ادارن ۽ شخصيتن کي هڪ ڪامياب ۽ بامعني پروگرام منعقد ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني هن چيو ته هن اهم ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي پهرين اقليتي قانون ڪانفرنس جو انعقاد هڪ خوش آئند پيش رفت آهي جيڪو پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني ۽ اقليتي حقن جي تحفظ تي سنجيده ڳالهه ٻولهه جي ضرورت جو مظهر آهي اهي معمولي نقطا نه آهن پر بنيادي ۽ اهم موضوع آهن جن جي اڄ جي دور ۾ اڳ کان وڌيڪ ضرورت آهي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت، سنڌ جي وڏي وزير ۽ سنڌ حڪومت هميشه ميثاق مدينه جي بنيادي اصولن کي ترجيح ڏني آهي هن سوچ جو عملي اظهار اهو آهي ته اڄ اقليتي نمائندا برابر حقن سان اسيمبلي ۾ موجود آهن ته جيئن اهي پنهنجي برادري جي اثرائتي آواز بڻجي سگهن ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي قانوني برادري کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته اهو ساراهه جوڳو آهي ته انهن نه رڳو اقليتن سان لاڳاپيل قانون سازي تي آواز اٿاريو پر ان جي اثرائتي عمل درآمد ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي رياست هميشه اقليتن جي حقن جي تحفظ لاءِ پرعزم رهي آهي پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ اقليتي معاملن واري کاتي جي قيادت، سنڌ حڪومت ۽ قانوني برادري اقليتن سان لاڳاپيل قانون سازي ۽ ٻين قانوني معاملن تي گڏجي ڪم ڪندي رهندي ته جيئن انساني حقن جي تصور کي وڌيڪ فروغ ڏئي سگهجي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته هو اقليتن سميت پوري قوم جي حقن جي تحفظ لاءِ هميشه قانوني برادري سان گڏ بيٺل رهندو ۽ هر ممڪن تعاون فراهم ڪندو رهندو ان موقعي تي اڳوڻي جسٽس قمرالدين بوهرا سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر محمد حسيب جمالي، جنرل سيڪريٽري فريده منگريو ايڊووڪيٽ ڪلپنا ديوي، ڪراچي بار جي اڳوڻي صدر امير وڙائچ، فادر ماريو ايڊووڪيٽ روپ مالا سنگهه، سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي انساني حقن جي ڪميٽي جي چيئرمين سري چند راٺوڙ سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن ۽ وڪيلن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي تقريب جي آخر ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جي صدر محمد حسيب جمالي جنرل سيڪريٽري فريده منگريو ۽ ٻيا شرڪت ڪندڙ شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ پيش ڪيا

بقايا 26 روزاني عبرت

زراعت، هيلٿ ڪيئر، هيومن ڪيپيٽل ڊيولپمينٽ ۽ سوشل پروٽيڪشن سميت اهم شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو آهي. اهو اتفاق وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل هڪ اجلاس ۾ ٿيو جنهن ۾ پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ جو وزير ڄام خان شورو، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه ۽ سيڪريٽري ناٿو فياض جتوئي شريڪ ٿيا جڏهن ته آءِ ايف سي جي وفد ۾ مس ناز خان ۽ مس سحر اعتزاز شامل هيون اجلاس دوران وڏي وزير اسٽريٽجڪ شعبن ۾ سيڙپڪاري لاءِ ڌيان ڇڪرائڻ لاءِ سنڌ جي عزم کي نمايان ڪيو ۽ صوبي ۾ هڪ بين الاقوامي ڊيٽا سينٽر جي قيام سان گڏ نئين شعبي لاءِ نئين ٿيندڙ توانائي جي پيداوار کي وڌائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وڏي وزير چيو اسان اڀرندڙ شعبن، خاص طور تي ڊيجيٽل انفراسٽرڪچر ۽ نئين ٿيندڙ توانائي ۾ سيڙپڪاري لاءِ هڪ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ تي ڌيان ڏئي رهيا آهيون جيڪي معاشي ترقي ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ انتهائي اهم آهن گفتگو ۾ زرعي ويليو چينز کي مضبوط بڻائڻ اسٽوريج ۽ پروسيسنگ جي سهولتن کي بهتر ڪرڻ ۽ ميڪانائيزيشن ذريعي هارين جي روزگار کي بهتر بڻائڻ تي به ڌيان ڏنو ويو ننڍن هارين کي درپيش چيلينجز کي نمايان ڪندي وڏي وزير چيو اسان جي هارين جو هڪ وڏو انگ ننڍن زميندارن تي مشتمل آهي جن وٽ 25 ايڪڙن تائين زمين آهي اسان پاڙيسري هارين کي گروپ ٺاهڻ ۽ سرڪاري سبسڊي وارن ٽريڪٽرن مان گڏيل طور تي فائدو وٺڻ جي ترغيب ڏئي انهن جي ڪاشتڪاري کي ميڪانائيز ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ چاهيون ٿا. وڏي وزير چيو جڏهن ٻه يا ٽي هاري، جيڪي هڪٻئي سان ملندڙ زمينن تي ڪاشتڪاري ڪن ٿا، گڏ ٿين ٿا، ته اسان سبسڊي وارن ٽريڪٽرن ذريعي انهن جي مدد ڪري سگهون ٿا. جنهن سان اهي پيداواري صلاحيت کي بهتر ڪرڻ ۽ پنهنجي زمين جو بهتر استعمال ڪرڻ جي قابل ٿي سگهندا. آءِ ايف سي جي ڊويزن ڊائريڪٽر پاڪستان هيومن ڪيپيٽل خاص طور تي هيلٿ ڪيئر ايجوڪيشن ۽ اسڪلز ڊيولپمينٽ کي بهتر ڪرڻ جي قدمن ۾ سهڪار ڪرڻ جو اظهار ڪيو ڳالهين ۾ سنڌ جي اسٽنٽنگ (ٻارن جي سوڪهڙي) جي خاتمي واري پروگرام ۽ ٻارن جي صحت ۽ تعليمي نتيجن کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش تي سهڪار شامل هو وڏي وزير چيو سنڌ جو مستقبل صحت مند، تعليم يافته ۽ هنرمند نوجوانن تي ٻڌل آهي اسان اهڙن پروگرامن ۾ سيڙپڪاري ڪري رهيا آهيون جيڪي هيلٿ ڪيئر کي بهتر ڪن ٿا، اسٽنٽنگ کي گهٽ ڪن ٿا ۽ اسان جي ٻارن کي ايندڙ ڪلهه جي معيشت لاءِ ضروري مهارتن سان آراسته ڪن ٿا مسٽر سائمن اينڊريوز سنڌ حڪومت جي سڌارن واري ايجنڊا کي ساراهيو ۽ صوبي ۾ پائيدار ۽ جامع ترقياتي قدمن جي حمايت لاءِ آءِ ايف سي جي عزم جو ورجاءُ ڪيو مسٽر اينڊريوز چيو آءِ ايف سي حڪومت سنڌ سان اهڙن شعبن ۾ ڀائيواري جا اهم موقعا ڏسي ٿي جيڪي ڊگهي مدت جا معاشي ۽ سماجي اثر وجهي سگهن ٿا، بشمول ڊيجيٽل انفراسٽرڪچر نئين ٿيندڙ توانائي، زرعي ڪاروبار هيلٿ ڪيئر ۽ هيومن ڪيپيٽل ڊيولپمينٽ اجلاس ۾ هيلٿ ڪيئر سيڪٽر خاص طور تي نرسنگ ۾ افرادي قوت جي کوٽ کي ختم ڪرڻ تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وڏي وزير سنڌ ۾ تربيت يافته نرسن جي سالياني پيداوار ۾ نمايان اضافو ڪرڻ جو پنهنجو ويزن شيئر ڪيو هن چيو اسان ملڪي گهرج کي پورو ڪرڻ ۽ پنهنجي هنرمند پيشيور ماڻهن لاءِ بين الاقوامي سطح تي موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ هر سال گهٽ ۾ گهٽ 15,000 نرسون تيار ڪرڻ چاهيون ٿا. حڪومت هن قدم جي شروعات لاءِ فنڊز فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهي جڏهن ته ان جي ڊگهي مدت جي پائيداري لاءِ نجي شعبي جي شراڪت جي ترغيب ڏني ويندي، پاڪستان ۾ تربيت يافته نرسنگ پروفيشنلز جي کوٽ کي تسليم ڪندي، ٻنهي ڌرين بنيادي نرسنگ تعليم ۽ خصوصي تربيت لاءِ هڪ جامع ماڊل تيار ڪرڻ تي گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو وڏي وزير پنهنجي ٽيم کي هدايت ڪئي ته اها هيلٿ ڪيئر، زراعت، سوشل پروٽيڪشن ۽ هيومن ڪيپيٽل ڊيولپمينٽ ۾ تعاون جي موقعن جي سڃاڻپ لاءِ آءِ ايف سي جي ماهرن سان گڏجي ڪم ڪري وڏي وزير ڳالهه ختم ڪندي چيو اسان انهن خيالن کي عملي منصوبن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ آءِ ايف سي سان ڪم ڪرڻ جا منتظر آهيون جيڪي روزگار کي بهتر بڻائيندا، نوڪريون پيدا ڪندا ۽ سنڌ جي عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪندا. مسٽر اينڊريوز سنڌ سان لاڳاپن کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ ۽ صوبي جي ترقياتي ترجيحن جي حمايت لاءِ نوان مالي ۽ سيڙپڪاري جا حل ڳولڻ لاءِ آءِ ايف سي جي آمادگي جو اعادو ڪيو اجلاس ۾ موسمياتي لچڪدار انفراسٽرڪچر تي سهڪار ۽ سنڌ ڀر ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي منصوبن ۾ موسمياتي خطرن جي عنصرن کي شامل ڪرڻ جي موقعن جو به جائزو ورتو ويو آءِ ايف سي جي پائيدار انفراسٽرڪچر ايڊوائزري ٽيم پي پي پي منصوبن جي تياري، پرک ۽ انتظام ۾ موسمياتي خطرن جي پرک ۽ موافقت جي قدمن کي شامل ڪرڻ لاءِ ٽيڪنيڪي مدد فراهم ڪرڻ جي تجويز ڏني سهڪار جي ترجيحي شعبن جي سڃاڻپ لاءِ هن وقت ڳالهيون جاري آهن سنڌ پي پي پي يونٽ ڪن اهم شعبن ۾ آءِ ايف سي کان مشاورتي سهڪار جي درخواست ڪئي جن ۾ پروجيڪٽ ٽيمن لاءِ صلاحيت سازي، ڪلائيميٽ ريزيليئنس جي رهنمائي وارين اصولن جي تياري، ۽ پي پي پي پروجيڪٽ جي رٿابندي ۽ اسٽرڪچرنگ جي عمل ۾ موسمياتي خطرن جي پرک جي اوزارن کي شامل ڪرڻ شامل آهي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو اسان کي اهو يقيني بڻائڻو پوندو ته اسان جا انفراسٽرڪچر ۽ ترقياتي منصوبا موسمياتي تبديلي جي وڌندڙ اثرن کي برداشت ڪرڻ لاءِ ڊيزائن ڪيا وڃن پروجيڪٽ جي منصوبه بندي ۾ لچڪ پيدا ڪرڻ هاڻي اختياري ناهي رهيو اهو پائيدار ترقي لاءِ ناگزير آهي وڏي وزير موسمياتي چيلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ ادارتي صلاحيت کي مضبوط بڻائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ۽ موسمياتي موافقت جي فريم ورڪس ۽ لچڪ تي ٻڌل پروجيڪٽ ڊيزائن جي معيارن کي تيار ڪرڻ ۾ آءِ ايف سي جي سهڪار جي آجيان ڪئي

بقايا 27 روزاني عبرت

جي قيمت جو تعين صرف سرڪاري ريٽ جي بنياد تي نه ٿو ڪري سگهجي پر مارڪيٽ ويليو، زمين جي ممڪن استعمال ۽ مستقبل ۾ ان جي ترقي جي امڪانن کي به نظر ۾ رکڻ ضروري آهي رپورٽنگ لاءِ منظور ٿيل لکت واري تفصيلي فيصلي موجب سپريم ڪورٽ جي جج جسٽس محمد علي مظهر صوابي ۾ ڊيم ٺاهڻ واري منصوبي لاءِ حاصل ڪيل ايراضي جي معاوضي بابت ڪيس ۾ 20 صفحن تي ٻڌل لکت وارو فيصلو جاري ڪيو جنهن ۾ خيبر پختونخوا جي حڪومت جون سمورين سول اپيلون رد ڪندي پشاور هاءِ ڪورٽ ۽ ريفرنس ڪورٽ جي فيصلن کي برقرار رکيو ويو فيصلي ۾ چيو ويو ته جيڪڏهن ايراضي حاصل ڪرڻ واري عمل ۾ غير معمولي دير هجي ته ان دوران زمين جي قيمت ۾ اضافي ۽ ناڻي واڌ جي اثرن کي به معاوضي جي تعين ۾ شامل ڪرڻ گهرجي ته جيئن متاثر شهري کي حقيقي مالي انصاف فراهم ڪري سگهجي سپريم ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ ان اصول کي به ورجايو ته ايراضي جي معاوضي جو اصول سون جي بدلي سون ڪاسو نه هئڻ گهرجي يعني زمين جي مالڪ کي اهڙو معاوضو ملڻ گهرجي جيڪو ان جي نقصان جو مڪمل ازالو ڪري سگهي عدالت موجب زمين حاصل ڪرڻ جو مقصد جيتوڻيڪ عوامي مفاد هوندو آهي پر ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن شهري کي غير منصفاڻي مالي نقصان پهچائڻ آئين ۽ قانون جي روح کان انڪار آهي ان لاءِ معاوضي جو تعين زمين جي اصل مارڪيٽ ويليو ان جي نوعيت، مستقبل جي فائدن ۽ ٻين لاڳاپيل عنصرن کي سامهون رکي ڪرڻ گهرجي. ڪيس موجب صوابي ۾ ڊيم منصوبي لاءِ حاصل ڪيل ايراضي جا مالڪ سرڪاري طور تي مقرر ڪيل معاوضي کي ناڪافي قرار ڏيندي ريفرنس ڪورٽ سان رجوع ڪيو هو ريفرنس ڪورٽ شاهدين جي بنياد تي معاوضي ۾ اضافو ڪيو جنهن کان پوءِ پشاور هاءِ ڪورٽ به برقرار رکيو خيبر پختونخوا حڪومت ان فيصلي کي سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو جڏهن ته سپريم ڪورٽ حڪومت جي سمورن اعتراضن کي رد ڪندي اپيلون خارج ڪري ڇڏيون ۽ زمين مالڪن جي حق ۾ ڏنل فيصلن کي برقرار رکيو

بقايا 28 روزاني عبرت

چيئرپرسن سينيٽر روبينا خالد پاران فريال ٽالپر جو هيڊ ڪوارٽر پهچڻ تي استقبال ڪيو ويو سينيٽر روبينا خالد ۽ سندس اعليٰ آفيسرن جي ٽيم پاران فريال ٽالپر کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي دنيا بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي اثرائتي ڪردار کان واقف آهي فريال ٽالپر چيو آهي ته هي پروگرام هاڻي سماج جي محروم طبقن کي مالي مدد فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ عالمي طور تي تسليم ٿيل شفاف ۽ قابل اعتماد طريقو آهي فريال ٽالپر چيو آهي ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام بلاشبه عوام جي اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نظريي ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي فلسفي جي عڪاسي ڪري ٿو فريال ٽالپر چيو ته صدر آصف علي زرداري بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شروع ڪري عوام جي اڳواڻ ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي عوام سان ڪيل واعدو پورو ڪيو، فريال ٽالپر چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بينظير انڪم سپورٽ پروگرام خلاف هر سازش جو بهادري سان مقابلو ڪيو آهي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ملڪ جي سڀ کان وڌيڪ محروم طبقن جي عورتن لاءِ معاشي آزادي جي شروعات آهي فريال ٽالپر چيو آهي ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا حصا جهڙوڪ وسيلا روزگار ۽ وسيلا تعليم پائيدار ترقي لاءِ مضبوط بنياد فراهم ڪري رهيا آهن فريال ٽالپر چيو آهي ته غربت جي خاتمي ۽ پائيدار ترقي لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جهڙن قدمن تي گروهي ۽ سياسي مفادن کان اڳتي ڏسڻ صورتحال جي تقاضا آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

جي وڏي وزير جو عهدو سنڀالڻ پيپلز پارٽي جي عوام دوست سياست جو مثال آهي، گلگت بلتستان جي عوام هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ ان جي ويزن تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ايڊووڪيٽ امجد حسين گلگت بلتستان ۾ ترقي، خوشحالي ۽ عوامي ڀلائي جو هڪ نئون باب شروع ڪندو گلگت بلتستان جي نئين صوبائي حڪومت عوام کي درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻندي هن چيو ته گلگت بلتستان ۾ پيپلز پارٽي جي ڪاميابي مزدورن جي اڻ ٿڪ محنت ۽ عوامي اعتماد جو نتيجو آهي

بقايا 30 روزاني عبرت

ملير الفلاح ۾ بابا ولايت شاهه جي مزار پرسان 11 ورهين جي ٽينگري فريده جي فوتگي واري واقعي نئون رخ اختيار ڪري ورتو آهي پوليس شروعاتي طور واقعي کي جهولي ٽٽڻ سبب پيش آيل حادثو قرار ڏنو هو پر وارثن پوليس جي موقف کي رد ڪندي الزام لڳايو آهي ته ٽينگري کي جهولي هلائيندڙ شخص لٺ جا وار ڪري قتل ڪيو وارثن موجب فريده پنهنجي ماءُ سان گڏ مزار پرسان موجود هئي جتي هڪ جمپنگ جهولي تي هٿ رکيو ته جهولي هلائيندڙ مبينا طور سندس مٿي ۽ ڳچيءَ تي لٺ جا وار ڪيا. سندن چوڻ آهي ته ٽينگري کي اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو پر هوءَ رستي ۾ ئي فوت ٿي وئي ٽينگري جي ڏاڏي دعويٰ ڪئي ته محسن نالي شخص، جنهن جي علائقي ۾ پنڪچر جي دڪان آهي، ٽينگري تي حملو ڪيس جڏهن ته ڏاڏيءَ جو به چوڻ آهي ته مٿي ۽ ڳچيءَ تي لڳل ڌڪ ئي موت جو سبب بڻيا. وارثن وڌيڪ الزام هنيو ته پوليس کي بيان ڏيڻ کان پوءِ به ڇڏا سندن گهر آيا، گهر جي عورتن تي تشدد ڪيو ۽ پسٽل جي بٽ هڻي کين زخمي ڪيو وارثن جو چوڻ آهي ته هنن پوليس آڏو پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيو آهي پر اڃا تائين نه ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي ۽ نه ئي ڪنهن جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي هنن مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪري ذميوارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ٻئي طرف، وارثن جي انهن الزامن تي پوليس طرفان اڃا تائين ڪو باضابطه ردعمل سامهون نه آيو آهي جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي هن خبر ۾ شامل الزام وارثن جا آهن جن جي اڃا تائين سرڪاري طور تصديق نه ٿي آهي ۽ پوليس جي جاچ جاري آهي

بقايا 31 روزاني عبرت

ملوث ڪن جوابدارن جا ڊي اين اي نمونا فارنزڪ جاچ دوران ميچ ٿي ويا آهن. جن جوابدارن جا ڊي اين اي ميچ ٿيا آهن انهن ۾ جوابدار نواز جو نالو سڀ کان مٿي آهي ذريعن موجب، مٿس الزام آهي ته هن سڀ کان پهرين متاثر عورت سان زيادتي ڪئي جنهن کان پوءِ سندس چوڻ تي ٻين جوابدارن به ان ڏوهه ۾ حصو ورتو جاچ ذريعن موجب، پوليس اٺن جوابدارن جا ڊي اين اي نمونا ڪراس ميچ لاءِ فارنزڪ ليبارٽري موڪليا هئا. جڏهن ته ٻين جوابدارن جي ڊي اين اي نمونن جو تجزيو اڃا جاري آهي هوڏانهن اغوا ڪندڙن جي گاڏي جي ساڻ ٽڪرائجندڙ گاڏي جي مالڪ به پوليس وٽ ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو آهي. داخل ايف آءِ آر موجب، گاڏي جو ڊرائيور عثمان هڪ خانگي سوسائٽي کان پنڌ چوڪ وڃي رهيو هو ته ايئرپورٽ روڊ تي هڪ تيز رفتار گاڏي سندس گاڏي کي ٽڪر هنيو جنهن سبب گاڏي کي اٽڪل ٽي لک رپين جو نقصان پهتو جڏهن ته ٽڪر هڻندڙ گاڏي جو ڊرائيور فرار ٿي ويو ايف آءِ آر موجب، ڊرائيور عثمان ون فائيو تي اطلاع ڏنو جنهن کان پوءِ پوليس واقعي واري هنڌ پهتي. حادثي کان پوءِ ٻئي پرڏيهي عورتون گاڏي مان لهي ويجهو موجود هڪ دڪان ۾ پناهه ورتي. ٻئي پاسي، ٻن پرڏيهي عورتن جي اغوا ۽ زيادتي واري ڪيس ۾ ايس ايڇ او ڊفينس سي فرياد علي، جڊيشل مئجسٽريٽ کي ڌمڪيون ڏيڻ واري ڪيس ۾ عبوري ضمانت حاصل ڪري ورتي آهي. سيشن ڪورٽ لاهور ايس ايڇ او فرياد علي کي 10 جولاءِ تائين گرفتار ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. عدالت پوليس کي نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪيو آهي ۽ ايس ايڇ او کي جاچ ۾ شامل ٿيڻ جو حڪم پڻ ڏنو آهي. واضح رهي ته ايس ايڇ او فرياد علي خلاف جڊيشل مئجسٽريٽ جي گهر وڃي ڌمڪيون ڏيڻ جي الزام هيٺ ٿاڻي مصطفيٰ آباد ۾ ايف آءِ آر داخل ٿيل آهي

بقايا 32 روزاني عبرت

ترقي جي ڏينهن جي موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته ڳوٺاڻن علائقن جي ترقي ئي مضبوط، خوشحال ۽ خودمختيار پاڪستان جي بنياد آهي هن چيو ته ڳوٺاڻن علائقن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ دراصل قوم جي محفوظ ۽ پائيدار مستقبل ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ برابر آهي هاري، مزدور ۽ ڳوٺاڻا ماڻهو اسان جي معيشت ۽ خوراڪ جي تحفظ جي ريڙهه جي هڏي آهن وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت ڳوٺاڻن علائقن مان غربت جي خاتمي روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ زرعي ترقي لاءِ اثرائتا قدم کڻي رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته موسمياتي تبديلي جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڳوٺاڻن علائقن کي وڌيڪ مضبوط ۽ بااختيار بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته زرعي شعبي جي جديد بنيادن تي ترقي پاڻي جي بهتر انتظام ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي واڌاري تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي. جڏهن ته ڳوٺاڻن نوجوانن ۽ عورتن کي تعليم فني مهارت، مالي سهولتون ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي هن چيو ته حڪومت ڳوٺاڻن علائقن ۾ روڊن، صحت، تعليم صاف پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ ڀرپور سيڙپڪاري ڪري رهي آهي وڏي وزير پنهنجي پيغام ۾ چيو ته ڳوٺاڻن ڪاروبارن ننڍن ۽ وچولي درجي جي ادارن ۽ زرعي ويليو چين جي ترقي سان معيشت کي نئين رفتار ملندي هن زور ڏنو ته پائيدار ترقي جا هدف حاصل ڪرڻ لاءِ ڳوٺاڻن ترقي، سماجي انصاف ۽ ماحولياتي تحفظ کي گڏ کڻي هلڻو پوندو آخر ۾ وڏي وزير عزم ظاهر ڪيو ته سنڌ جي هر ڳوٺاڻي شهري کي ترقي، خوشحالي ۽ باوقار زندگي جا برابر موقعا فراهم ڪيا ويندا.

بقايا 33 روزاني عبرت

لاءِ 7 ڏينهن واري خصوصي مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو افتتاحي تقريب قومي اداري براءِ امراض اطفال ۾ منعقد ڪئي وئي صحت کاتي موجب مهم دوران ڪراچي ۾ 25 لک ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي اختيارين ٻڌايو ته ڪراچي جي سمورين 201 يونين ڪائونسلن (يو سيز) ۾ خصوصي پوليو مهم هلائي ويندي صحت کاتي موجب پوليو ٽيمن جي سيڪيورٽي لاءِ 7 هزار 853 پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن جيئن مهم کي محفوظ ۽ ڪامياب بڻائي سگهجي

بقايا 34 روزاني عبرت

ڪندي چيو ته پيپلزپارٽي هميشه عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي پ پ پنهنجي دؤر ۾ تاريخي ڪم ڪيا آهن سنڌ حڪومت جو عوام جي بهتري لاءِ ڪروڙن رپين جي پراجيڪٽ ڏنا آهن ۽ تعليم جي ميدان ۾ ترقي واڌاري لاءِ ٽنڊو محمد خان ضلعو ۾ هر يونين ڪائونسل اندر ماڊل اسڪول ٺاهيا پيا وڃن ڪافي اسڪول ٺهي چڪا آهن ته جيئن علائقي جا ٻار پنهنجن ڳوٺن ۾ سٺي تعليم پرائين ۽ انهن جو مستقبل بهتر ٿئي ته جيئن اهي سٺو مقام حاصل ڪن هن چيو ته اسان تعليم جي بهتري لاءِ سدا اسعاد پڻ پرتي ڪنداسين.

بقايا 35 روزاني عبرت

انقره ۾ ٿيندڙ نيٽو ملڪن جي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو وائيٽ هائوس موجب ٽرمپ اجلاس جي موقعي تي يوڪرين جي صدر سان پڻ ملاقات ڪندو صدر ٽرمپ شام جي صدر احمد الشرع سان به ملاقات ڪندو واضح رهي ته نيٽو ملڪن جو اجلاس 7 ۽ 8 جولاءِ تي انقره ۾ ٿي رهيو آهي

بقايا 36 روزاني عبرت

معطلي بابت درخواست تي وفاق سميت ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي 21 جولاءِ تائين ملتوي ڪري ڇڏي، عدالت ٻڌڻي دوران قرار ڏنو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڪيس مقرر ڪري سزا معطلي جي درخواست تي فيصلو ڪري، جسٽس محمد علي مظهر جي سربراهي ۾ جسٽس مسرت هلالي ۽ جسٽس شاهد بلال حسن تي ٻڌل 3 رڪني بئنچ سومر تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران ايمان مزاري جي وڪيل فيصل صديقي موقف اختيار ڪيو ته سپريم ڪورٽ اڳ ئي هاءِ ڪورٽ کي ٻن هفتن ۾ سزا معطلي جي درخواست تي فيصلو ڪرڻ جي هدايت ڏني هئي پر ان باوجود حڪم تي عمل نه ٿيو

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

تعليمي ايمرجنسي جا اعلان يا قوم سان مذاق؟
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
ايل نينو ۽ آبڪلاڻي
صفحو 4

پيپلز پارٽي دل ۾ جايون ڏياري سگهي ٿي!
ذوالفقار خاڪي
صفحو 4

مختيار اٽڪ
اجوڪو ڏينهن — 07 جولاءِ
صفحو 4

سيتارجا جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول جي چوديواري وڏي عرصي کان ڊٺ پيل

گذريل ڪيترن ئي عرصي کان اسڪول جي چوديواري ڪريل هجڻ باوجود اڃا تائين مرمت نه ٿي سگهي

چوديواري ڪريل هجڻ ڪري ڪتا جانور اسڪول اندر گهمڻ لڳا، سوين شاگرد ۽ شاگرديائيون غير محفوظ بڻيل

گرمين جون موڪلون ختم ٿيڻ کان اڳ اسڪول جي ڪريل چوديواري جي فوري طور تي تعمير ڪرائي وڃي: رهواسي

ٺري ميرواهه(ن ع) سيتارجا جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول جي چوديواري ڪي مختلف هنڌن تان گذريل ڪيترن ئي عرصي کان ڪريل هجڻ باوجود اڃا تائين تعمير نه ٿي سگهي آهي جنهن سبب اسڪول ۾ پڙهندڙ سوين شاگرد ۽ شاگرديائيون غير محفوظ بڻيل چوديواري ڪريل هجڻ ڪري ڪتا جانور اسڪول اندر گهري اچن ٿا سنڌ جي تعليم کاتي پاران اسڪولن جي پرنسپالن کي اسڪولن جي ڪمن لاءِ مالي اختيار ۽ فنڊ فراهم ڪرڻ باوجود سيتارجا جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول جي ڪريل چوديواري جي مرمت يا نئين سر تعمير لاءِ ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي جنهن ڪري اسڪول غير محفوظ بڻجي ويو آهي ٽائون ڪاميٽي سيتارجا جي اڳوڻي ڪائونسلر باني پريس ڪلب سيتارجا سينئر صحافي گلاب علي سهتو صوبائي وزير تعليم سنڌ سيد سردار علي شاهه سميت تعليم کاتي خيرپور ضلعي جي آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته گرمين جون موڪلون ختم ٿيڻ کان اڳ اسڪول جي ڪريل چوديواري جي فوري طور تي تعمير ڪرائي وڃي ته جيئن شاگردن شاگرديائين ۽ تدريسي عملي کي محفوظ ماحول فراهم ٿي سگهي ۽ تعليمي سرگرميون بنا ڪنهن خوف جي جاري رهي سگهن

ٺري ميرواهه سيتارجا جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول جي چوديواري وڏي عرصي کان ڊٺ پيل نظر اچي رهي آهي

ٺري ميرواهه ۽ آسپاس سرڪاري اگهه نظرانداز، ايل پي جي 350 کان 400 رپيا في ڪلو وڪرو

حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين طرفان ايل پي جي (LPG)جو سرڪاري اگهه 241 رپيا في ڪلو مقرر هجڻ باوجود عمل نه ٿيو

سرڪاري ۽ مارڪيٽ اگهن ۾ وڏي فرق سبب عام واهپيدار سخت معاشي دٻاءُ جو شڪار، ادارن جا عملدار خاموش بڻيل

ڪجهه ايل پي جي وڪرو ڪندڙ بنا ڪنهن خوف جي پنهنجي مرضي جا اگهه وصول ڪري رهيا آهن، ڪو پڇڻ وارو ناهي: شهري

سيتارجا ايل پي جي جا سلينڊر پيل نظر اچن ٿا

سيتارجا(ن ع) حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين طرفان ايل پي جي (LPG)جو سرڪاري اگهه 241 رپيا في ڪلو مقرر هجڻ باوجود ٺري ميرواهه سيٽي گيس ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ ايل پي جي مبينا طور 350 کان 400 رپيا في ڪلو تائين سرعام وڪرو ٿي رهي آهي سرڪاري ۽ مارڪيٽ اگهن ۾ وڏي فرق سبب عام واهپيدار سخت معاشي دٻاءُ هيٺ اچي ويا آهن جڏهن ته ضلعي، تعلقي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن جا عملدار خاموش بڻيل آهن ان موقعي تي محمد طارق، احمد علي ۽ ٻين شهرين جو چوڻ آهي ته روزاني استعمال جي هن اهم ٻارڻ تي ناجائز منافعي خوري کلي عام جاري آهي پر قيمتن تي ضابطو آڻڻ ۽ سرڪاري اگهن تي عمل ڪرائڻ لاءِ ڪو به اثرائتو قدم نظر نٿو اچي هنن الزام هنيو ته ڪجهه ايل پي جي وڪرو ڪندڙ بنا ڪنهن خوف جي پنهنجي مرضي جا اگهه وصول ڪري رهيا آهن جنهن سان عام ماڻهو اضافي رقم ادا ڪرڻ تي مجبور آهن سماجي واپاري ۽ ٻين شهرين ڊپٽي ڪمشنر خيرپور اسسٽنٽ ڪمشنر ٺري ميرواهه پرائس ڪنٽرول مجسٽريٽ ۽ لاڳاپيل اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته فوري طور مارڪيٽن ۾ ڇاپا هڻي سرڪاري اگهن تي عملدرآمد يقيني بڻائين ناجائز منافعي خورن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري جيئن عوام کي رليف ملي سگهي

ڊي ايس پي لائسنس برانچ معذورن جي ڀلائي واري اداري پهتو

معذور مردن، عورتن ۽ ٻارڙن سان ملاقات، سنڌڙي انب تحفي طور پيش ڪيا

سنڌڙي انب تحفي طور ڏئي دعائن جا ٻُڪَ ڀري ورتا آهن: غلام مصطفيٰ بلوچ

سڪرنڊ (ن ع) ڊي ايس پي لائسنس برانچ شهيد بينظيرآباد غلام مصطفيٰ بلوچ انڪلوجن اينڊ امپاورمينٽ آرگنائيزيشن پاران حيدرآباد ۾ معذورن ماڻهن جي ڀلائي لاءِ قائم اداري ۾ پهچي معذور مردن، عورتن ۽ ٻارڙن سان ملاقات ڪري سندن خيريت معلوم ڪرڻ بعد کين پنهنجي باغ جا سنڌڙي انب تحفي طور پيش ڪيا جيڪي اداري جي انتظاميه پاران معذورن کي مانجهاندي ۾ کين الڳ الڳ وارڊن ۾ پيش ڪيا ويا جنهن تي انڪلوجن جي انتظاميه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسين شڪر گزار آهيون ڊي ايس پي جي ايم بلوچ جن جا جن اسپيشل ماڻهن کي موسم جي حساب سان سنڌڙي انبن جو تحفو پيش ڪيو جيڪو هنن کي دل سان لڳو هوڏانهن ڊي ايس پي غلام مصطفيٰ بلوچ ڳالهائيندي چيو ته توڙي جو هن سينٽر پاران منجهند جي ماني ۾ شاندار مانجهاندو چڪن برياني، ڪورمي نان ۽ مختلف طعام الڳ الڳ ڏينهن تي پيش ڪيا پي ويا جيڪو اکين سان ڏسڻ ڪانيو دل چيو ته کين موسمي ميوو سنڌڙي انب تحفي طور پيش ڪجي جيڪو کين ڏئي دعائن جا ٻُڪ ڀري ورتا آهن

سڪرنڊ ڊي ايس پي لائسنس برانچ معذورن جي ڀلائي واري اداري جو دورو ڪري رهيو آهي

سيتارجا ويجهو فقير محمد رند جي رهواسي جو احتجاج

گڏهه گاڏو هلائيندڙ پورهيت پنهنجي زال ۽ پٽ سميت دانهيو

منهنجو سالو رجب علي ڌيءُ جو سڱ نه ڏيڻ تان ڌمڪائي رهيو آهي: گهٽو خان سهتو

سيتارجا(ن ع) سيتارجا ويجهو ڳوٺ حسن الدين سهتو لڳ فقير محمد رند جي رهواسي گڏهه گاڏو هلائيندڙ پورهيت گهٽو خان سهتو پنهنجي زال مسمات پٺاڻي ۽ پٽ عمران علي سهتو سيتارجا پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو آهي ته منهنجو سالو رجب علي پٽ غلام رسول سهتو هڪ بدنام زمانہ چور ۽ ڦورو آهي جنهن جو ڪرمنل رڪارڊ سيتارجا ٿاڻي سميت خيرپور ضلعي جي ٻين مختلف ٿاڻن تي موجود آهي جيڪو پوليس جي هٿان به مرتبه هاف فرائي به ٿيل آهي جنهن مون کان پنهنجي پٽ لاءِ منهنجي ڌيءُ جو سڱ گهريو ته مان سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو جنهن کان پوءِ هو مون تي ڏمرجي پيو آهي ۽ وقتن بوقتن هنگورجا واسي پنهنجي ساٿين وڻان ديدان ذوالفقار ڏئي پٽ ميهنل سهتو ۽ ٻن نامعلوم ونگارن سان گڏجي مون کي حراسان ڪري رهيو آهي ۽ تقريبن ۾ مهينا اڳ هن مٿي ڄاڻايل ماڻهن سان گڏجي منهنجي گهر ۾ گهڙي مون تي ۽ منهنجي ٻچن تي بي رحمانو تشدد ڪري شديد زخمي ڪري ڇڏيو جنهن جي اين سي سيتارجا ٿاڻي تي پڻ داخل ٿيل آهي هنن چيو ته ان حملي ۽ تشدد جو فيصلو سردار ممتاز حسين سهتو وٽ رکيو ويو جنهن ۾ هو ڏوهي ثابت ٿيو آهي هنن چيو ته هاڻي هو مون کي فيصلي جو ڏنڊ ڏوهه ڏيڻ بدران ڪوڙا ڊرامہ رچائي مون کي پريشان ڪري فيصلي ۾ پيل ڀاڱي پائي جو ڏيڻ کان پڇڙ ٿو چاهي، هنن وڌيڪ چيو ته هن وري گذريل رات پنهنجي گهر جي چوري ۽ ڪُند ڪچري کي باهه ڏئي هڪ ڪوڙو ڊرامون ڪري اسان جي مٿان چوري ڪرڻ ۽ گهر کي باهه ڏيڻ جو الزام هڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جيڪو بلڪل ڪوڙ آهي جنهن مان سخت لفظن ۾ مذمت ڪيان ٿو هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي واقعي صاف شفاف جاچ ڪري اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

ڊي سي لاڙڪاڻو پاران اي پي آءِ جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس

طارق منظور چانڊيو پاران ضلعي جي 24 يوسين ۾ 100 سيڪڙو ڪوريج جي هدايت

معمول جي حفاظتي ٽڪن جي 100 سيڪڙو ڪوريج يقيني بڻائي وڃي: ڊي سي جي هدايت

لاڙڪاڻو (اي پي پي)لاڙڪاڻو جي ڊپٽي ڪمشنر طارق منظور چانڊيو ضلعي ۾ اي پي آءِ جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ منعقد ٿيل اجلاس جي صدارت ڪئي. ڊي سي لاڙڪاڻو اي پي آءِ جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ۽ ضلعي جي 24 يوسين ۾ 100 سيڪڙو ڪوريج جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر لاڙڪاڻو ڊاڪٽر شوڪت ابڙو ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر-I سيد غضنفر علي شاهه اي پي آءِ ضلعي فوڪل پرسن ڊاڪٽر عرفان شيخ، ضلعي ايمرجنسي آپريشن سينٽر ڪوآرڊينيٽر ثناءُ الله سانگي نيشنل اسٽاپ ٽرانسميشن آف پوليو آفيسر ڊاڪٽر راول انصاف، ضلعي مئنيجر پي پي ايڇ آءِ جنيد احمد سوهو، ثناءُ الله منگي ۽ صحت کاتي جي ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شوڪت ابڙو اجلاس کي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ اي پي آءِ سرگرمين بابت بريفنگ ڏني. هن ٻڌايو ته انهن سرگرمين ۾ آئوٽ ريچ سيشن فڪسڊ سائيٽ ويڪسينيشن ۽ ڪولڊ چين مئنيجمينٽ شامل آهن. اي پي آءِ جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر عرفان شيخ اهم اينڊيڪيٽرز جي ڪوريج ۽ حاصل ڪيل هدفن بابت بريفنگ ڏني. هن ٻڌايو ته بي سي جي ويڪسين سرڪاري صحت جي سهولتن ۽ آئوٽ ريچ ٽيمن ذريعي نون ڄاول ٻارن کي لڳائي پئي وڃي. ايم آر وي يعني خسرا - روبيلا ويڪسين جي حوالي سان گهٽ ڪارڪردگي وارين يونين ڪائونسلن ۾ معمول جي حفاظتي ٽڪن ۽ موپ اپ مهم تي اڳڀرائي ٿي رهي آهي پينٽا ويڪسين يعني ڊي ٽي پي- هيپاٽائيٽس بي- هائب جي 2 سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن لاءِ ڪوريج ڏني پئي وڃي ۽ پينٽا-1 ۽ پينٽا-3 جي وچ ۾ ڊراپ آئوٽ کي گهٽائڻ تي زور ڀريو ويو آهي. ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪندي صحت کاتي کي هدايت ڪئي ته ضلعي جي سمورين 24 يونين ڪائونسلن ۾ معمول جي حفاظتي ٽڪن جي 100 سيڪڙو ڪوريج يقيني بڻائي وڃي ۽ ان سلسلي ۾ زيرو ڊوز وارن ٻارن کي اولين ترجيح ڏني وڃي. هن اي پي آءِ ٽيمن کي هدايت ڪئي ته اهي ڳوٺاڻن ۽ شهري علائقن جي ڀرپاسي ۾ رسائي کي وڌائين ۽ بهتر مائڪرو پلاننگ لاءِ ليڊي هيلٿ ورڪرز ۽ يو سي سيڪريٽرين سان هم آهنگي ڪن. ڊپٽي ڪمشنر ضلعي ايمرجنسي آپريشن سينٽر کي اي-پاڪ ويڪس سسٽم ذريعي ويڪسينيشن ڊيٽا جي حقي وقت جي تصديق ۽ اعليٰ خطري وارن علائقن ۾ فيلڊ ويريفڪيشن جو ڪم سونپيو. هن پي پي ايڇ آءِ ۽ ڊي ايڇ او کي پڻ هدايت ڪئي ته سمورن اي پي آءِ سينٽرن تي بجلي جي بي ترتيب فراهمي ۽ فعال ڪولڊ چين سامان کي يقيني بڻايو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر طارق منظور چانڊيو چيو ته ٻارن جي بچاءُ وارين بيمارين خلاف حفاظتي ٽڪا ڀرپور بچاءُ جي لائن آهي. هن چيو ته لاڙڪاڻي ۾ ڪو به ٻار ويڪسين کان سواءِ نه رهڻ گهرجي اسان مس ٿيل هدفن ۽ جعلي رپورٽنگ لاءِ زيرو رواداري اختيار ڪنداسين فيلڊ اسٽاف کي هر گهر تائين پهچڻ گهرجي

شاهي ضيافت پروگرام تحت عمره زائرين جو پهريون گروپ 8 جولاءِ تي مديني شريف پهچندو

رياض(اي پي پي) سعودي عرب جي اسلامي معاملن واري وزارت هلندڙ سال ضيوف خادم الحرمين الشريفين پروگرام تحت عمراه زائرين جي پهرين گروپ جي آجيان جون تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق اسلامي معاملن واري وزارت ٻڌايو ته 16 ايشيائي ملڪن جي 250 ماڻهن تي ٻڌل پهريون گروپ 8 جولاءِ تي مديني شريف پهچندو . پهرين گروپ ۾ انڊونيشيا ، فلپائن ، ڪمبوڊيا ، ٿائيلينڊ ، ويتنام، ميانمار ، لائوس ، ايسٽ تيمور ، سنگاپور ، چين ، جاپان ، ڏکڻ ڪوريا، هانگ ڪانگ، تائيوان ۽ منگوليا جا عمره زائرين شامل آهن . اسلامي معاملن واري وزارت عمره زائرين لاءِ هڪ پروگرام جاري ڪيو آهي جنهن ۾ مڪي شريف کان مسجد نبوي جي زيارت ، مديني منوره جي تاريخي ۽ اسلامي هنڌن جا دورا پڻ شامل آهن . سعودي عرب جي اسلامي معاملن واري وزير ۽ شاهي ضيافت پروگرام جي نگران اعليٰ شيخ عبداللطيف آل الشيخ ٻڌايو ته شاهي ضيافت پروگرام جي شروعات کان هيستائين 140 کان وڌيڪ ملڪن سان لاڳاپو رکندڙ شخصيتن جي ميزباني ڪئي وئي آهي . ياد رهي ته خادم الحرمين الشريفين شاهه سلمان بن عبدالعزيز ذاتي خرچ تي مختلف ملڪن کان هڪ هزار ماڻهن کي عمرو ڪرائڻ جي منظوري ڏني آهي ضيوف خادم الحرمين الشريفين پروگرام تحت مختلف مرحلن تحت شاهي مهمان سعودي عرب پهچندا.

جهلم جي تاريخي لجپت راءِ لائبريري جو نئين سر مرمت بعد افتتاح

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصول بابت مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني 90 سال کان پوءِ جهلم جي تاريخي لجپت راءِ لائبريري جو نئين سر مرمت بعد افتتاح ڪيو ۽ ان جا مختلف حصا ڏٺا. سومر ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته جهلم جي شاندار تاريخي علمي ۽ ادبي ورثي جي بحالي تي کيس دلي خوشي ٿي آهي نئين ڪتب جي آزادي واري تحريڪ جي هيرو لجپت راءِ جي نالي سان لاڳاپيل اها لائبريري لالا لڌا شاهه بندرا جي پٽ لالا گوران دتامل پنهنجي والد جي ياد ۾ تعمير ڪرائي هئي خراب حالت واري عمارت جو نه رڳو تاريخي ۽ قديم ثقافتي حسن بحال ڪيو ويو آهي پر 500 نوان ڪتاب به رکيا ويا آهن پهريون ڀيرو فل ٽائيم لائبريرين به رکيو ويندو مملڪتي وزير چيو ته نئين فرنيچر کان علاوه ڪاٺ جي انتهائي وڻندڙ بڪ شيلفس ۾ پهريون ڀيرو موضوع جي لحاظ کان ڪتاب به رکيا ويا آهن

عراق ۾ عالمي واپاري نمائش ۾ شرڪت لاءِ درخواستون 20 جولاءِ تائين طلب

اسلام آباد(اي پي پي) ٽريڊ ڊوليپمينٽ اٿارٽي آف پاڪستان (ٽي ڊي اي پي) چيو آهي ته عراق ۾ 28 آڪٽوبر کان منعقد ٿيندڙ نمائش هيلٿ ايڪسپو عراق ۾ شرڪت لاءِ 20 جولاءِ تائين درخواستون جمع ڪرائي سگهجن ٿيون ٽي ڊي اي پي مطابق نمائش عراق ۾ 28 کان 31 آڪٽوبر تائين جاري رهندي جنهن ۾ پاڪستان جي مقامي فارماسيوٽيڪل نيوٽريشن اينڊ سپليمينٽ، ويڪسين هاسپيٽل ليبارٽري ۽ سرجري جي اوزارن سان لاڳاپيل ماڻهو ۽ ادارا پنهنجون مصنوعات عالمي خريدارن آڏو پيش ڪرڻ سان گڏو گڏ پنهنجا واپاري معاملا طئي ڪري سگهندا. نمائش جي حوالي سان وڌيڪ تفصيل اٿارٽي جي ويب سائيٽ تان به حاصل ڪري سگهجي ٿي

چين پاران اينٽي آبدوز اسٽريٽجڪ ميزائل جو تجربو ڪامياب

بيجنگ(اي پي پي)چين جي پيپلز لبريشن آرمي (پي ايل اي) نيوي آبدوز سان اسٽريٽجڪ ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق پي ايل اي نيوي مطابق بحريه جي هڪ اسٽريٽجڪ اينٽي آبدوز سومر ڏينهن منجهند جو ماني سمنڊ جي لاڳاپيل عالمي سامونڊي علائقي طرف فرضي وار هيڊ سان ليس اسٽريٽجڪ ميزائل فائر ڪيا، جيڪي ڪاميابي سان مقرر سامونڊي علائقي ۾ وڃي ڪريا.

سڪرنڊ همدرد آرگنائيزيشن کي خدمت جا 20 سال مڪمل ٿيڻ تي ڪٽل آجياڻي جو ڏيک

همدرد آرگنائيزيشن کي خدمت جا 20 سال مڪمل، آجياڻو

خوشي آهي ته 20 سالن خدمت جو سفر بدستور جاري آهي: نظير حسين رند

جيڪو به خرچ ٿيو آهي اهو همدرد جي چيئرمين گل محمد رند پنهنجي ذاتي خرچ سان ڪيو آهي

سڪرنڊ (ن ع) همدرد هائوس جي ترجمان نظير حسين رند پاران همدرد آرگنائيزيشن کي خدمت جا 20 سال مڪمل ٿيڻ تي آرگنائيزيشن جي بورڊ جي سان ۾ شاندار آجياڻي جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ همدرد جي باني چيئرمين گل محمد رند مهمان خاص ۽ همدرد سپورٽ پروگرام جي چيئرمين قاضي جاويد سنائي اعزازي مهمان طور شرڪت ڪئي آجياڻي تقريب ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جي وفد جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح جي اڳواڻيءَ ۾ خصوصي طور شرڪت ڪئي جنهن ۾ سينيئر صحافي راجڪمار اوڊ پڻ شامل هو ان موقعي تي گل محمد رند ڳالهائيندي چيو ته الحمد لله خوشي ٿي رهي جو 20 سال اڳ 2007 ۾ شروع ڪيل سماجي ۽ فلاحي ڪمن وارو سلسلو اڄ به جاري آهي جنهن ۾ هڪ ڏينهن جو به وقفو ناهي آيو ڏينهن هجي يا رات، آنڌي هجي يا مانجهي 24 ڪلاڪ همدرد فري ايمبولينس سروس پنهنجي ڪردار ادا ڪري رهي آهي جنهن ۾ ريسڪيو ٽيم جي انچارج اقبال رند جو اهم ڪردار آهي آخر ۾ همدرد سپورٽ پروگرام جي چيئرمين قاضي جاويد سنائي ڳالهائيندي چيو ته 20 سالن جي سماجي ڪمن ۾ جيڪو به خرچ ٿيو آهي اهو همدرد جي چيئرمين گل محمد رند پنهنجي ذاتي خرچ سان ڪيو آهي آجياڻي ۾ فهيم خان پاهي، امير گل رند، مير حسن رند، ڪامل خان رند، ڏتي بخش مگسي عطا محمد رند ۽ عبدالغني راهمون پڻ شريڪ هئا ان کان اڳ آجياڻي جي ميزبان نظير حسين رند آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو.

سرجاني ٽائون ۾ نادرا جي جديد ۽ شاندار ميگا سينٽر جو افتتاح

منگهوپير ۽ ڀرپاسي جي لکين شهرين کي ڊگهي مسافت کان نجات ملي وئي

هاڻي علائقي واسين کي سڃاڻپ ڪارڊ يا ٻين دستاويزن لاءِ سفر نه ڪرڻو پوندو: حاجي نواز علي بروهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرجاني ٽائون ۾ نادرا جي جديد ۽ شاندار ميگا سينٽر جو افتتاح ڪيو ويو آهي جنهن ڪانپوءِ هاڻي منگهوپير ۽ ڀرپاسي جي لکين شهرين کي سڃاڻپ دستاويزن جي حصول لاءِ ڊگهي مسافت طئي ڪرڻ جي زحمت کان نجات ملي وئي آهي افتتاحي تقريب جا مهمان خاص گورنر سنڌ هئا، جڏهن ته تقريب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جا سينيٽر مسرور احسن ٽائون چيئرمين منگهوپير حاجي نواز علي بروهي، وائيس چيئرمين رانا محمد عارف، چيئرمين يونين ڪميٽي 07 اميد علي قاضي وائيس چيئرمين حافظ سيد عمران علي سميت علائقي جا معززين ۽ سياسي سماجي شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي هن پروقار موقعي تي ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي گورنر سنڌ ۽ سينيٽر مسرور احسن کي سنڌ جي ثقافتي علامت، روايتي اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو افتتاحي تقريب بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته سرجاني ٽائون ۾ نادرا ميگا سينٽر جو قيام منگهوپير ٽائون ۽ سموري ڊسٽرڪٽ ويسٽ جي عوام لاءِ هڪ تاريخي تحفو آهي هن چيو"اسان عوام سان جيڪي واعدا ڪيا هئا، انهن کي هڪ هڪ ڪري عملي جامو پارائي رهيا آهيون اڄ اسان جو ديرينه خواب سچ ثابت ٿيو آهي ۽ هاڻي علائقي جي رهواسين کي سڃاڻپ ڪارڊ يا ٻين دستاويزن لاءِ ڪلاڪن جو سفر نه ڪرڻو پوندو عوامي سهولتن کي سندن در تائين پهچائڻ ۽ مسئلن جو حل يقيني بڻائڻ اسان جو نصب العين آهي ميڊيا نمائندن سان ڳالهائيندي حاجي نواز علي بروهي وڌيڪ چيو: "هي ميگا سينٽر صرف هڪ آفيس ناهي پر عوامي سهولت جو هڪ مرڪز آهي، جتي شهرين کي نادرا جون سڀئي جديد سهولتون بشمول نئين سڃاڻپ ڪارڊ جو اجراء تجديد، ڪوائف جي درستگي، ب-فارم، فيملي رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا سمورا قانوني دستاويز هاڻي انتهائي تيز شفاف ۽ آسان هوندا هن مرڪز جي قيام سان شهرين جو قيمتي وقت ۽ وسيلن ٻنهي جي بچت ٿيندي حاجي نواز علي بروهي وڌيڪ چيو ته منگهوپير ٽائون جي عوام جي خدمت جو سفر نه سالن کان جاري آهي ۽ ان ۾ تسلسل سان تيزي آندي پئي وڃي هن چيو ته هن سينٽر ۾ خصوصي هيلپ ڊيسڪ قائم ڪئي وئي آهي ته جيئن ڪنهن به شهري کي ڪا ڏکيائي نه ٿئي سمارٽ ڪارڊ کان وٺي NICOP، POC ۽ ٻين قانوني تبديلين تائين سمورين سهولتن هڪ ئي ڇت هيٺ ميسر هونديون اسان جيڪو عزم ڪري رکيو آهي ان کي پورو ڪنداسين ۽ مستقبل ۾ به عوامي ڀلائي جا وڌيڪ منصوبا منگهوپير ٽائون ۾ آڻينداسين واضح رهي ته هن ميگا سينٽر ۾ جديد ترين ٽيڪنالاجي ۽ نظام نصب ڪيو ويو آهي ته جيئن نادرا سان لاڳاپيل سمورا معاملا تيزيءَ سان حل ڪري سگهجن تقريب جي شرڪتن ۽ علائقي جي رهواسين هن شاندار قدم تي حاجي نواز علي بروهي جي ڪوشش کي ساراهيندي ان کي ڊسٽرڪٽ ويسٽ لاءِ هڪ انقلابي قدم قرار ڏنو آهي

ڪراچي سرجاني ٽائون ۾ نادرا ميگا سينٽر جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

سنڌ طاس معاهدي جي ڀڃڪڙي قبول ناهي: جهانگير جوڻيجو

پاڻي پاڪستان جي زندگي، زراعت ۽ معيشت لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو

اسان کي پنهنجي بهادر هٿياربند فوج تي مڪمل اعتماد ۽ فخر آهي

حيدرآباد (اي پي پي)پاڪستان پيپلز پارٽي سانگهڙ ضلعي جي جنرل سيڪريٽري جهانگير جوڻيجو چيو آهي ته سنڌ طاس معاهدو هڪ عالمي معاهدو آهي جنهن کي ڪو به ملڪ هڪ طرفي طور ختم نه ٿو ڪري سگهي هن اها ڳالهه ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي جي ڀڃڪڙي جي حوالي سان اي پي پي سان خاص ڳالهه ٻولهه ڪندي چئي جهانگير جوڻيجو چيو ته پاڻي پاڪستان جي زندگي زراعت ۽ معيشت لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو هن ڀارت طرفان پاڪستان جو پاڻي روڪڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي عالمي معاهدن جي ڀڃڪڙي ۽ پاڪستان کي سوڪهڙي جو شڪار ڪرڻ جي سازش قرار ڏنو هن چيو ته پاڪستاني قوم پنهنجن آبي حقن جي تحفظ لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي سندس چوڻ هو ته اسان کي پنهنجي بهادر هٿياربند فوج تي مڪمل اعتماد ۽ فخر آهي جنهن ماضي ۾ به دشمن کي اثرائتو ۽ ڀرپور جواب ڏنو آهي هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڀارت ڪا جارحيت يا ڇيڙ ڇاڙ واري ڪارروائي ڪئي ته پاڪستان ڀرپور جواب ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿو

لاڙڪاڻو پوليس جو مبينا مقابلو، هڪ ڌاڙيل مارجي ويو، هٿيار هٿ

سر ڪٽيو پير واري علائقي ۾ پوليس ۽ ڌاڙيل آمهون سامهون ٿي پيا

مارجي ويل ڌاڙيل سنگين نوعيت جي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ نامزد هو: پوليس

لاڙڪاڻو (اي پي پي)لاڙڪاڻو پوليس جي مبينا مقابلي ۾ هڪ ڌاڙيل مارجي ويو آهي جنهن وٽان هٿيار هٿ ڪيو ويو آهي پوليس مطابق پوليس مقابلي دوران ٻنهي طرفن جي فائرنگ ۾ جوابدار پنهنجي ئي ساٿين جي فائرنگ ۾ مارجي ويو آهي جيڪو پوليس اهلڪار مجيب الرحمان سولنگي کي شهيد ڪرڻ ۽ اهلڪار نعمت الله ميمڻ کي زخمي ڪرڻ واري ڪيس جو مک جوابدار هو مارڪيٽ ٿاڻي جي حد ۾ سر ڪٽيو پير واري علائقي ۾ پوليس ۽ ڌاڙيل آمهون سامهون ٿي پيا. مارجي ويل ڌاڙيل جي سڃاڻپ رفيق ولد مور چانڊيو طور ٿي آهي جيڪو ڳوٺ علي اصحابو تعلقي واره ضلعي قمبر شهداد ڪوٽ جو رهواسي آهي مارجي ويل ڌاڙيل سنگين نوعيت جي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ نامزد هو حاصل ڪيل معلومات ۽ ڪرمنل ڪارڊ مطابق ڄاڻايل ڌاڙيل سنڌ صوبي جي مختلف ضلعن ۾ ڌاڙن ۽ قتلن جي ڪيترن ئي وارداتن/ ڪيسن ۾ ملوث هو. مارجي ويل ڌاڙيل جو ڪرمنل رڪارڊ ۽ سي سي ٽي وي رڪارڊ به سامهون آيو آهي مارجي ويل ڏوهاري ضلعي سطح جي ڏوهاري گينگ جو اهم اڳواڻ هو فرار ٿي ويل ڏوهارين جي گرفتاري لاءِ مقابلي واري هنڌ تي سرچ آپريشن جاري آهي

ڏگهڙي پرسان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب هڪ عورت فوت

ڪنول زال نثار جروار گهر ۾ ٽي وي هلائڻ لاءِ سوئچ آن ڪيو ته ڪرنٽ لڳو

وارثن کيس فوري طور تعلقي اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو، ڊاڪٽرن پاران موت جي تصديق

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي پرسان ڳوٺ سومار جروار ۾ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب هڪ عورت فوت ٿي وئي تفصيل موجب ڳوٺ سومار جروار جي رهواسڻ هڪ اولاد جي ماءُ ڪنول زال نثار جروار گهر ۾ ٽي وي هلائڻ لاءِ سوئچ آن ڪيو ته اوچتو بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب بيهوش ٿي ڪري پئي وارثن کيس فوري طور تعلقي اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن چيڪ ڪرڻ بعد سندس موت جي تصديق ڪئي عورت جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ وارثن ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي

بوزدارواڍا پوليس جي ميرواهه ڪينال جي تلي پل تي ڪارروائي

سعيد انور ولد انور ابو پوٽو کي 2000 گرام ڀنگ سميت گرفتار ڪري ورتو

سب انسپيڪٽر قربان ملاح جي فرياد تي مٿس منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل

بوزدارواڍا(ن ع) بوزدارواڍا پوليس ٿاڻي جي سب انسپيڪٽر قربان ملاح سپاهه سميت گشت دوران بوزدارواڍا تلي لنڪ روڊ ميرواهه ڪينال جي تلي پل وٽان جوابدار سعيد انور ولد انور ابو پوٽو کي 2000 گرام ڀنگ سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي پوليس گرفتار جوابدار سعيد انور ولد انور ابوپوٽو مٿان بوزدارواڍا ٿاڻي تي سرڪار پاران سب انسپيڪٽر قربان ملاح جي فرياد تي مٿس منشيات ايڪٽ تحت منشيات جو ڪيس داخل ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو

ملتان دڪاندار ستون جو شربت وڪرو ڪري رهيو آهي

مٽياري ضلعي ۾ سرڪاري اسڪولن جي بهتري لاءِ جاري ڪيل بجيٽ مان تيزي سان ڪم جاري

سنڌ حڪومت پاران اسڪولن جي بهتري لاءِ جاري ڪيل ايس ايس بي (SSB) بجيٽ تحت ترقياتي ۽ مرمتي ڪم ڪيا پيا وڃن

هن بجيٽ تحت اسڪولن جي عمارتن جي رنگ سازي، ضروري مرمت، صفائي ۽ خوبصورتيءَ جا ڪم ڪيا پيا وڃن: پرهه ميمڻ

تعليم جي شعبي لاءِ جاري ڪيل هي فنڊ اسڪولن جي بنيادي سهولتن کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

مٽياري(ن ع) سنڌ حڪومت پاران اسڪولن جي بهتري لاءِ جاري ڪيل ايس ايس بي (SSB)بجيٽ تحت گورنمينٽ گرلس ايليمينٽري اسڪول مين ڪيمپس مٽياري سميت گورنمينٽ گرلس ٻير مسجد اسڪول گورنمينٽ گرلس هاشمي اسڪول ۽ گورنمينٽ گرلس باقيل پوٽا محلا اسڪولن ۾ ترقياتي ۽ مرمتي ڪم گورنمينٽ گرلز مين پرائمري اسڪول جي هيڊ ماسٽر ميڊم پرهه ذوهيب ميمڻ جي نگرانيءَ ۾ تيزي سان جاري آهي ميڊم پرهه ميمڻ جو چوڻ آهي ته هن بجيٽ تحت اسڪولن جي عمارتن جي رنگ سازي، ضروري مرمت، صفائي ۽ خوبصورتيءَ جا ڪم ڪيا پيا وڃن جڏهن ته شاگرديائين لاءِ موجود فرنيچر جي به مرمت ۽ بحالي جو ڪم جاري آهي، ته جيئن ٻارڙين کي وڌيڪ محفوظ، صاف سٿرو ۽ بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪري سگهجي اسڪول انتظاميا جو چوڻ آهي ته سنڌ حڪومت پاران تعليم جي شعبي لاءِ جاري ڪيل هي فنڊ اسڪولن جي بنيادي سهولتن کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هنن اميد ظاهر ڪئي ته اهڙا قدم مستقبل ۾ به جاري رهندا، جيئن سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندڙ شاگرديائيون وڌيڪ سهولتن سان معياري تعليم حاصل ڪري سگهن

مٽياري سرڪاري اسڪولن جي بهتري لاءِ جاري ڪيل بجيٽ مان تيزي ڪم ڪيو پيو وڃي

ميرپورخاص ڊائريڪٽر ايجوڪيشن آفيس جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ لڳا، ملازمن جون زندگيون داءَ تي لڳل

عمارت جي تعمير نه ٿيڻ خلاف آپڪا جي سڏ تي ملازمن پاران ايجوڪيشن ورڪس جي آفيس اڳيان احتجاج

هي عمارت 1956 ۾ تعمير ٿي ڇت جا ڇاپڙ ڪري رهيا آهن هتي ڪم ڪندڙ 400 ملازمن جون زندگيون داءَ تي لڳل آهن: آپڪا اڳواڻ

شڪايتن باوجود ايجوڪيشن ورڪس کاتي پاران هن سال جي بجيٽ ۾ عمارت جي تعمير لا فنڊز نه رکيا آهن جيڪا سراسر زيادتي آهي

ميرپورخاص ڊائريڪٽر ايجوڪيشن آفيس جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب ملازم احتجاج ڪندي

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ڊائريڪٽر ايجوڪيشن آفيس جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ لڳا، سوين ملازمن جون زندگيون داءَ تي لڳل عمارت جي تعمير نه ٿيڻ خلاف آپڪا جي سڏ تي ملازمن پاران ايجوڪيشن ورڪس جي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ان موقعي تي اڳواڻن مرتضيٰ ارباب، رازق جروان نورالدين خاصخيلي، اي بي جروار ۽ ٻين چيو ته هي عمارت 1956 ۾ تعمير ٿي آهي هن وقت عمارت جي ڇت جا ڇاپڙ ڪري رهيا آهن جنهن ڪري هتي ڪم ڪندڙ 400 ملازمن جون زندگيون داءَ تي لڳل آهن هنن چيو ته اسان ڪيترائي ڀيرا لکت ۾ شڪايتون ڪرڻ باوجود ڪو به تدارڪ نه ٿيو آهي هنن چيو ته ايجوڪيشن ورڪس کاتي پاران هن سال جي بجيٽ ۾ عمارت جي تعمير لا فنڊز نه رکيا آهن جيڪا سراسر زيادتي آهي هنن مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور سڄي عمارت جي ٻيهر تعمير ڪري ملازمن جي زندگين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

مٽياري ۾ پوليس تي حملي واري واقعي جو ڪيس داخل، سرڪاري فرضن ۾ مداخلت ۽ ٻيا ڏوهه شامل

مبينا منشيات فروش خان محمد عرف خانو نظاماڻي خلاف منشيات فروشي ۽ منشيات ڇڏي فرار ٿيڻ جو ڪيس پڻ داخل

منشيات فروش جو گهر ڊاهي ڇڏيو، ڪارروائي دوران 5 کان 6 ڄڻن کي حراست ۾ وٺي نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ويو: پوليس ذريعا

پوليس پارٽي تي واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو ويندو: ايس ايس پي مٽياري جي خاطري

مٽياري (ن ع) پوليس پارٽي تي حملي واري واقعي جو ڪيس داخل 9 ڄڻا نامزد ۽ 15 کان 20 نامعلوم جوابدارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي پوليس حملي، مزاحمت، سرڪاري فرضن ۾ مداخلت ۽ ٻين لاڳاپيل دفعات تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو. مبينا منشيات فروش خان محمد عرف خانو نظاماڻي خلاف منشيات فروشي ۽ منشيات ڇڏي فرار ٿيڻ جو الڳ ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو پوليس موجب گذريل رات پوليس ڪارروائي دوران مبينا منشيات فروش جو گهر ڊاهي ڇڏيو ڪارروائي دوران 5 کان 6 ڄڻن کي حراست ۾ وٺي نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ويو هڪ ڪيس منشيات فروشي ۽ منشيات ڇڏي فرار ٿيڻ بابت، جڏهن ته ٻيو پوليس پارٽي تي حملي بابت الڳ داخل ڪيو ويو واقعي کان پوءِ علائقي ۾ پوليس جون ڪارروايون جاري آهن وڌيڪ گرفتارين جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ايس ايس پي مٽياري چيو آهي ته واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو ويندو

دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪي دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن سومر ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 2 لک 49 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 57 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 54 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 54 هزار 600 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 2 لک 18 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 2 لک 18 هزار ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 39 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 20 هزار ڪيوسڪ، جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 70 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 41 هزار 300 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. بئراجن جي صورتحال موجب گڊو بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو هڪ لک 55 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو هڪ لک 14 هزار 200 ڪيوسڪ، سکر بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو هڪ لک 6 هزار 800 ۽ هيٺانهون وهڪرو 53 هزار 400 ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 38 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو ٻڙي ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1480.52 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.101 ملين ايڪڙ فٽ، جڏهن ته منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1166.05 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.391 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو ساڳئي طرح چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 646.40 فٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.189 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو

گهوٽڪي ۾ پ پ پ پاران 5 جولائي يوم سياه ملهايو ويو

5جولاءِ 1977ع پاڪستان جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي: سڪندر علي لاڪو

هڪ چونڊيل جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ملڪ تي آمريت مسلط ڪئي وئي

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع گهوٽڪي جي جنرل سيڪريٽري سڪندر علي لاڪو پاران پيپلز سيڪريٽريٽ آفيس ۾ 5 جولاءِ ڪاري ڏينهن جي حوالي سان هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پارٽي عهديدارن ڪارڪنن ۽ جيالن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي سڪندر علي لاڪو چيو ته 5 جولاءِ 1977ع پاڪستان جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي، جڏهن هڪ چونڊيل جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ملڪ تي آمريت مسلط ڪئي وئي هن چيو ته ان عمل سان نه رڳو عوام جي ووٽ جي حق جي توهين ڪئي وئي، پر ملڪ کي سياسي، آئيني ۽ جمهوري بحرانن ڏانهن ڌڪي ڇڏيو ويو جن جا اثرات اڄ به محسوس ڪيا پيا وڃن سڪندر علي لاڪو چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام کي سياسي شعور، آئين ۽ بنيادي حق فراهم ڪيا، پر آمراڻي قوتن سندن عوامي حڪومت جو خاتمو ڪري جمهوريت تي وڏو وار ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي اڄ به جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکيو ويٺي آهي تقريب جي پڄاڻي تي سڪندر علي لاڪو پارٽي عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي ڪاريون پٽيون ٻڌي، ڪاري ڏينهن جي حوالي سان احتجاجي ريلي پڻ ڪڍي وئي ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن جمهوريت جي حق ۾ ۽ آمريت خلاف زوردار نعرا هنيا ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪندي سندن سياسي خدمتن کي ساراهيو

گهوٽڪي پ پ پاران 5 جولاءِ ڪارو ڏينهن جي حوالي سان منعقد تقريب جو ڏيک

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي رڪارڊ

ڪاروباري هفتي جي شروعات تي تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي رجحان رهيو

مختلف بينچ مارڪس تحت برينٽ ڪچي تيل جا سودا 1.49 ڊالر ڪان وڌي 72.45 ڊالر ۾ طئي ٿيا

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽن ۾ ڪاروباري هفتي جي شروعات تي ڪچي تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي ۽ جنسن جي اگهن ۾ اضافي جو رجحان رهيو بلوم برگ جي رپورٽ موجب سومر تي آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽر ميڊيٽ جا سودا 0.60 ڊالر گهٽتائي کان پوءِ 68.09 ڊالر ۽ برينٽ ڪچي تيل جا سودا 0.71 ڊالر جي گهٽتائي ڪان پوءِ 71.41 ڊالر في بيرل ۾ طئي ٿيا. مختلف بينچ مارڪس تحت برينٽ ڪچي تيل جا سودا 1.49 ڊالر ڪان وڌي 72.45 ڊالر ۾ طئي ٿيا. سون جي قيمت 22.37 ڊالر گهٽتائي کان پوءِ 4154.57 ڊالر في اونس ۽ چانديءَ جي قيمت 1.48 ڊالر اضافي سان 62.54 ڊالر في اونس ٿي. مڪئي جي قيمت 11.25 ڊالر اضافي ڪان پوءِ 452.75 ڊالر في بشل ۽ ڪڻڪ 8.25 ڊالرن جي واڌ بعد 608 ڊالر في بشل ٿي وئي

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ گرمين جي موسم جون موڪلون شروع

ايڊيشنل رجسٽرار (جوڊيشل) سيد شبير حسين شاهه موڪلن جو روسٽر جاري ڪيو

گرمين جي موسم جون موڪلون سيپٽمبر جي پهرين هفتي تائين جاري رهنديون

لاهور (اي پي پي) لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ گرمين جي موسم جي موڪلن جي شروعات ٿي وئي جنهن تحت پرنسپل سيٽ تي 6 ڊويزن بئنچون مختلف نوعيت جي اپيلن جڏهن ته 23 سنگل بئنچون مختلف ڪيسن جي ٻڌڻي ڪنديون چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ جي منظوري سان ايڊيشنل رجسٽرار (جوڊيشل) سيد شبير حسين شاهه موڪلن جو روسٽر جاري ڪيو گرمين جي موسم جون موڪلون سيپٽمبر جي پهرين هفتي تائين جاري رهنديون روسٽر موجب چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بئنچ سموري نوعيت جي اپيلن جي ٻڌڻي ڪندي، جڏهن ته جسٽس شهباز رضوي ۽ جسٽس محمد طارق نديم جي سربراهي ۾ قائم ٻه رڪني بئنچ ڪرمنل اپيلن جي ٻڌڻي ڪندي اهڙي طرح جسٽس فيصل زمان، جسٽس احمد نديم ارشد ۽ جسٽس ملڪ اويس خالد جي سربراهي ۾ قائم ٻه رڪني بئنچ مختلف نوعيت جي سول اپيلن تي ٻڌڻي ڪندي

فيصل آباد هڪ هاري ڏڳن جي مدد سان هر هلائي رهيو آهي

عراق پاران بصره صوبي جي بن آئل فيلڊز جي ترقي لاءِ آمريڪي ڪمپني سان معاهدو

بغداد (اي پي پي) عراق جي تيل واري وزارت اعلان ڪيو آهي ته بصره صوبي ۾ واقع بن عمر ۽ سندباد آئل فيلڊز جي ترقي لاءِ آمريڪي ڪمپني هالي برٽن سان پنجن سالن جي مربوط انتظامي معاهدي تي صحيحيون ڪيون آهن . پرڏيهي ميڊيا مطابق تيل واري وزارت مان جاري بيان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهو معاهدو بصره آئل ڪمپني ۽ هالي برٽن وچ ۾ حڪومت جي حڪمت عملي ۽ وزيراعظم علي الزيدي جي هدايت تحت عراق جي تيل ۽ گيس جي پيداواري صلاحيت وڌائڻ جي مقصد سان طئي ٿيو . معاهدي واري تقريب ۾ تيل واري وزير باسم محمد خضير العبادي چيو ته اهو معاهدو وزارت جي ان وسيع حڪمت عملي جو حصو آهي جنهن جو مقصد ڪچي تيل ۽ ان سان لاڳاپيل قدرتي گيس جي پيداوار ۾ اضافو ڪرڻ آهي . هن ٻڌايو ته معاهدي تحت ايندڙ پنجن سالن ۾ بن عمر آئل فيلڊ مان ڪچي تيل جي پيداوار وڌائي هڪ لک 50 هزار بيرل روزانو تائين پهچائي ويندي جڏهن ته گيس جي پيداوار 300 ملين معياري ڪيوبڪ فٽ روزانو تائين وڌائڻ جو امڪان آهي تيل واري وزير مطابق سند باد آئل فيلڊ مان تيل جي پيداوار به وڌائي ڪري 80 هزار کان هڪ لک بيرل روزانو تائين ڪئي.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀاڀلر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 07 جولاءِ 2026ع

تعليمي ايمرجنسي جا اعلان يا قوم سان مذاق؟!

پاڪستان ۾ اڍائي ڪروڙ کان وڌيڪ ٻارن جو اسڪولن کان ٻاهر هجڻ رياستي ناڪاميءَ جي اهڙي تصوير آهي جيڪا هر سال وڌيڪ خوفناڪ ٿيندي پئي وڃي افسوس جي ڳالهه اها آهي ته ملڪ ۾ تعليم بابت ڪانفرنسون، سيمينار، پاليسي دستاويز، روڊ ميپ ۽ ايمرجنسي جا ته بار بار اعلان ٿين ٿا پر زميني حقيقتن ۾ ڪا بنيادي تبديلي نظر نٿي اچي ۽ سال اڳ وڏي واڪي سان قومي تعليمي ايمرجنسيءَ جو اعلان ڪيو ويو هو پر اڄ به صورتحال اها آهي جو لکين ٻار اسڪول جو منهن ڏسڻ کان محروم آهن اهو سوال پڇڻ جائز آهي ته جيڪڏهن ايمرجنسي کان پوءِ به بحران گهٽجڻ بدران برقرار رهي ته پوءِ اهڙن اعلانن جو مقصد آخر ڇا آهي؟

سول سروسز اڪيڊمي جي تازي پاليسي رپورٽ حڪومتن جي دعوائن جي قلعي لاهي ڇڏي آهي رپورٽ واضح ڪري ٿي ته پاڪستان ۾ اسڪول کان ٻاهر ٻارن جو انگ اڍائي ڪروڙ کان مٿي آهي، جڏهن ته آئين جو آرٽيڪل 25-اي هر ٻار کي مفت ۽ لازمي تعليم جي ضمانت ڏئي ٿو جيڪڏهن آئين ۾ موجود هڪ بنيادي حق به عملي طور تي مهيا نه ٿي سگهي ته پوءِ اهو رڳو قانوني دستاويز بڻجي رهجي وڃي ٿو افسوس جو ملڪ جي حڪمرانن لاءِ تعليم هميشه تقريرن جو موضوع ته رهي آهي پر قومي ترجيح ڪڏهن به نه بڻجي سگهي آهي تعليم بابت سڀ کان وڌيڪ افسوسناڪ حقيقت اها آهي ته پاڪستان مسلسل تعليم تي دنيا جي سفارش ڪيل حد کان تمام گهٽ خرچ ڪري رهيو آهي گڏيل قومن جو چوڻ آهي ته مجموعي قومي پيداوار جو گهٽ ۾ گهٽ چار سيڪڙو تعليم تي خرچ ٿيڻ گهرجي جڏهن ته پاڪستان ۾ اهو انگ سالن کان هڪ يا ڏيڍ سيڪڙو جي وچ ۾ ڦرندو رهيو آهي هاڻي ته اهو هڪ سيڪڙو جي ويجهو پهچي ويو آهي اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن لکين ٻار تعليم کان محروم رهن ٿا ته اُن تي حيرت ٿيڻ نه گهرجي اصل حيرت ته اُن ڳالهه تي ٿيڻ گهرجي ته حڪمران ايتري گهٽ سيڙپڪاري باوجود بهتر نتيجن جا دعويدار ڪيئن بڻجن ٿا. تعليمي بحران جا سبب صرف مالي کوٽ تائين محدود ناهن ملڪ ۾ بدانتظامي، ناقص حڪمراني، سياسي مداخلت ۽ غير ذميوارانه منصوبه بندي به هن تباهيءَ جو وڏو ڪارڻ آهي ڪيترن ئي علائقن ۾ اسڪول عمارتن کان محروم آهن. جتي عمارتون موجود آهن اتي استاد ناهن ۽ جتي استاد آهن اتي بنيادي سهولتون ميسر ناهن هزارين اسڪول اهڙا آهن جيڪي عملي طور بند پيل آهن ڪيترن هنڌن تي استادن جون پرتيون به ميرٽ بدران سياسي اثر رسوخ تحت ٿينديون رهيون آهن. جنهن سبب تعليمي معيار مسلسل زوال پذير رهيو آهي غربت کي به ٻار ٻار اسڪول کان ٻاهر ٻارن جي وڏي تعداد جو سبب قرار ڏنو ويندو آهي جيڪا ڪنهن حد تائين درست ڳالهه آهي پر سوال اهو آهي ته غربت جي چڪر کي ٽوڙڻ جو سڀ کان مؤثر ذريعو به ته تعليم ئي آهي جيڪڏهن رياست غريب خاندانن جي ٻارن کي تعليم ڏيڻ ۾ ناڪام رهي ٿي ته پوءِ غربت جي خاتمي بابت سڀئي دعوائون بي معنيٰ بڻجي وڃن ٿيون ساڳي وقت صنفي امتياز ۽ ڇوڪرين جي تعليم بابت منفي سماجي رويا به حڪومتن جي ناڪاميءَ جو ثبوت آهن ڇاڪاڻ ته شعور پيدا ڪرڻ ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ رياست جي ذميواري آهي

صوبائي حڪومتون به پنهنجي ذميوارين کان آجيون ناهن پنجاب ۾ لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن جيڪو ملڪ جو سڀ کان وڏو تعليمي بحران آهي سنڌ ۾ سرڪاري اسڪولن جي حالت ۽ تعليم جي معيار بابت سوال سالن کان اٿاريا پيا وڃن بلوچستان ۾ هزارين ٻار اسڪولن تائين پهچڻ کان محروم آهن جڏهن ته خيبرپختونخواهه ۾ جغرافيائي ۽ سيڪيورٽي مسئلا تعليم جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيل آهن هر صوبي وٽ پنهنجا جواز موجود آهن پر نتيجو ساڳيو آهي حقيقت اها آهي ته پاڪستان ۾ تعليمي بحران هاڻي رڳو تعليمي مسئلو نه رهيو آهي بلڪ قومي سلامتي، معاشي ترقي ۽ سماجي استحڪام جو مسئلو بڻجي چڪو آهي، تعليم کان محروم نسل نه صرف بيروزگاري ۽ غربت جو شڪار ٿيندا آهن پر سماجي بيچيني، انتهاپسندي ۽ ڏوهن جي شرح ۾ به اضافو ٿيندو آهي افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ملڪ ۾ روڊن، پلن ۽ وڏن وڏن منصوبن تي ته اربين رپيا خرچ ڪيا وڃن ٿا پر مستقبل جي معمارن تي خرچ ڪرڻ وقت خزانا خالي نظر اچن ٿا هاڻي وقت اچي ويو آهي ته تعليمي ايمرجنسي کي صرف هڪ سياسي نعرو بڻائڻ بدران اُن تي حقيقي عمل ڪيو وڃي تعليم لاءِ مناسب بجيٽ مختص ڪئي وڃي، غيرفعال اسڪولن کي فعال بڻايو وڃي، استادن جي ڀرتي ۽ نگرانيءَ جو شفاف نظام قائم ڪيو وڃي ۽ هر ٻار تائين تعليم جي رسائي يقيني بڻائي وڃي ٻي صورت ۾ هر سال اڍائي ڪروڙ ٻارن جي انگ تي افسوس جو اظهار ڪرڻ ۽ نيون ايمرجنسيون لاڳو ڪرڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو ۽ تاريخ حڪمرانن کي اُن قومي ناڪاميءَ جي ذميواري کان ڪڏهن به آجو قرار نه ڏيندي

راڻا چندر سنگهه سوڍا کي ڀيٽا!

روشن سنڌي

سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ تاريخي ورثي ۾ ڪجهه اهڙيون شخصيتون به شامل آهن جن جي زندگي صرف ذاتي ڪاميابين تائين محدود نه رهي پر اُنهن پنهنجي فڪر، ڪردار ۽ جدوجهد وسيلي سماج تي اهڙا اثر ڇڏيا، جيڪي ڪيترئي وقت گذرڻ باوجود اڄ به زنده آهن راڻا چندر سنگهه سوڍا اهڙين ئي شخصيتن مان هڪ هئا جن نه رڳو سنڌ جي سياست ۾ پنهنجو منفرد مقام ناهيو پر پاڪستان ۾ اقليتي برادرين جي حقن جمهوريت جي مضبوطي ۽ بين المذاهب هم آهنگيءَ لاءِ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو هن کي وفات ڪندي سال گذري چڪا آهن پر اڄ به سندس نالو عزت، وقار، ديانتداري ۽ عوامي خدمت جي علامت طور ياد ڪيو وڃي ٿو

راڻا چندر سنگهه سوڍا جو تعلق عمرڪوٽ پرسان راڻا جاگير جي مشهور راجپوت گهراڻي سان هو سندن والد راڻو ارجڻ سنگهه پاڪستان جي قيام واري تحريڪ ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪندڙ اڳواڻن مان هڪ هو اهڙي سياسي ۽ سماجي ماحول ۾ پرورش ماڻيندڙ راڻا چندر سنگهه ننڍپڻ کان ئي قيادت، خدمت ۽ ذميواريءَ جي جذبن سان آشنا ٿيو والد جي وفات سبب نوجوانيءَ ۾ ئي راڻائپ جي گاديءَ تي ويهڻ سندن لاءِ هڪ وڏو امتحان هو پر هن اُنهيءَ ذميواريءَ کي نهايت تدبر همت ۽ بصيرت سان نڀايو

پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ راڻا چندر سنگهه جو سڀ کان نمايان حوالو سندس اصولي ۽ باوقار سياست آهي اڄ جڏهن سياست تي ذاتي مفادن، موقعي پرستي ۽ اقتدار جي ٻوڙ جا الزام لڳندا رهن ٿا، تڏهن راڻا صاحب جهڙن سياستدانن جي ياد وڌيڪ اهميت اختيار ڪري وڃي ٿي هو اُنهن چند سياسي شخصيتن مان هڪ هو جن پنهنجي سڄي سياسي زندگيءَ ۾ عوام سان سڌو رابطو برقرار رکيو ۽ سندن مسئلن کي پنهنجو مسئلو سمجهيو اهو ئي سبب آهي جو هو چونڊ مهمن دوران روايتي انداز ۾ ووٽ گهرڻ بدران پنهنجي ڪردار، خدمتن ۽ عوامي اعتماد جي بنياد تي ڪامياب ٿيندو هو

راڻا چندر سنگهه جي سياسي سفر جو هڪ اهم پهلو اهو به آهي ته هو پاڪستان جي پهرين غيرمسلم وزيرن مان هڪ هو اُن دور ۾ جڏهن اقليتن جي نمائندگي محدود هئي تڏهن سندن وزارت تائين پهچڻ نه رڳو سندن ذاتي صلاحيتن جو اعتراف هو پر پاڪستان جي سياسي نظام ۾ اقليتن جي شموليت جو به هڪ مثبت مثال هو هن پنهنجي ذميوارين کي ايمانداريءَ سان نڀايو ۽ هر سطح تي عوامي مفادن کي ترجيح ڏنائين

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان سندس سياسي ۽ ذاتي تعلق به پاڪستان جي سياسي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت ڪانپوءِ راڻا چندر سنگهه عوامي سياست جو هڪ مضبوط آواز بڻجي اڀريو هو ڀٽي صاحب جي عوام دوست سوچ ۽ جمهوري فلسفي کان متاثر هو جڏهن ته ڀٽي صاحب پڻ سندس سياسي بصيرت ۽ عوامي اثررسوخ جي اعتراف ڪندڙن مان هڪ هو اهو اعتماد ئي هو جو 1971ع جي جنگ ڪانپوءِ پارٽ لڏي ويل راجپوت خاندانن کي واپس آڻڻ لاءِ سرڪاري وفد جي اڳواڻي راڻا چندر سنگهه جي حوالي ڪئي وئي اها ذميواري صرف هڪ سياسي اڳواڻ کي نه پر هڪ اهڙي شخصيت کي ڏني وئي جنهن تي عوام، حڪومت ۽ متاثر خاندانن کي مڪمل اعتماد هو

راڻا چندر سنگهه صرف اقليتن جو نمائندو نه هو پر هو پاڪستاني قوميت ۽ سماجي هم آهنگيءَ جو علمبردار پڻ هو هن هميشه اهو پيغام ڏنو ته مذهب، نسل يا ذات جي بنياد تي فرق پيدا ڪرڻ بدران سڀني شهرين کي برابر عزت ۽ حق ملڻ گهرجن هن جي سچي سياسي جدوجهد ۾ رواداري، برداشت ۽ گڏيل قومي سڃاڻپ جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو اهڙي سوچ اڄ جي دور ۾ وڌيڪ اهميت رکي ٿي جڏهن دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مذهبي ۽ سماجي ورهاستون وڌي ويون آهن

سندن شخصيت جو هڪ ٻيو قابل تعريف پهلو سياسي شرافت هئي پاڪستان جي مختلف سياسي ڌرين سان تعلق هجڻ باوجود هن ڪڏهن به ذاتي دشمنيءَ يا نفرت جي سياست کي هٿي نه ڏني ذوالفقار علي ڀٽو، بينظير ڀٽو، نواز شريف، غلام مصطفيٰ جتوئي پير صاحب پاڳارو ۽ ٻين ڪيترن ئي سياسي اڳواڻن سان هن جا دوستانا لاڳاپا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته اختلاف باوجود احترام ۽ شائستگي برقرار رکي سگهجي ٿي موجوده سياسي ماحول ۾، جتي برداشت جي کوٽ واضح محسوس ٿئي ٿي اتي راڻا چندر سنگهه جي سياسي روش هڪ مثالي نمونو پيش ڪري ٿي

1990ع جي ڏهاڪي ۾ جڏهن سياسي اختلافن سبب هن پيپلز پارٽي کان الڳ ٿي 'پاڪستان هندو پارٽي' قائم ڪئي، تڏهن به سندس جدوجهد جو محور اقليتي برادرين جي حقن جو تحفظ ۽ قومي سياست ۾ سندن اثرائتي نمائندگي رهيو هن ثابت ڪيو ته اقليتن جي سياست صرف شڪايتن تائين محدود نه هجڻ گهرجي پر ان جو مقصد ملڪي ترقي استحڪام ۽ جمهوريت جي مضبوطيءَ ۾ فعال حصو وٺڻ به هجڻ گهرجي

اڄ جڏهن اسان راڻا چندر سنگهه سوڍا جي زندگيءَ تي نظر وجهون ٿا ته محسوس ٿئي ٿو ته هن جي اصل ميراث سندس سياسي عهدا يا چونڊن ۾ حاصل ٿيندڙ ڪاميابيون نه پر سندس ڪردار، ايمانداري، اصول پسندي ۽ عوام سان محبت آهي هن هڪ اهڙي سياست جو مثال قائم ڪيو جنهن ۾ خدمت، رواداري ۽ اخلاقي قدرن کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي هن جي زندگيءَ مان اهو سبق ملي ٿو ته عوامي نمائندگيءَ جو مقصد صرف اقتدار حاصل ڪرڻ نه پر ماڻهن جي ڀلائي ۽ سماج جي بهتريءَ لاءِ ڪم ڪرڻ آهي

راڻا چندر سنگهه سوڍو جي شخصيت سنڌ جي سياسي تاريخ جو هڪ روشن باب آهي سندس خدمتون نه صرف اقليتي برادرين لاءِ پر سڄي پاڪستان لاءِ هڪ قيمتي سرمايو آهن ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته نئين نسل کي هن جي جدوجهد، سياسي بصيرت ۽ قومي خدمتن کان آگاهه ڪيو وڃي جيئن مستقبل جي قيادت عوامي خدمت، برداشت ۽ اصولن واري سياست کي پنهنجو رستو بڻائي سگهي. راڻا چندر سنگهه جي ياد اسان کي اهو پيغام ڏئي ٿي ته سچائي، ايمانداري ۽ انسانيت جا قدر ئي ڪنهن به شخصيت کي امر بڻائيندا آهن ۽ اُنهن معيارن تي راڻا چندر سنگهه سوڍو بيشڪ هڪ امر سياسي شخصيت طور هميشه ياد رکيو ويندو سندس ياد ۾ هيءَ خراج عقيدت پيش ڪندڙ تيجوير سنگهه سوڍا راجپوت، راڻا همير سنگهه سوڍا، ڪرني سوڍا ۽ پوجا بشنوئي

ايل نينو ۽ آبڪلاڻي



مير اعظم علي ٽالپر

سنڌي ۾ عام چوڻي آهي ته سال ڳري (خراب ٿئي) ته جهڪ ڪري، ماڻهو ڪري ته ٻڪ ڪري ۽ ٻني (زمين) ڪري ته اَڪ ڪري. اِهي ٽئي علامتون آهن اُن ڳالهه جون ته سال ڳرڻ مان مراد آهي هوا، جهڪ مسلسل لڳڻ سان برسات نه وسڻ ساوڪ ۽ گاهه نه ٿيڻ سبب خشڪ سالي ۽ ڏڪار جي حالت پيدا ٿيڻ. ماڻهوءَ جي ٻڪ جو مطلب اجايو ڳالهائڻ، فضول مٿو هڻڻ ۽ ٻني ۾ اڪ ٿيڻ جو مقصد اِهو آهي ته زمين پوک ۽ فصل اپائڻ بدران اَڪ پيدا ڪري ته اها به بيڪار هئڻ جي نشاني آهي.

بهرحال هيءَ تمام پراڻي ڳالهه آهي ته بابا مرحوم سان شايد سال 1963ع هوندو ته بلڙي شاهه ڪريم ۽ ڪورواهه وچ ۾ گهوڙي اسٽاپ وٽ (سٽين ميل) اسان جي ڪٽت ڪيل زمين تي ويٺل هئس. پاسي ۾ ڊنگ تي محمد حسن ترڪ رجسٽرار سنڌ يونيورسٽي جي زمين هئي. اتفاق سان بابا مرحوم ۽ سائين محمد حسن ترڪ جي ملاقات ۾ ڪچهري ڪندي آهي لفظ ٻڌا ته جولاءِ جو مهينو اچي ويو، اڃهو آبڪلاڻي آئي. اُن وقت ته راقم کي جولاءِ ۽ آبڪلاڻي جي ڪا به خبر چار نه هئي، پر ڪجهه سالن ڪانپوءِ معلوم ٿيو ته آبڪلاڻي جو مطلب آبهوا جي تبديلي آهي ۽ اُن ۾ پاڻي درياهه ۾ اچڻ، پاڻي جي وڌڻ جنهن جو اصل بنياد مينهن وسڻ آهي، اُن سان ٻوڏ به ايندي آهي. اُن ڪري آبڪلاڻي جو وقت سنڌ ۾ اپريل ڪانپوءِ جلدي مئي ڪان آگسٽ تائين هلندو آهي. پر هاڻوڪين موسمي تبديلين سبب ڦير گهير ٿي وئي آهي. آبڪلاڻي (آبهوا) climate آهي. هن ۾ رُت ۽ فصل شامل آهن. هن سال اپريل مئي، جُون ۽ تاحال جولاءِ جي پهرين هفتي تائين مسلسل ڏکڻ جي تيز هوا جهڪ هلندي رهي آهي، جنهن جي ڪري (تيز هوا ۽ جهڪ) لاڙ ۾ سارين جي پوکيل فصل کي وڌڻ ۽ سڙڻ ۾ ڪاپاري ڏڪ رسي رهيو آهي. گهڻا سال اڳ جڏهن اسان جو باغ ٻيرن جي وڻن وارو هوندو هو ۽ ٻير مارچ ۾ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ وڻن جي ساليانو ڇانگ ٿيندي هئي، خاص ڪري صوفي ٻيرن جي ۽ هاڻ اها صوفي ٻيرن جي جنس ناپيد ٿي وئي آهي ۽ اُن جي جاءِ تي گولو ٻير اچي ويو آهي. اُن زماني ۾ صوفي ٻير جا وڻ ڇانگيا ويندا هئا ۽ نوان پن تاريون نڪرنديون هيون ته ڏکڻ جي طوفاني جهڪ جيڪا اپريل کان لاڳيتو سانوڻ اچڻ تائين (جولاءِ) هلندي هئي ته اُن جي تيز جهڪ سبب صوفي ٻيرن جي وڻن جا پن ۽ تاريون ڦٽي نه سگهنديون هيون ۽ صفا وڻ هڪ ٽڙ جيان ڏسڻ ۾ ايندا هئا. اُن زماني ۾ موسم جو حال رڳو رات جو ريڊيو تي پوڻي ائين بجي کان ائين تائين پندرهن منٽن وارين اردو خبرن ۾ انور بهزاد، شڪيل احمد يا شميم اعجاز ٻڌائيندا هئا. جنهن ۾ سنڌ لاءِ حيدرآباد، ڪراچي ۽ خيرپور ٻوڙن جا نالا ٻڌايا ويندا هئا. اڄڪلهه نيٽ اچڻ ڪانپوءِ فيس بُڪ تي هر ڪو موسم جو ماهر بڻجي ويو آهي. البته پراڻي زماني ۾ ريڊيو ايران زاهدان تان اردو پروگرام ۾ ڪراچي، لاهور، ڍاڪا ۽ دهلي جي موسم جو به احوال ٻڌايو ويندو هو. نيوز ڪاسٽر شميم اعجاز ريڊيو پاڪستان ڪانپوءِ ريڊيو زاهدان تي پروگرام ڪندي هئي ۽ فرمائش ۾ راقم جو نالو اڪثر وٺندي هئي.

اسان جي پاڙي ۾ برسات جا شوقين ۽ برسات جي معلوماتي ڄاڻ پنهنجي ذهن ۽ لوڪ ڏاهپ موجب راقم جو برادر قربان علي ٽالپر، مامو مير حسن ٽالپر ۽ ٽيون هڪ عزيز حسين بخش ٽالپر ڏيندا هئا. اِهي ٽئي هن وقت سچي دنيا ۾ وڃي چڪا آهن. حسين بخش ٽالپر ناري ۾ زميداري ڪندو هو ۽ ٿر جو به واقف هو ۽ اهو سانوڻ لاءِ هڪ سنڌي چوڻي به ٻڌائيندو هو ته "جيٺ چمڪيا نه پلا، ويساک وٺا نه پلا". مرحوم حسين بخش جي هن ۾ سمجهاڻي اها هوندي هئي ته جيڪڏهن جيٺ واري (هندي بڪرمي) مهيني ۾ رڳو کنوڻ نظر اچي ته به سانوڻ جا مينهن نه وسندا يا گهٽ وسندا. اهڙي طرح سان وري ويساک مهيني ۾ جيڪڏهن برسات پئي ته پوءِ به سانوڻ ۾ بارش نه وسندي يا گهٽ وسندي.

بهرحال هن پراڻي چوڻيءَ ۾ ڪجهه مونجهارو هو سو سائين زرعي ماهر مثل جسڪاڻي صاحب حل ڪري ڏنو. اُن جا وڏا احسان ۽ سائين مثل جسڪاڻي ڪجهه تفصيل به لکي ڏنو ته "ويساک وٺو نه پلو، چمڪيو نه پلو جيٺ" راڄا زُنو نه پلو، پرچيو نه پلو سيٺ". مطلب ته جنهن سال جيٺ جي مهيني ۾ وچ (کنوڻ) ڏسڻ ۾ آئي ۽ ويساک ۾ ڪو وسڪارو ٿيو ته سانوڻ ۾ مينهن تي اثر پوندو، گهٽ وسڻ يا اصل سانوڻ وسي نه ۽ صرف ڏکڻ جي هوا جهڪ طوفاني لڳندي رهي ۽ سمنڊ واري آب ڪچا ڪڪر ڏکڻ کان اتر طرف هلندا رهن ۽ سانوڻي نه ٿئي. اِهو هوندو هو ماضيءَ جي پراڻي زماني جو ايل نينو. سانوڻ جي مينهن لاءِ شاهه لطيف پنهنجي شاعري ۾ به فرمايو آهي. اُن ڪانسواءِ سانوڻ جي لحاظ کان ڪيترائي گانا ۽ فلمون به ٺهي چُڪيون آهن. جيئن سنڌي ۾ 'فلم بادل ۽ برسات'، اردو ۾ 'بن بادل برسات' يا گانا فلم ڪوئل جو 'رم جهم برسات مين تيرا ميرا' فلم 'نصيب اپنا اپنا' جو 'اي ابري ڪرم آج اتنا برس کي گهر آيا مهمان جا نه سڪي' فلم 'امبر' جو 'رم جهم يه پهوارا، گيت گائي ملهار' وغيره مطلب ته برسات جي موسم ٿي اصل ۾ مينگهه ملهار جي مُند آهي. پر جنهن ملڪ ۾ نظام ٺيڪ نه هوندو آتي برسات ٻوڏ آڻي ٿي ۽ تباهي ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن برسات نه ٿي پئي ته عوام پريشان رهي ٿو. برسات جون خبرون به برسات وانگر وسنديون آهن. ڪڏهن سانوڻ پلو وسي ته ڪڏهن گهٽ پلوٽئي. هن سال ايشين ڪلائميٽ به ايل نينو ڪان متاثر آهي، ڪٿي گهٽي برسات ته ڪٿي خشڪ سالي آهي. اڄڪلهه پوري دنيا سخت گرميءَ ڪان متاثر خاص ڪري يورپ وارا ملڪ گرمي ۽ هيٽ ويو ۾ مبتلا آهن. اِهو هڪ عالمي سطح جو مسئلو بڻجي ويو آهي. يورپي ملڪ قدرتي قهر هيٽ آهن ۽ پاڻ کي بيوس سمجهي رهيا آهن. هي گلوبل وارمنگ خطرناڪ آهي هن وقت مٿي جي وارن ۾ پيدا ٿيندڙ خطرناڪ وار جرند وار جيان جيڪو وار ختم ڪري ڇڏيندو آهي. وانگر موسم کي جرند وار جهڙو صديءَ جو طاقتور ترين ايل نينو عالمي موسمياتي ادارن مطابق بحر الڪاهل ۾ تيار ٿي رهيو آهي. اُن ڪري دنيا جا موسمياتي ماهر پريشان آهن. ڊبليو ايم او بقول ته خطِ استوا جي ويجهو گرمي پد وڌيڪ رهندو، اُن ڪري دنيا جي ملڪن ۾ موسمن جي اٿل پٿل ٿيندي رهندي. حالانڪ ايل نينو هڪ قدرتي عمل آهي. اُن ۾ انساني عقل ڪجهه نه ٿو ڪري سگهي. ايل نينو اُن وقت ٺهندو آهي، جنهن وقت بحر الڪاهل ۾ اوپر ڪان اولهه طرف هوائون ڪمزور ٿينديون آهن. هن سال 2026ع ۾ سمنڊ اڳ ٿي گرم آهي. آسٽريليا، انڊونيشيا، ڏکڻ ايشيا گهٽ برسات سبب متاثر آهن ته ڪٿي وري ٻوڏ واري حالت آهي. ايل نينو جو پهريون حملو زمين ڪان اڳ ۾ سمنڊ تي هوندو آهي. سنڌ هڪ زرعي علائقو آهي اُن ۾ گهٽ برسات سان خشڪ سالي ٿيڻ لازمي آهي. جو ته بغير برسات گاهه ۽ ساوڪ نه ٿيڻ سان نقصان آهي ۽ بيوخود پاڻي جي کوٽ آهي. پنجاهه ڪن سال اڳ سنڌ ۾ برساتون گهٽ وسڻ سبب خشڪ ساليءَ جو سال هو ته ٿر ۾ ڏڪار مُنهن ڪڍيو ته ٿر واسين مجبور ٿي بئراج واري پاسي ٿر ڪان سنڌ ۾ لڏپلاڻ شروع ڪئي ته سنڌي اخبارن لکيو ته 'ٿر ۾ خشڪ سالي ڏڪار سبب مسڪين مارواڙن جي لڏپلاڻ شروع' ۽ هئي سال سنڌ ۾ سخت برسات پئي ۽ ٿر ۾ زبردست برسات وٺي ته ٿر واسين جا جونڙا ڊهي ويا ته سنڌي اخبارن لکيو 'ٿر ۾ طوفاني برسات تباهي مچائي ڇڏي، مسڪين مارواڙن جا جهڳا پٽ پئجي ويا، لڏپلاڻ شروع' مطلب ته ٿر هڪ اهڙو علائقو آهي، جتان هر حالت ۾ لڏپلاڻ ٿئي ٿي.

اڄ ڪان 50 سال ڪن اڳ موسم جو ماحول ۽ برساتن جي ٺهڻ ۽ وسڻ جو مزاج اڄڪلهه جي انداز ڪان گهڻو مختلف هوندو هو. اُن زماني ۾ ڪڪر جيڪي مينهن وسائيندا هئا سي زمين ڪان اندازن 12 هزار ميلن جي بلندي تي هوندا هئا ۽ آهي پاڻ ۾ گلجي هڪ وڏو سفر ڪندا هئا ۽ جيئن ڪا برسات سانگهڙ ۽ نوابشاهه ڪان هلندي هئي ته حيدرآباد تائين پهچي ويندي هئي ۽ اُنهن ۾ ڪڪرن جو عجيب نظارو نظر ايندو هو. ٻنپهرن جو ۽ شام جو اتر ۽ اتر ڪنڊ طرف بارش ٺهڻ وارا ڪڪر پيلا ڏسبا هئا جن کي پيلا سنهري ماڙ سڏبو هو ۽ اُنهن جي لس گهاٽي ٿيندي هئي. اتر ڪان ڏکڻ ايندي، ايندي سرمائي رنگ جي ٿي ويندي هئي ۽ مٿي اچڻ سان اُن ۾ خوبصورت اڇا، سفيد ۽ بگا ماڙ ۽ ماڙيون نظر اينديون هيون ۽ ڪارا پٽا طوفان ۽ برسات جا مٿان لڳندا هئا ۽ هيٺ سليٽي رنگ جي وسندڙ برسات ڏسبي هئي ۽ جڏهن اُها اسان جي مٿان ايندي هئي ته سڀ کان پهرين اُن جي تيز وسڪاري جو آواز باغن ۾ ٻيرن جي وڻن مان ٻڌڻ ۾ ايندو هو ۽ شهر مان به شورغل ٻڌبو هو ته پاڙي مان اسان جو عزيز حسين بخش زور سان 'پيچ پيچ' جا نعرا هڻندو هو ته وري ڪو ڪاوڙ مان چوندو هو اي ميان اسان جا گهر ٿا ڊهن توکي لڳي آهي پيچ پيچ جي! حالانڪ برساتون اڄڪلهه به پون ٿيون پر اُنهن جو ٺهڻ ۽ سفر مختصر ٿي ويو آهي. ڪجهه ڪڪر ٺهيا ڪجهه ڪلو ميٽر وٺا پوءِ ختم. مطلب ته اڄڪلهه جا بادل به ماحولياتي اثر ڪان متاثر آهن. هن وقت بنگال ڪان ايندڙ پريشر مهاراشٽر جي ممبئي شهر کي ته ٻوڙي ڇڏيو، ڏکڻ اوپر راجستان ۽ ڏکڻ گجرات ۾ زبردست برسات آهي پر اولهه راجستان سنڌ سان گڏ ٻاڙمير ۽ جسلمير ۾ بارش جو نه وسڻ سنڌ ۾ برسات جو نه اچڻ آهي. گجرات جو بارش وارو اثر سمنڊ ۾ وڃي ٿو ته مهاراشٽر ممبئي به سمنڊ طرف رُخ رکي ٿو ته ڏکڻ اوپر راجستان سان برسات دهلي ۽ پنجاب نڪري وڃي ٿي ۽ سنڌ ۾ مينهن نٿو اچي. گجرات جي ضلعي جهوناڳڙهه ۾ 13 انچ برسات پئي آهي. يعني ڦٽ ڪان مٿي. ساليانه جنتري جهڙو بکرمي سال لاءِ ٽيٺو هوندو آهي، جنهن ۾ هر سال برسات جو احوال لکيل هوندو آهي. هن سال جي برسات جو احوال راقم پهرين آفيس جي پيو ڪمار ڪان پڇيو ته اُن گڏيل نموني سٺي برسات جو ٻڌايو پر ڏکڻ طرف ٿيندي جيئن مهراج گوري شنڪر ٻني سرنڙ مان ٻڌايو ته برسات جو ٻڌائڻ واري علامتي نشاني ٻاڏو مالهي جي گهر ۾. مطلب ته مالهي کي پاڻي گهرجي سو برسات جام آهي. ٻلاڙي جي سواري آهي. تارڙو پکي به آهي. پاڙي جي مهراج تيجومل چيو ته برسات گهٽي آهي پر ڪناري واري پاسي. بهرحال ٽيٺي موجب هن سال برسات سٺي آهي، اُن لاءِ فلم بيوفا جو گانو آهي 'اڪ نجومي ني ڪها هي يه سال اڇا هي' پر ايل نينو ۽ آبڪلاڻي ڪيئن ٺهندا؟

پيپلز پارٽي دل ۾ جايون ڏياري سگهي ٿي!

ذوالفقار خاڪي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي حوالي سان پنجين جولاءِ تي ريڊيو پاڪستان اسلام آباد جي پروگرام "روشن پاڪستان" ۾ ڪمپيئر زويا مسعود کي ياد ڏياريم ته اڄ پنجين جولاءِ تي اسين ايٽمي قوت جي اصل باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي پڻ ياد ڪريون ٿا. تنهن کان پوءِ زويا مسعود پنهنجي پروگرام ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بابت تمام گهڻي معلومات پنهنجي لسنرز سان شيئر ڪئي..! اسلام آباد ريڊيو تان شهيد ڀٽو بابت پروگرام روشن پاڪستان ۾ ڳالهيون ٻڌي احساس ٿيو ته انسان جيڪڏهن قومي خدمت، عوامي ڀلائي ۽ سياست کي ذاتي مفادن کان بالاتر رکي ته اهڙو شخص ڪنهن کان به وسرڻو ناهي. 05 جولاءِ 1977ع کي جيڪڏهن حساب لڳايون ته اڄ اندازً 49 سال گذري ويا آهن پر شهيد ڀٽو بابت عوام جي محبت ڏسي دل تي جڻي ٿي ته پيپلز پارٽي جي اُنهن ليڊرن سان اڄ گفتگو ڪجي، جيڪي ڪنهن مجبور يا بيوس کي ڍم ڪلو اُتي جو ٽيلهو ڏئي سڄو سال پنهنجي اهڙي خدمت لاءِ گيت پيا ڳارائيندا آهن. پيپلز پارٽي جي اهڙن ماڻهن کي ياد ڏيارجي ٿو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن اقتدار ۾ آيو هو، تڏهن هن عوامي سڌارا لاڳو ڪيا هئا، جيڪي ڳڻڻ کان مٿي آهن. راقم الحروف کي بلديه اعليٰ حيدرآباد جي هڪ ليبر ليڊر چندگي لال ٻڌايو هو ته اڳي سينيٽري ورڪرن يعني روڊ رستا صاف ڪندڙ خاڪروب ڏهاڙي تي ڀرتي ڪيا ويندا هئا. سندن منشي جڏهن چاهيندا هئا ته اهڙن ڊيلي ويجز (ڏهاڙيدار) خاڪروبن جون نوڪريون ختم ڪري سگهندا هئا ۽ ڪچي چوپڙي تي حاضر هجڻ جي باوجود غيرحاضر لکي ويندي هئي. بلديه مان سندن پوري ڏهاڙي وڻي، ڪٽوتيون ڪري ڪين ڪجهه پئسا ڏئي، باقي پنهنجي کيسي ۾ وجهندا هئا پر بعد ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن اقتدار ۾ آيو ته هن ڏهاڙيدار خاڪروبن جون نوڪريون پڪيون ڪري، کين پينشن ۽ ٻيون رعائتيون ڏيڻ منظور ڪيون. اُن بعد خاڪروب طبقو خوشحال ٿيو ۽ کين ماهوار پينشن ملڻ سان سندن ٻڍاپي وارو دور پڻ عزت ۽ آبرو سان گذرڻ لڳو.

شهيد ڀٽو بابت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو هڪ ناميارو براڊ ڪاسٽر سيد نور اظهر جعفري ٻڌائيندو هو ته هن ڪيترن ئي سياستدانن سان گڏ ريڊيو انٽرويز ڪيون پر جيڪو انداز ذوالفقار علي ڀٽو جو هو، اهڙو ڪنهن جو به نه هو. بقول سيد نور اظهر جعفري جي ته هڪ ڀيري ٻوڏ آيل هئي ۽ ماڻهن جي زندگي اٿل پٿل جو شڪار بڻجي وئي هئي. هڪ هنڌ ڀٽي صاحب ٻوڏ ستيل ماڻهن جي ميڙ کي خطاب ڪندي پيئڻ لاءِ پاڻي گهريو سندس اسٽاف کيس صاف ۽ شفاف پاڻي آڻي ڏنو. ڀٽي صاحب اهو پاڻي واپس ڪندي چيو ته مونکي پيئڻ لاءِ اهو پاڻي ڏيو جيڪو ٻوڏ ستيل ماڻهو پيئن پيا. اسٽاف کيس هڪ ڏٻي ۾ بيٺل پاڻي گلاس ۾ ڀري ڏنو ۽ ڀٽي صاحب اهو پاڻي پيئندي چيو ته آئون به اهو پاڻي پيئڻ پسند ڪيان ٿو، جيڪو ٻوڏ ستيل ماڻهو پيئن پيا.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جمندي ڄام هو. سندس والد سَر شاهنواز ڀٽو پنهنجي وقت جو وڏو زميندار ۽ رئيس ماڻهو هو. جنهن پنهنجي فرزند ذوالفقار علي ڀٽو کي شهزادن وانگر پاليو ۽ نپائي وڏو ڪيو هو پر ڀٽي صاحب عوامي سياسي تقاضائن کي سامهون رکندي عوامي رنگ ۽ ڍنگ سان سياست ڪري حڪومتون ماڻيون. جيڪڏهن ڪمائي سگهيو ته عوام جي محبت..! پاڪستان پيپلزپارٽي جو نوجوان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري يا سندس پيءُ آصف ڀٽو زرداري جڏهن عوام سان رابطو رکي سندن جائز مسئلا حل ڪرائين ٿا، تڏهن اهو تسليم ڪرڻو ٿو پوي ته اهي پنهنجي والده ۽ نانا وانگر عوامي سياست ڪندڙ جديد عهد جا سجاڳ سياستدان آهن، جيڪي سمجهن ٿا ته زندگي اهائي هوندي آهي، جيڪا عوام جي دل ۾ زنده رهندي آهي. سوال اهو آهي ته ڇا پيپلزپارٽي جي منچ تان سياست ڪندڙ ٻيا اهم عهديدار، اسيمبلي ميمبر ۽ وزير يا صلاحڪار، ڀٽي صاحب جي طرزِ حيات مان سبق سکندي عوام کي ڪو حقيقي رليف ڏئي رهيا آهن. اهو سوال سندن لاءِ اهميت جوڳو هئڻ گهرجي، جو ته عوام جي سامهون شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد محترمه بينظير ڀٽو، صدر آصف علي زرداري ۽ سندس اولاد بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصفه ڀٽو جو ڪردار آهي. اهو ڪردار آئيني وانگر جرڪي ٿو. تنهنڪري پيپلز پارٽي سان واسطو رکندڙ اهم ذميوارن کي گذارش ٿي ڪجي ته ترقياتي منصوبن کي حاصل ڪري اُن مان لاڀ پرائڻ واري ڪِرت مان اوهان بنگلا، موٽرون ۽ بينڪ بيلنس ته برابر ناهي سگهو ٿا پر عوام جي دل ۽ جگر ۾ اوهان جي لاءِ ڪا به جاءِ نهي نه سگهندي. تنهنڪري دنياوي مفادن کان بالاتر ٿي سياست ڪريو. جيئن مثبت انداز ۾ ياد ڪرڻ جي قابل بڻجي سگهو.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

وَسَڻُ آڪِرِيَنِ جَانِ، جَي تُون سِڪِيين مِينهَن،
تَہ هُونَدَ رَاتُو ڏِينهَن، بَسِ بُونِدَنِ ڪَانِ نَہ ڪَرِين.

هوند = جيڪر جيڪڏهن / وَسڻُ = مينهن وسڻ / جانَ / جيئن، جيان.

لطيف سائين هتي اُنهن اکين جي ترجماني ڪندي جيڪي سِڪ وٺديون آهن، آسر وند آهن، جيڪي پنهنجي پيارن، سڄڻن کي ڏسڻ لاءِ اتاوليون آهن. اُنهن جي واپس موٽي پنهنجي ماڳن تي اچڻ جي اميد ۽ آسري ۾ آهن. سندن واٽون نهاريندي لڙڪ لاڙينديون رهن ٿيون، ڳوڙها ڳاڙينديون رهن ٿيون، وسندڙ مِينهن کي مخاطب ٿئي ٿو ته جيڪڏهن تون اُنهن اکين کي ڏسين جي پنهنجي سڄڻن ڪاڻ، پنهنجي محبوبن لاءِ انتظار ڪن ٿيون. اُن انتظار ۽ اوسيئڙي جي توکي کهڙي خبر اُن جي پيڙا ڇا ٿيندي آهي!؟ جيڪڏهن اُنهن آسروند اکين جي حالت پروڙي وٺين ته پوءِ تون به ڏينهن رات وسندو رهين. تنهنجون بوندون به بس ٿي نه ڪن، ڇو ته محبت جي مارين ۽ فراق جي قتيل اکين کي تيسين قرار ٿي ناهي ايندو جيسين هو پرين پسن، دل ٺڏي ٿئي، نيڻ ٺري پون.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ---- 07 جولاءِ

سرمد سنڌي

سنڌي موسيقيءَ جي دنيا ۾ سرمد سنڌيءَ جو نالو ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي هن جا ڳايل قومي گيت ۽ وايون اڄ به سنڌ جي ڪنڊ ۽ ڪڙڇ ۾ مشهور آهن ۽ سندس ڳايل گيتن کي زماني جي دز ڪوبہ نقصان نه پهچائي سگهي آهي خيرپور ميرس جي خوبصورت ڳوٺ پريلوءَ شريف ۾ جنم وٺندڙ هن سريلي سنگيتڪار جي جنم جي تاريخ ڪٿي 7 جولاءِ 1961ع لکي وئي آهي ته ڪٿي وري 7 مئي 1958ع لکي وئي آهي حقيقت هيءَ آهي ته اهي ٻئي تاريخون صحيح آهن اصل ۾ هو 7 مئي 1958ع تي ڄائو هو پر اسڪول جي رڪارڊ ۾ هن جي جنم جي تاريخ 7 جولاءِ 1961ع لکيل آهي هن جو اصل نالو عبدالرحمان ولد حيات علي مغل هو هن مئٽرڪ تائين تعليم پريلوءَ مان حاصل ڪئي ۽ ٽيڪنيڪل ڪاليج خيرپور مان سول ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو هن 1980ع ۾ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ ۾ اسسٽنٽ انجنيئر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ان بعد ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽيءَ ۾ اسسٽنٽ ڪنٽرولر مقرر ٿيو ۽ وفات وقت به انهيءَ ئي عهدي تي ڪم ڪري رهيو هو هن ڪاليج واري زماني کان ڳائڻ شروع ڪيو هن پنهنجي منفرد آواز وسيلي سنڌ جي قومي گيتن کي سڄي سنڌ ۾ مقبول بڻايو هن جيڪي به گيت ڳايا، تن مقبوليت جا رڪارڊ ٽوڙيا "تنهنجي ياد جي ورق آ وير"، "ڪنديس نه سڳري"، "ڳل جي ويران رڻ تي ڪڪر بانورا"، "او قاتل بدلو وٺنداسين" ۽ ٻيا گيت اڄ به اوترائي مشهور آهن جيترا سندس حياتيءَ ۾ مشهور هئا هن کي ٽيليويزن تي سميع بلوچ ۽ ريڊيو تي ڪوثر برڙيءَ متعارف ڪرايو افسوس جو 27 ڊسمبر 1996ع تي بدين مان موٽندي هڪ روڊ حادثي ۾ هيءُ انمول انسان اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

گل محمد زيب مگسي



اڄ مشهور شاعر ۽ عالم مرحوم گل محمد زيب مگسيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 7 جولاءِ 1884ع ۾ بلوچستان جي شهر جهل مگسيءَ ۾ ٿيو ان وقت جي دستور موجب پنهنجي ٽر جي علمن کان ديني ۽ دنياوي تعليم حاصل ڪيائين هو فارسي ٻوليءَ جو وڏو ڄاڻو هو پر ان سان گڏ براهوي، سنڌي، سرائڪي، اردو، گرمڪي ۽ هندي ٻولين تي پڻ عبور حاصل هئس جيتوڻيڪ هو قبيلي جو سردار هو پر انتهائي سادگي پسند، علم دوست ۽ نيڪ انسان هو ان ڪري 1933ع ڌاري سرداري ڇڏي سنڌ جي شهر شهدادڪوٽ جا وڃي اچي وسايئين هن وٽ فارسي سنڌي ۽ ٻين ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود هو سندس فارسي ڪتاب سندس وفات بعد ايراني سفارتخاني جي حوالي ڪيا ويا هو هڪ قادرالڪلام شاعر هو سندس شاعريءَ جي مجموعن ۾ پنج گلدسته زيب (فارسي)، مخمسات زيب (فارسي)، زيب نامه (اردو) ۽ تحفه سنڌ (سنڌي) شامل آهن هن 8 جنوري 1953ع تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو.

عبدالستار بجاڻي



عبدالستار بجاڻي ٽنڊي الهيار جو مشهور سياستدان ۽ سماج سڌارڪ هو هن جو جنم 13 آگسٽ 1950ع تي ٽنڊي الهيار جي مشهور بجاڻي خاندان ۾ ٿيو هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات 1967ع ڌاري ڪئي جڏهن پاڻ اڃا شاگرد هو انهيءَ سال هو پاڪستان پيپلز پارٽي ٽنڊي الهيار شهر جو صدر مقرر ٿيو ان بعد هو سڄي عمر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ساٿي رهيو ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو سبب جيل جون سختيون پڻ برداشت ڪيائين هو ڪجهه عرصو پاڪستان پيپلز پارٽي حيدرآباد ڀوڙن جو صدر پڻ رهيو پاڻ ٽي ڀيرا پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۽ ٽي ڀيرا سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو 1988ع وارين عام چونڊن ۾ سوڀارو ٿيڻ کان پوءِ کيس سنڌ جي ريونيو کاتي جي وزارت جو قلمدان سونپيو ويو هن 7 جولاءِ 2025ع تي وفات ڪئي

شيخ عبدالمجيد سنڌي

اڄ مشهور عالم، سياستدان، صحافي ۽ آزاديءَ واري تحريڪ جي اهم ڪردار شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن 7 جولاءِ 1889ع تي ٺٽي جي هڪ هندو خاندان ۾ اک کولي سندس ڄڻيءَ جو نالو ڄيٺانند هو هو هندو مذهب ۾ ذات پات جي فرق جي خلاف هو 1908ع ۾ هن هندو مذهب ڇڏي اسلام قبول ڪيو ۽ سندس نالو عبدالمجيد رکيو ويو اُنهن ڏينهن ۾ رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ الامين اخبار جاري ڪئي هئي جنهن شيخ عبدالمجيد جي صلاحيتن کي پرکيندي کيس اُنهيءَ اخبار جو ايڊيٽر مقرر ڪيو اڳتي هلي رئيس کيس پنهنجو سياسي صلاحڪار بڻايو هو مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ريشمي رومال تحريڪ جو به هڪ اهم ڪردار رهيو انگريزن کي جڏهن اُنهيءَ تحريڪ جي خبر پئي ته اُنهن ٻين اڳواڻن سان گڏ شيخ عبدالمجيد کي رتناگري جيل ۾ ٽي سال قيد ۾ رکيو جيل مان آزاد ٿيڻ بعد هن انگريزن خلاف جدوجهد جاري رکي جنهن ڪري کيس 1920ع ۾ ٻيهر ٻن سالن لاءِ جيل اماڻيو ويو 1824ع ۾ الوحيد اخبار جو ايڊيٽر مقرر ٿيو هن سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ واري تحريڪ ۾ به ڀرپور ڀاڱو ورتو 1937ع ۾ سَر شاهنواز ڀٽي جهڙي سگهاري سياستدان کي سندس گهرواري تڪ تان شڪست ڏئي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو 1940ع ۾ ڀهريئين ناٽي جو ۽ بعد ۾ تعليم جو وزير ٿيو 1943ع ۾ مسلم ليگ ڇڏي عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيو هو ون يونٽ واري قانون جي خلاف هو ۽ جنرل ايوب جي مقابلي ۾ محترمه فاطمه جناح جي حمايت ڪيائين سياستدان هجڻ سان گڏ هو هڪ وڏو عالم ۽ ليکڪ به هو هن مختلف موضوعن تي 8 ڪتاب لکيائين تاريخ 24 مئي 1978ع تي سندس زندگيءَ جو سفر پورو ٿيو سندس وصيت مطابق کيس مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي پهلوءَ ۾ مڪليءَ ۾ دفنايو ويو.

ليلا جهانگياڻي



ليلا جهانگياڻي پنهنجي دور جي مشهور اداڪاره، صداڪاره ۽ گلوڪاره هئي تاريخ 7 جولاءِ 1937ع تي سنڌ جي سونهاري سرزمين تي جنم ورتائين هن تاريءَ کي ننڍي هوندي ڪان ئي ڳائڻ ۽ اداڪاريءَ جو شوق هو هن هڪ ڊگهي عرصي تائين هندستان جي مختلف شهرن ۾ منعقد ٿيندڙ موسيقيءَ جي محفلن ۽ سماجي تقريبن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو 1966ع ڪان آل انڊيا ريڊيو ۽ دوردرشن تي به ڳائڻ شروع ڪيائين هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي سوين ڊرامن ۾ صداڪاري ۽ اداڪاري ڪئي هن ڪيترن ئي اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاري پڻ ڪئي هن سنڌي فلمن "امي يا ممي" ۽ "ڪير ڪنهنجو" لاءِ فلمي گيت ڳايا ۽ سندس ڳايل ڪلامن جا ڪيترائي البم جاري ٿيا. تاريخ 13 اپريل 2016ع تي هن جي ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

ڊاڪٽر سڪندر منڊرو

اڄ مشهور سياستدان ڊاڪٽر سڪندر منڊري جي جنم جو ڏينهن آهي ڊاڪٽر منڊري جو جنم 7 جولاءِ 1943ع تي ضلعي بدين تعلقي گولارچيءَ جي ڳوٺ منڊري منڊري ۾ ٿيو سندس والد جو نالو ٺارو خان منڊرو هو هن ابتدائي تعليم ڳوٺ اڪري ۽ سيرانيءَ جي پرائمري اسڪولن مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو اڳتي هلي لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز) مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪيائين تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ بدين ۾ پنهنجي ڪلينڪ کوليائين هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت سان ڪئي ۽ سڄي عمر پارٽيءَ سان وفادار رهيو جنرل ضياءَ الحق واري مارشل لا دوران وطن ڇڏي پهريائين آمريڪا ۾ ۽ پوءِ سعودي عرب ۾ پاڻمرادو جلاوطني اختيار ڪيائين هو 1980ع واري ڏهاڪي جي آخر ڌاري وطن موٽيو 1988ع کان وٺي لاڳيتو پنج ڀيرا صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو هو مختلف محڪمن جو صوبائي وزير پڻ رهيو 2018ع ۾ ٽيڪنوڪريٽ سيٽ تي سينيٽر چونڊيو ويو آخر ۾ ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ وڪوڙجي ويو ۽ 11 جون 2022ع تي آمريڪا جي هڪ اسپتال ۾ سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

مختيار انڙ

پيرومل مهرچند آڏواڻي



اڄ مشهور ليکڪ، محقق لسانيات جي ماهر ۽ تاريخ نويس پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن املهه انسان جو جنم 1875 يا 1876ع ڌاري حيدرآباد شهر ۾ ٿيو هن حيدرآباد جي مشن اسڪول ۽ نيول راءِ هيرانند اڪيڊميءَ ۾ تعليم حاصل ڪئي هن عملي زندگيءَ جي شروعات لوڪل ڪاتي ۾ ڊسٽيلري انسپيڪٽر طور ڪئي 1925ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو اڳتي هلي ساڳئي ڪاليج جي سنڌي شعبي جو چيئرمين مقرر ٿيو 1949ع ۾ ڪراچي ڇڏي هندستان جي شهر پوني جا وڃي وسايائين جتي 7 جولاءِ 1950ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو هو گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو هن کي سنڌ جي تاريخ سنڌي ٻولي ۽ ڀٽائيءَ جي شاعريءَ تي عبور حاصل هو هن ڪيترائي ناول ڊراما ۽ مضمون لکيا. گلوڪڊ ٻين ٻولين مان ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي ادب کي وڌايو ويجهايو هن لڳ ڀڳ 40 ڪتاب لکيا، جيڪي سنڌي ادب جو وڏو سرمايو آهن

مولانا گل محمد صديقي

مولانا گل محمد صديقي پنهنجي دور جو وڏو ديني عالم ۽ نيڪ انسان هو هن جي ولادت تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ ترائيءَ ۾ مولانا غلام حسين صديقيءَ جي گهر ۾ ٿي هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ ان کان پوءِ پنهنجي ٽر جي عالمن وٽ ديني تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو هو نقشبندي سلسلي جو وڏو عالم هو هن جيڪي ڪتاب لکيا، تن ۾ "خلفاءِ رسول" ۽ "معراج رسول" شامل آهن هن بزرگ 7 جولاءِ 1977ع تي راهه رباني ورتي

مائي ڀاڳي

اڄ سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره مائي ڀاڳيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي سنڌي لوڪ گيتن جي هن ڪوئل جو جنم 1920ع ڌاري ٿر جي شهر ڏيپلي ۾ ٿيو هوءَ ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي ماءُ سان گڏ شادين مرادين ۾ سنڌي، ڍاٽڪي ۽ مارواڙي ٻولين ۾ سهرا ۽ لوڪ گيت ڳائيندي هئي هن جو والد ونهيل فقير به چڱو ڳائڻو هو ۽ ان ئي مائي ڀاڳيءَ کي موسيقيءَ ۽ ڳائڻ جا ابتدائي گر سيکاريا. 15 سالن جي ڄمار ۾ مائي ڀاڳيءَ جي شادي ٿي ۽ هوءَ پنهنجي ور سان مٺيءَ ۾ اچي رهڻ لڳي 1967ع ڌاري هن پلوءَ ۾ مارئيءَ جي ميلي ۾ ڳايو ته سندس آواز جي جادوءَ هر ٻڌندڙ جي روح کي جهنجهوڙي ورتو. مشهور پروڊيوسر غلام حسين شيخ کيس ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي متعارف ڪرايو سندس پهريون رڪارڊ ٿيل لوڪ گيت "ٿارن مان ترڪي اچي ڇوليون مان ڇلڻ اچي دل ٻاروچل ٻاروچل پئي ڪري" کيس سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مقبول ڪري ڇڏيو ان کان پوءِ هن جيترا به لوڪ گيت ڳايا سي سڀ ٻڌندڙن ۾ مقبول ٿيا. مائي ڀاڳي سنڌ جي اها پهرين لوڪ گلوڪاره هئي جنهن سنڌيءَ سان گڏ ڍاٽڪي ۽ مارواڙي لوڪ گيت عوام تائين پهچايا. خاص طور تي سندس لوڪ گيت "ڪڙي نيم ڪي نيچي" تمام گهڻو مشهور ٿيو مائي ڀاڳيءَ کي ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو جن ۾ حسن ڪارڪردگي ايوارڊ، لطيف ايوارڊ، سچل ايوارڊ ۽ ٻيا به ڪيترائي ايوارڊ شامل آهن هن 7 جولاءِ 1986ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

نثار بزمي جوڻيجو

هن مشهور شاعر جي جنم جي ڏينهن بابت ڪجهه مونجهارا آهن ڊاڪٽر محمد پناهڻ هن جي جنم جي تاريخ 12 جون 1924ع لکي آهي جڏهن ته اياز قادريءَ پنهنجي مشهور ڪتاب "سنڌي غزل جي اوسر" ۾ 12 بجاءِ 13 جون لکي آهي پر سال ساڳيو آهي ٻين ڪيترن ئي ليکڪن ڪٿي 12 جون ته ڪٿي وري 13 جون لکي آهي هو شڪارپور جي ڳوٺ مرزاپور ۾ ڄائو سندس اصل نالو قلندر بخش ولد محمد حسن خان جوڻيجو هو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري 1938ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيائين ساڳئي سال پرائمري استاد مقرر ٿيو 1954ع ۾ ٽيپيداريءَ جو امتحان پاس ڪري پرائمري استاد واري نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي ٽيپيدار مقرر ٿيو سندس شاعري نه فقط ان وقت جي ادبي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻي بلڪ سندس ڪيترائي ڪلام مختلف فنڪارن جي آواز ۾ ريڊيو پاڪستان تي رڪارڊ ٿيا هن سنڌي فلم "ٻيلي" ۽ "سنڌڙيءَ تان صدقي" جا گيت پڻ لکيا شاعريءَ سان گڏ مضمون، ڪهاڻيون، افسانا ۽ ڊراما به لکيائين سندس ڇپيل شاعريءَ جي ڪتابن ۾ "ڪن اکون ڏٺي"، "سنڌڙي"، "وڄن ورڪا"، "عشق نه پڇي ذات"، "تاجدار حرم" ۽ "ٻول نثار بزميءَ جا" شامل آهن هن جي ڊرامن جي مجموعن ۾ "بيداري" ۽ "غريبن جي آهه" شامل آهن تاريخ 7 جولاءِ 2000ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

اميد خيرپوري



اڄ سنڌ جي پلوڙ شاعر اميد خيرپوريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 14 آگسٽ 1929ع تي خيرپور ميرس ۾ ٿيو سندس اصل نالو امداد علي ولد زوار علي مراد جملي هو هو پوليس کاتي جو ملازم هو ۽ هيڊ ڪانسٽيبل طور رٽائر ٿيو هن 15-16 سالن جي عمر ۾ شاعري شروع ڪئي شاعريءَ ۾ عطا محمد حامي سندس استاد هو هن جي شاعري سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿي هو مشاعرن جي محفلن ۾ به شوق سان شرڪت ڪندو هو سندس ڪجهه شاعري ريڊيو پاڪستان خيرپور تي مختلف فنڪارن جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل آهي هن 7 جولاءِ 2007ع تي وفات ڪئي

بقايا 1 روزاني عبرت

ڏوهه ڪي هر معقول شڪ کان مٿانهون ٿي قابل اعتماد ۽ ترديد نه ٿيڻ جوڳين شاهدين سان ثابت ڪري. رپورٽنگ لاءِ منظور ٿيل لکت واري فيصلي موجب جسٽس ملڪ شهزاد احمد خان جي سربراهيءَ ۾ 3 رڪني بينچ بلديه ٽائون ڪراچي فيڪٽري کي باهه لڳڻ واري ڪيس ۾ 39 صفحن تي ٻڌل لکت وارو فيصلو جاري ڪندي محمد زبير عرف چريا ۽ عبدالرحمان عرف ٻولا کي بري ڪري ڇڏيو عدالت قرار ڏنو ته بلديه ٽائون فيڪٽري سانحو بيشڪ ملڪ جي تاريخ جي المناڪ ترين واقعن مان هڪ هو جنهن ۾ 264 قيمتي جانيون ضايع ٿيون ۽ درجنين ماڻهو زخمي ٿيا، جڏهن ته اهڙن حساس ڪيسن ۾ به قانون تقاضا ڪري ٿو ته سزا صرف مضبوط ۽ قابل اعتماد ثبوتن جي بنياد تي ڏني وڃي. فيصلي ۾ چيو ويو ته شروعاتي ايف آءِ آر ۾ فيڪٽري مالڪن ۽ انتظاميه کي حفاظتي انتظامن ۾ غفلت جو ذميدار قرار ڏنو ويو هو جڏهن ته تقريبن اڍائي سالن ڪانپوءِ پتو نه ڏيڻ تي فيڪٽريءَ کي ڄاڻي واڻي باهه لڳائڻ جي نئين ڪهاڻي سامهون آئي جنهن کي استغاثه مضبوط شاهدين سان ثابت ڪري نه سگهيو سپريم ڪورٽ قرار ڏنو ته عبدالرحمان عرف ٻولا جو وڌس ورتل عدالتي اعترافي ڏوهه ۽ آزاد ۽ مضبوط شاهدين سان ثابت نه ٿيو جڏهن ته ان جي گرفتاري جي 9 ڏينهن ڪانپوءِ رڪارڊ ڪيو ويو ان دير ۾ ڪابه قبوليت جوڳي وضاحت پيش نه ڪئي وئي عدالت وڌيڪ چيو ته فرانزڪ شاهدين مان اهو ثابت نه ٿيو ته فيڪٽريءَ ۾ باهه لڳائڻ لاءِ ڪنهن ڪيميڪل جو استعمال ڪيو ويو اهڙيءَ طرح سانحي ۾ زخمي ٿيل گواهن به ملزمن خلاف سڌيءَ ريت بيان نه ڏنو جڏهن ته فيڪٽريءَ ۾ لڳل سي سي ٽي وي ڪئميرائن جي رڪارڊنگ به عدالت آڏو پيش نه ڪئي وئي جيڪو استغاثه جي ڪيس ۾ هڪ اهم خال آهي فيصلي ۾ چيو ويو ته ڪنهن به سياسي پارٽي يا ڪنهن به طبقي کي عام طور الزامن يا مفروضن جي بنياد تي ڏوهي قرار نٿو ڏئي سگهجي چاهي ته فوجداري ڪيسن ۾ هر الزام جو ٺوس ثبوت قابل قبول ۽ قانوني معيار تي لهندڙ شاهدين سان فراهم ڪرڻ ضروري هوندو آهي سپريم ڪورٽ قرار ڏنو ته استغاثه ملزمن خلاف ڪيس معقول شڪ کان مٿانهون ٿي ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام رهيس ان ڪري قانون موجب ٻنهي ملزمن کي شڪ جو فائدو ڏيندي بري ڪيو وڃي ٿو

بقايا 2 روزاني عبرت

اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران مقتول جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي ايمبولينس ذريعي سندس گهر کڻائي ويا، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پکڙجي ويو ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي پوليس ٻڌايو ته وارثن موجب: گوٺائي سعيد جکراڻي کي پراسرار نموني گولي لڳي جنهن جي نتيجي ۾ هن دم ڏنو آهي واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون جنهن بعد ڪيس داخل ڪيو ويندو

بقايا 3 روزاني عبرت

پسند ڀاڙا مقرر ڪري غريب پورهيتن شاگردن ۽ مسافرن کي ٻنهي هٿن سان ڦري رهيا آهن ۽ ضلعي انتظاميا سيڪريٽري ٽرانسپورٽ جي حڪم تي عمل ڪرائڻ بدران مجرماڻي خاموشي اختيار ڪري ورتي آهي هنن چيو ته ٽرانسپورٽ ڀاڙن جي هٺڌرمي ۽ واڌ سبب ٽرانسپورٽ عملو مسافرن کان ناجائز ڀاڙو وصول ڪري رهيو آهي ان موقعي تي شاگردن ڊي سي بدين کي درخواست ڏني پر ڊي سي جي غير موجودگي سبب اسسٽنٽ ڪمشنر راجيش دليپ سان ملاقات ڪري درخواست ڏني جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌ حڪومت جي ٽرانسپورٽ کاتي هڪ مهينو اڳ ڪيل حڪم نامي موجب اي سي بسن جو ڀاڙو في ڪلوميٽر 3 رپيا 80 پئسا ۽ اي سي ويئن جو ڀاڙو 3 رپيا 50 پئسا مقرر ڪيو آهي حڪم نامي موجب بدين کان ڪراچي جو ڀاڙو 802 رپيا ۽ بدين کان حيدرآباد جو ڀاڙو 385 رپيا ٿئي ٿو پر ٽرانسپورٽ مافيا اڃا تائين حيدرآباد لاءِ 500 کان 550 رپيا ۽ ڪراچي لاءِ 1400 کان 1500 رپيا ورتو پيو وڃي جيڪو سرڪاري جي حڪم جي ڪليل ڀڃڪڙي آهي درخواست ۾ وڌيڪ ڄاڻايو ويو آهي ته پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائي باوجود ڀاڙا گهٽ نه ڪيا ويا آهن جنهن سبب شاگردن مريضن مزدورن ۽ روزانو سفر ڪندڙ ماڻهن تي اضافي مالي بار پئجي رهيو آهي هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سيڪريٽري ٽرانسپورٽ ۽ ٻين وارن کي اپيل ڪئي ته سنڌ سرڪار پاران اعلانيل ڀاڙن تي عمل نه ٿيڻ تي پاڻ مرادو نوٽيس وٺي ٽرانسپورٽ مافيا خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 4 روزاني عبرت

ڪارروائي ڪندي لاش کي ڪئنال مان ڪڍي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ۽ ضروري قانوني ڪارروائي بعد پوسٽ مارٽم ۽ سڃاڻپ لاءِ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو. پوليس موجب لاش وٽان اهڙي ڪا به شيءِ هٿ نه آئي جنهن جي بنياد تي سندس سڃاڻپ ٿي سگهي لاش کي سول اسپتال خيرپور جي مرده خاني ۾ رکيو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت مختلف رخن کان جاچ جاري آهي پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد ئي موت جي اصل سببن بابت ڪجهه چئي سگهجي ٿو پوليس فوتي جي سڃاڻپ لاءِ ڀرپاسي جي ٿاڻن سان به رابطو ڪري رهي آهي جيڪڏهن ڪنهن جو ڪو وارث يا مائٽ گم هجي ته هو سول اسپتال خيرپور يا لاڳاپيل پوليس اسٽيشن سان رابطو ڪري سگهي

بقايا 5 روزاني عبرت

عدالتي حڪم تي ضلعي انتظاميه طرفان وفاق ۽ صوبائي حڪومت طرفان نئين ٺهندڙ ٽنڊوآدم کو ٽنڊوالهيار روڊ تي حددخلين هٽايون ويون حددخلين هٽائڻ دوران ماڻهن ۽ پوليس ۾ ڇڪريون ٿي پيون جنهن بعد پوليس پاران 4 ڄڻن کي گرفتار ڪري اي سيڪشن ٿاڻي منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ڪارروائي دوران ضلعي انتظاميه سان گڏ پوليس جو وڏو انگ موجود هئا ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر بابر صالح راهوپوٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان گهر مالڪن ۽ دڪاندارن کي نوٽيس ڏنا هئا ۽ اهي ماڻهون عدالت ۾ ويا جنهن بعد عدالت سڳوري هڪ مهيني جو وقت ڏنو هو ۽ مذڪوره ماڻهن حددخلين نه هٽايون ۽ هاءِ عدالت ڪين غيرقانوني قرار ڏئي بنادير حددخلين هٽائڻ جو حڪم ڏنو آهي هن چيو ته اسان عدالتي حڪم تي حددخلين هٽائي رهيا آهيون ماڻهن انتظاميه سان مزاحمت ڪئي جنهن تي 4 ڄڻن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي انتظاميه پاران ماپ ڪري نشان لڳائي ڏنا آهن ڪنهن سان به ناانصافي نه ٿيندي ٻئي پاسي شهرين ڏانهيندي چيو ته عدالت نقشي مطابق ڪارروائي ڪرڻ جو چيو آهي پر ضلعي انتظاميه اسان سان ناانصافي ڪري رهي آهي اسان وٽ سمورا ڪاغذات موجود آهن تعمير ٿيندڙ روڊ سٽي سروي ۾ به موجود ناهي انتظاميه هڪ طرف آپريشن ڪري اسان جا رجسٽري وارا گهر ۽ دڪان ڊاهي رهي آهي اسان کي عدالتن مان اميدون آهن بناجواز تنگ ڪيو پيو وڃي

بقايا 6 روزاني عبرت

پورهيت مل اندر پنهنجي ڪم ۾ مصروف هو ته ان دوران ٽرڪ ڊرائيور لوڊنگ لاءِ ٽرڪ ريورس ڪري رهيو هو جنهن دوران ٽرڪ عبدالماجد مهر سان ٽڪرائجي وئي پوليس موجب ٽرڪ جي ٽڪر لڳڻ سبب عبدالماجد مهر موقعي تي ئي فوت ٿي ويو واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي تعلقا اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيس جتي ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. وارث فوتي جو مڙهه سندس اباڻي شهر روهڙي کڻائي ويا، جڏهن ته پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

اهڙن واقعن مان سبق سکندي جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ قانون جي حڪمراني جي حفاظت لاءِ متحد رهڻ گهرجي. احتجاج ڪندڙ وڪيلن مطالبو ڪيو ته ملڪ ۾ هميشه آئين ۽ جمهوريت کي اوليت ڏني وڃي، عوام جي ووٽ جي تقدس جو احترام ڪيو وڃي ۽ غير جمهوري قدمن جي هر صورت ۾ مزاحمت ڪئي وڃي

بقايا 8 روزاني عبرت

وزيرن واعدو ڪيو ته اوهان کي جلد حق ڏنو ويندو پر هن مهل تائين اڃا ڪجهه به نه ٿيو آهي بيروزگاري سبب اسان پريشان حال آهيون اسان جا معصوم ٻار فاقاڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن اسين سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ايم پي اي جميل احمد سومرو علي خورشيدي ۽ اسپيشل ڪاميٽي جي اڳواڻي ڪندڙن کي

اپيل ڪريون ٿا ڏهه جولاءِ تي ٿيندڙ فيصلي ۾ 2013 جي پاس اميدوارن کي ڪنهن به حالت ۾ شامل ڪري اسان کي آفر آرڊر جاري ڪري اسان جي بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 9 روزاني عبرت

جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ عوام جي حڪمراني جي حق ۾ پنهنجي پختي عزم جو اظهار ڪيو ان موقعي تي خطاب ڪندي مقررن چيو ته 5 جولاءِ 1977ع پاڪستان جي تاريخ جو اهو ڪارو ڏينهن آهي جڏهن عوام جي مينڊيٽ، آئين ۽ پارلياماني جمهوريت تي شب خون هنيو ويو هنن چيو ته آمريت نه رڳو جمهوري ادارن کي ڪمزور ڪيو پر ملڪ جي سياسي معاشي ۽ سماجي ترقي جي سفر کي پڻ سخت متاثر ڪيو مقررن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هر دور ۾ آمريت خلاف بهادري سان جدوجهد ڪئي آهي ۽ جمهوريت، آئين ۽ عوام جي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ بي مثال قربانيون ڏنيون آهن پارٽي جي قائدن ۽ ڪارڪنن جي جدوجهد ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوامي حڪمراني آئين جي سربلندي ۽ جمهوري قدرن جي مضبوطي لاءِ اڳڀري رهي آهي هنن پنهنجي عزم کي ورجائيندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ ۾ جمهوريت جي استحڪام آئين جي بالادستي ۽ عوام جي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجي سياسي ۽ جمهوري جدوجهد هر حال ۾ جاري رکندي

بقايا 10 روزاني عبرت

امڪان پڻ ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ان کان علاوه سنڌ آبادگار بورڊ هاٿوڪي منڊ کي انهن لاءِ انتهائي هاڃيڪار قرار ڏئي ڇڏيو آهي

بقايا 11 روزاني عبرت

تماشائي بڻيل آهي هڪ ئي ڏينهن ۾ ڦر ۽ چوريءَ جون ٻه ڌار ڌار وارداتون ٿيون ۽ چور آسانيءَ سان فرار ٿي ويا، پهرين واقعي ۾ قومي شاهراهه تي واقع حاجي عبدالله شيخ آٽا چڪي تي ٽن نامعلوم موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن جي ڪاهه ڪري آٽا چڪي مالڪ هدايت الله شيخ کي يرغمال بڻائي، سندس کان هٿيار جي زور تي پنجويهه هزار روڪ رقم موبائل فون ۽ پرس ۾ پيل ڪجهه اهم دستاويز ۽ ڪاغذات ڦر ڪري فرار ٿي ويا، ٻئي پاسي رضا ڪالونيءَ مان بيصر علي شاهاڻي جي چائنا موٽرسائيڪل ماڊل 2017ع نامعلوم چاٻي چور ڪاهي فرار ٿي ويا، جنهن بعد مالڪ جا ٻئي هٿ مٿي تي اچي ويا، رابطو ڪرڻ تي متاثرين ٻڌايو ته اسان جي شهر راڻي پور ۾ تمام گهڻي بدامني آهي روز به روز چوريون ڦرون ڌاڙا روز جو معمول بڻيل آهن پر انتظاميه ٿلها آسرا ڏئي رهي آهي هدايت □ شيخ وڌيڪ ٻڌايو ته اسان کي هڪ دفعو ڪجهه ڏينهن اڳ به ڦريو ويو هو ان جو به ڪو تدارڪ نه ٿيو وري اڄ ٻيهر ڦرجي ويا آهيون اسان ڪم ڪري رهيا هئاسين ته نامعلوم نقاب پوش ماڻهون هٿيارن سان مشين ۾ اندر داخل ٿي هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري فرار ٿي ويا اسان سان انصاف ڪيو وڃي اسين غريب مزدور دڪاندار آهيون ٻنهي واقعن جو ڌار ڌار اين سيون

پڻ راڻي پور ٿاڻي تي داخل ڪيون ويون آهن

بقايا 12 روزاني عبرت

ڪري سگهجي هن چيو ته ڪنهن به اداري جي لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي ۽ سيپڪو لاڳاپيل کاتا پاڻ ۾ مڪمل رابطي ۽ هم آهنگي سان پنهنجون ذميواريون نڀائين هن اها به هدايت ڪئي ته امڪاني مون سون برساتن کي نظر ۾ رکندي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ٽائون ڪميٽي پٽ شاهه طرفان اڳواٽ انتظام مڪمل ڪيا وڃن

بقايا 13 روزاني عبرت

ڪيو مظاهرين انصاف چوڪ کان پريس ڪلب نوشهروفيروز تائين ريلي ڪڍي، جنهن ۾ اين ٽي ايس پاس اميدوارن شرڪت ڪئي ريلي دوران شرڪت ڪندڙن آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ پنهنجي مطالبن جي حمايت ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايو ان موقعي تي مظاهرين چيو ته اين ٽي ايس ٽيسٽ ڪاميابي سان پاس ڪرڻ باوجود ڪين اڃا تائين آفر آرڊر جاري نه ڪيا ويا آهن جنهن سبب هو سخت ذهني پريشاني ۽ معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته حڪومت بنا دير اين ٽي ايس پاس اميدوارن کي تعليم کاتي ۾ مقررين ڏئي مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا جلد تسليم نه ڪيا ويا ۽ آفر آرڊر جاري نه ٿيا ته سنڌ ڀر جا اين ٽي ايس پاس نوجوان گڏجي سنڌ اسيمبلي آڏو ڌرڻو هڻندا ۽ پنهنجي حقن جي حاصلات تائين احتجاج

جو سلسلو جاري رکندا

بقايا 14 روزاني عبرت

صحافين سان مسئلا پيش اچن ٿا اسان اهو ٽيليفون ذريعي حل ڪرايون ٿا اگر ڪٿي ڪنهن صحافي سان ڪا وڏي زيادتي ٿئي ٿي ته اسان انهن صحافين سان شريڪ ٿي صحافين کي تحفظ ڏيارينداسين. هنن چيو ته صحافي پنهنجي قلم سان انهن بدعنوان ڪامورن خلاف لکندا رهن اگر ڪنهن بدعنوان ڪاموري صحافي جو رستو روڪيو ته ان بدعنوان ڪاموري خلاف ڪارروائي ڪرائڻ لاءِ ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 15 روزاني عبرت

هيلٿ سينٽر گهارو آندو ويو آهي جتي فوتي جي سڃاڻپ ٿي ناهي سگهي ٻڌايو پيو وڃي ته وين ڪراچي طرف وڃي رهي هوئي ۽ ڪار ٺٽو طرف اچي رهي هوئي ته حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو پوليس وڌيڪ جاچ جاري ڪري ڇڏي آهي

بقايا 16 روزاني عبرت

منصفاڻي فراهمي متاثر ٿي رهي آهي هنن اهو به الزام هنيو ته روٽيشن دوران واٽر ڪورسز تي عارضي رڪاوٽون وجهي پاڻي جي ماپ وڌيڪ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي

بقايا 17 روزاني عبرت

ڪرائڻ جا الزام خبر موجب ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ دريا خان ڏالير جو رهواسي 45 ساله يوسف ڏالير ميرپورخاص سينٽر جيل ۾ پرسرار نموني فوت ٿي ويو جڏهن ته فوتي کي جهيڙي جي ڪيس ۾ بي سيڪشن ٿاڻي تان ميرپورخاص سينٽر جيل ريمانڊ لاءِ منتقل ڪيو ويو هو جتي هو فوت ٿي ويو ٻئي پاسي فوتي جي وارث عورتن ٻارن معصوم ٻارڙن سان گڏ ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي فوتي جي گهرواري پاڳيري ڏالير ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته منهنجي مڙس کي اسان جي برادري جي بااثر ماڻهن ڪوڙا الزام هڻي گرفتار ڪرائي بيگناهه قتل ڪرايو آهي اسان غريب آهيون اسان جي ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي هن چيو ته منهنجو مڙس بيگناهه هو جنهن جي اڄ ضمانت ٿي هئي ڪيس وٺڻ لاءِ وياسين ته سندس فوتگي جي خبر ملي آهي مڙس تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڦاسايو ويو پوليس هٿان مڙس کي قتل ڪرائي هاڻ پوليس مڙس جو لاش به نٿي ڏيکاري پوليس موجب فوتي تي هڪ مهينو اڳ جهيڙي جو ڪيس داخل ٿيو هو جنهن کي ڪجهه ڏينهن اڳ ريمانڊ تي ميرپورخاص سينٽر جيل منتقل ڪيو هو جتي هو بيمار ٿي پيو ۽ علاج دوران فوت ٿي ويو آهي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويندو

بقايا 18 روزاني عبرت

طور جعلي پوليس مقابلي ۾ زخمي ڪيو ويو وارثن جو چوڻ هو ته ٻنهي بيگناهه نوجوانن سان ٿيل مبينا زيادتين سبب سندن خاندان سخت ذهني اذيت ۽ پريشاني ۾ مبتلا آهن هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، مبينا طور ملوث پوليس اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪيا وڃن

معاشر نوجوانن کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

بقايا 19 روزاني عبرت

پوليس کي ڏنو پر ايس ايڇ او ٻهارو چيو ته هن مهل ٿاڻي تي ڪير به ناهي شام جو اچجان ته تنهنجي اين سي درج ڪنداسون سبزي وڪرو ڪندڙ پورهيت ايس ايڇ او جي اهڙي رويي تي ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي ڦر ٿيل روڪ رقم ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 20 روزاني عبرت

سول اسپتال نوشهروفيروز منتقل ڪيو ويو فوتي نوجوان جي سڃاڻپ ڪامران ولد شاهد چانڊيو طور ٿي آهي وارثن الزام هنيو آهي ته ڳوٺ جي هڪ بااثر شخص منٺار چانڊيو سندن پٽ ڪامران چانڊيو تي سرڻ سان حملو ڪيس جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو وارثن موجب نوجوان زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو پوليس ۽ اسپتال ذريعن موجب فوتي جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال نوشهروفيروز منتقل ڪيو ويو جتي ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو جڏهن ته پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي واضح رهي ته حملي بابت الزام وارثن طرفان هنيا ويا آهن جن جي لاڳاپيل اختيارين طرفان اڃا تائين باضابطه تصديق يا ترديد سامهون نه آئي آهي جڏهن ته لاش

گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 21 روزاني عبرت

ڪان معلوم ٿيو بدين شهر جي پڊي روڊ تي معصومن جي قبرستان لڳ گهرن اندر غير قانوني طور ڊوائس هلائي رهيا آهن جيڪي مستحق عورتن جي رقم مان 2 هزار کان 3 هزار جي ڪٽوتي ڪري رهيا آهن ان ڏس ۾ متاثر عورتن مسمات ميرزادي شهر بانو ۽ ٻين صحافين آڏو دانهيندي چيو ته مذڪوره گهرن اندر غير قانوني طور ڊوائس هلائيندڙن سندن بي ڪارڊن مان رقم مان 45 سئو رپيا ڪٽوتي ڪئي جڏهن اڪائونٽ کولڻ جي نالي تي 5 سئو رپيا وٺڻ باوجود اڪائونٽ نه کوليو آهي هنن چيو ته مذڪوره ماشا خورن جو مستحق عورتن سان اڏنگو رويو هوندو آهي

بقايا 22 روزاني عبرت

رڪيل رقمن جي حوالي سان غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ مختلف ضلعن کان آيل ليڪيدارن شرڪت ڪئي

بقايا 23 روزاني عبرت

ڪروڙ 90 لک شامل آهن جڏهن ته آمدني مان خرچ ڪيڻ بعد 147,62,47 47 لک 62 هزار شامل ڪيا ويا آهن

بقايا 24 روزاني عبرت

جي رهواسين مليرانڊس هاءِ وي بند ڪري ڇڏيو ٽائرن کي باهيون ڏنيون ويون

بقايا 25 روزاني عبرت

يرغمال بڻائي 15 هزار روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع عام

پاران منقولهنعيم سجاد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد وريلم شناختي ڪارڊ نمبر 4520679337751 درخواست وصول ٿي آهي. جاٽايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. حليمان بي بي (زوج) 2. ثناء پروين (ڌيءَ) 3. عامر رضا (پٽ) 4. نعيم سجاد (پٽ) 5. مصرت (ڌيءَ) جينن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA THARI MIRWAH ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهشانستا /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم نصير احمد شناختي ڪارڊ نمبر 4420201221135 درخواست وصول ٿي آهي. جاٽايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شانستا (زوج) 2. حامد (پيءُ) 3. حڪيمان (ماءُ) جينن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA KHIPRO ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهآفاق احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عرب علي خان شناختي ڪارڊ نمبر 1620290687053 درخواست وصول ٿي آهي. جاٽايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ريدا (ڌيءَ) 2. ريشمان بيگم (ڌيءَ) 3. سيما (زوج) 4. اشفاق احمد (پٽ) 5. آفاق احمد (پٽ) 6. شهزاد احمد (پٽ) جينن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA RAZZAR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهسفير عباس شاهه /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم مسمات سردار بي بي شناختي ڪارڊ نمبر 4520328391400 درخواست وصول ٿي آهي. جاٽايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سفير عباس شاهه (پٽ) 2. حديثه زهرا (ڌيءَ) 3. نويده بيبي (ڌيءَ) 4. بي بي عظمه رباب (ڌيءَ) جينن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA KHAIRPUR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهسلميٰ ياسين /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد ياسين شناختي ڪارڊ نمبر 4250169444305 درخواست وصول ٿي آهي. جاٽايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. اقراء راني (ڌيءَ) 2. عابده راني (ڌيءَ) 3. انمول راني (ڌيءَ) 4. ندا راني (ڌيءَ) 5. محمد علي (پٽ) 6. عابد علي (پٽ) 7. سلميٰ ياسين (زوج) 8. حيدر علي (پٽ) 9. ڪرن راني (ڌيءَ) جينن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ KARACHI EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد فهيم /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم فقير محمد شناختي ڪارڊ نمبر 4230110307233 درخواست وصول ٿي آهي. جاٽايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نسرين (زوج) 2. محمد رحيم (پٽ) 3. محمد فهيم (پٽ) 4. ارم (ڌيءَ) 5. ثمرين (ڌيءَ) 6. محمد ابراهيم (پٽ) 7. امبرين (ڌيءَ) 8. محمد طيب (پٽ) 9. بي بي ثليان (ڌيءَ) جينن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهريحان احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم حاجيه نور جهان شناختي ڪارڊ نمبر 4220104265504 درخواست وصول ٿي آهي. جاٽايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ريحان احمد (پٽ) جينن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهاحسن علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم بشير احمد ابڙو شناختي ڪارڊ نمبر 4530258244021 درخواست وصول ٿي آهي. جاٽايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. محسن علي (پٽ) 2. جميل احمد (پٽ) 3. جاويد احمد (پٽ) 4. حميران (ڌيءَ) 5. احسن علي (پٽ) جينن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA KANDIARO ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهسلطان احمد خان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم شميم اختر شناختي ڪارڊ نمبر 4540286432022 درخواست وصول ٿي آهي. جاٽايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سلطان احمد خان (زوج) 2. گل ناز (ڌيءَ) 3. ذوالفقار علي (پٽ) 4. نور ناز (ڌيءَ) 5. ناهيد ناز عرف امده (ڌيءَ) 6. اسماء (ڌيءَ) 7. محمد عمران (پٽ) 8. افتخار علي (پٽ) 9. امير (ڌيءَ) 10. نعمان احمد (پٽ) جينن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA EXECUTIVE SHAHEED BANIZERABAD ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمجيد سيال /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم شفقت حسين شناختي ڪارڊ نمبر 3130327849557 درخواست وصول ٿي آهي. جاٽايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ڪومل حسين (ڌيءَ) 2. مومل حسين (ڌيءَ) 3. ثمينه مجيد سيال (زوج) جينن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA EXECUTIVE DHARKI ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهغوثيه سهيل خان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سهيل عزيز خان شناختي ڪارڊ نمبر 4220161619409 درخواست وصول ٿي آهي. جاٽايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. غوثيه سهيل خان (زوج) 2. سحرش سهيل خان (ڌيءَ) 3. شهزر سهيل خان (پٽ) جينن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA MEGA , NORTH NAZIMABAD ONEAPP

اطلاع عام

